جام جم

شمس الدین
"بلبل"

Gul Hayat Institute

تصانيف شمس الدين بلبل ـ ١

جام جم

مرتب

غلام محمد گرامي

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ

١٩٧٧ع

سمورا حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن

پهريون ايڊيشن: ڊسمبر 1977ع ڳاڻيٽو: هڪ هزار

س. ا. ب. ڪتاب نمبر: 260

قيمت: آٺ رپيا

[Price: Rs. 8.00]

S. A. B. Publication No: 260

Gul Hayat Institute

JAM-E-JUM (Jamshed's Cup): Selected Editorials from Weekly 'Aftab-e-Sind' (Sindhi), Sukkur, during 1918.

Written by: Shamsuddin "Bulbul".

Compiled by: Ghulam Muhammad 'Girami'.

Published by: Sindhi Adabi Board.
P. O. Box 12. Hyderabad Sind, Pakistan.

First Edition: 1977.

فهرست

ـ مقدمو	ـ غلام محمد گرامي	1-78

متن

(1) مسلمانن جي نڏڪي حالت ۽ هوم رول جي هلچل	81
(2) شروعات	86
(3) چوپڙي 'هند واسي'	88
(4) مسلمان هوم رول جي ڇو مخالف آهن	94
(5) جيڪي مسلمان هوم رول جي موافق آهن، تن جا ٽي قسم آهن	100
(6) نبيءَ جي آل ۽ اُمت	102
(7) هندن جي مسلمانن سان افسوسناڪ هلت جا ڪي ٿورا مثال	112
(8) مسٽر گوکلي جي اسڪيم ۽ اصلاح	119
(9) سنڌ جي مسلمانن جو عوامي آواز (انگريزيءَ ۾ ضميمو)	7-1

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

هن ڪتاب جا شروعاتي 4 صفحا ۽ ڪوَر سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، تلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيا ۽ باقي مواد 154 صفحا اسٽار پرنٽرز، پائي خان چاڙهي حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيا ۽ ظفرحسن [illegible] ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

مقدمو

’جام جم‘ مرحوم شمس الدين بلبل جي صحافي فن جو هڪ تاريخي يادگار آهي، جنهن ۾ ’آفتاب سنڌ‘ اخبار ۾ آيل آهي ايڊيٽوريل آهن، جي هوم رول تحريڪ ۽ سنڌ جي مسلمانن جي حقن ۽ مطالبن جي حفاظت لاءِ، 1918ع ڌاري لکيا ويا آهن.

بر صغير هند و پاڪ جي سياسي تاريخ جا ڄاڻو، 1857ع کان 1920ع تائين جي هنگامه خيز ۽ ڪشمڪش واري سياسي دور کان واقف آهن. ان دور ۾ اڳتي هلي ملڪ کي آزاد ڪرائڻ جي سلسلي ۾ هندن ۽ مسلمانن طرفان ڪيئي تحريڪون پيدا ٿيون، جهڙوڪ هوم رول تحريڪ (1916ع)، ڪانگريس، هندو مهاسڀا ۽ مسلم ليگ وغيره.

’بلبل‘ جي پر آشوب دور ۾، هوم رول تحريڪ جي آڙ ۾، مسلمانن جي مستقل تهذيبي ۽ سياسي حيثيت کي نظرانداز ڪرڻ جي پاليسي اختيار ڪئي ويئي. ان جي خلاف، آفتاب سنڌ ۾ احتجاج ڪيو ويو ۽ دليل دلائل پيش ڪري، مسلمانن کي خبردار ڪيو ويو ته هو دام هم رنگ زمين ۾ نه ڦاسن.

ان سلسلي ۾ ان دور جي سياسي ليڊرن جي خيالات تي پڻ تنقيد ڪئي ويئي، خاص طرح سان رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙيءَ جي راين سان، سخت اختلاف ڪيو ويو آهي، جو هوم رول تحريڪ کي مسلمانن لاءِ نفع بخش قرار ڏئي چڪو هو.

’بلبل‘ مرحوم صاف بيان ڪيو آهي ته هندن ۽ مسلمانن جا باهمي تعلقات نهايت خوشگوار ماحول ۾ گذري سگهن ٿا،

Gul Hayat Institute

پر هندو زيادھ اشتعال انگيز حرڪتون ڪري، مسلمانن کي برغلائن ٿا، ۽ ڪين سبز باغ ڏيکاري، پنهنجو آلہ ڪار بنائن ٿا. هندو، انگريز جي سايہ هيٺ، مسلمانن کي پنهنجو غلام رکڻ گهرن ٿا.

بلبل ان تي بحث ڪيو آهي تہ هندن ۽ مسلمانن جي وڌندڙ باهمي ڪشمڪش جو علاج اهو آهي تہ هندن ۽ مسلمانن جا مذهبي، سياسي ۽ تهذيبي حقوق ۽ مطالبا، جداگانہ نموني ۾ تسليم ڪيا وڃن ۽ جونبون ڌار ڪرايون وڃن. جن صوبن ۾ مسلمانن جي ڪثرت آهي، انهن ۾ ڪين پراونشل آٽانامي ڏني وڃي.

'جام جم' جي ان تاريخي تحرير جي افاديت ۽ اهميت جي پيش نظر، ڪيترن سنڌي محققن، ان تحرير کي پاڪستان جي تشڪيل ۽ تعمير جي تاريخ ۾ اوليت جو شرف بخشيو آهي.

اها حقيقت بيشڪ درست آهي. 'بلبل' صاف طرح بيان ڪيو آهي. 'جام جم' جي ان نصب العين لاءِ مرحوم خادم لاڙڪاڻوي لکي ٿو:

"جام جم جو لکندڙ 'بلبل' پهريون شخص هو، جنهن پاڪستان جو عملي طرح پهريون قدم کنيون پاڪستان لاءِ هي ۽ گويا پهرين صدا هئي. ان وقت جا ليڊر رڳو چند سڌارن ملڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا هئا، تڏهن 'بلبل' جداگانہ قوميت جو آواز بلند ڪيو."
(تقريظ: 'ديوان بلبل' ص 54، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد)

Gul Hayat Institute

اخبار نويسي

'بلبل' سنڌ جو پهريون صحافي آهي، جنهن صحافت

کي فني معراج تي پهچايو. ان سلسلي ۾ هيٺين اخبارن ۽ رسالن جو ايڊيٽر رهيو.

(1) رسالو جامع العلوم، سنڌ مدرسه ڪراچي. (2) ڪراچي گزيٽ ڪراچي. (3) ’خيرخواهه‘ هفتيوار لاڙڪاڻه. (4) ’مسافر‘ هفتيوار حيدرآباد. (5) ’الحق‘ هفتيوار سکر. (6) ’آفتاب‘ سکر.

انهن مان ’خيرخواهه‘ لاڙڪاڻه جو 4 سال ايڊيٽر رهيو ۽ آفتاب سنڌ سکر جو تادم حيات. ازانسواءِ سيهڙ ۾ رهندي، ڪيترين اخبارن جي ايڊيٽريءَ جي آڇ ٿي، پر وطن کان ٻاهر رهي ڪم ڪرڻ لاءِ آماده نه ٿيو اهي اخبارون ۽ رسالا 19 صديءَ جي پوئين اڌ کان 1918ع تائين جي دور جون تاريخي يادگار آهن.

’جام جم‘ اڄ کان اڌ صدي اڳ جي تحرير آهي، ان ڪري ان جي تاريخي حيثيت، مواد جي افاديت ۽ خيالات جي اهميت کان انڪار ڪري نه ٿو سگهجي.

آفتاب سنڌ ۽ ان جا معاصر:

سنڌي اخبارن ۾ ’آفتاب سنڌ‘ کي به تاريخي حيثيت حاصل آهي، ڇاڪاڻ جو ان اخبار ذريعي، مرحوم بلبل نه فقط ان دور جي مسلمانن جي حقن جي حفاظت لاءِ قلمي محاذ ڪڙو ڪيو، پر ان سان گڏ، شگفته تحرير جو به بنياد وڌو، جنهن جو تتبع اڳتي هلي مرحوم مخلص ۽ شمس العلماء قليچ بيگ پارن بزوگن ڪيو.

بقول حافظ عبدالله ’بسمل‘:

”بلبل پهريون ئي اديب آهي، جنهن موجوده سليس نثر نويسيءَ جي طرز ايجاد ڪئي. درحقيقت شمس العلماء مرزا قليچ بيگ صاحب به هن طرز ۾، مرحوم بلبل جو ئي مقلد آهي.....سندس ايڊيٽريءَ ۾ جيڪي اخبارون

شايع ٿيون، انهن ۾ سنڌس پرزور ۽ فصيح ۽ بليغ نثر نويسيءَ جو داد ڏيڻو پوي ٿو. هن کان پوءِ سنڌ ۾ جيڪي به پرزور اخبار نويس ٿي گذريا آهن، جهڙوڪ:- مسٽر عبدالوهاب ايڊيٽر مسافر يا مرحوم شيخ محمد سليمان ايڊيٽر الحق يا مرحوم مخلص ايڊيٽر الامين، سي سڀئي بلبل مرحوم جا مُقلد ۽ خوشه چين آهن."

(تقريظ 'ڪلام بلبل' سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد)

بسمل مرحوم جي راءِ جي مزيد تائيد، سنڌ جي جليل القدر شاعر، اهل قلم ۽ ايڊيٽر مرحوم مخلص به 'ڪشڪول' رسالي ۾ ڪئي آهي. مخلص فرمائي ٿو:

"بلبل مرحوم سنڌ جي مسلمانن ۾ پهريون اخبار نويس هو، پهريون شخص هو، جنهن صحافت جي ميدان ۾ شاعري ڪئي، ۽ هوئي هڪ صحافي هو جنهن پهريان پهريان صحيح معنيٰ ۾ ايڊيٽري ڪئي ۽ موجوده سليس ۽ پر اثر ۽ رنگين مضمون نويسيءَ جو سڪو ڇمايو."

(ديوان بلبل: مقدمه ص 52 سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد)

ساڳي حڪيم فتح محمد سيوهاڻي مرحوم پنهنجي خود نوشت سوانح حيات ۾ لکي ٿو:

"اهو سحارم شخص سنڌ جو مشهور شاعر ۽ اهل قلم 'بلبل' هو، جنهن جي شعر ۽ فن جو شهرو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهتل هو. سنڌس قلم جو زور ضرب المثل هو. مرحوم بلبل جون دلچسپ تصنيفات ۽ اخبارون سنڌ ۾ پنهنجو سڪو ڄمائي چڪيون هيون مرحوم 'بلبل'، پرگو ۽ بديه گو ظريف ۽ صاحب ذوق سليم اديب ۽ انشاء پرداز ۽ صاحب ذوق سليم شاعر هو. سنڌس قلم جون گلڪاريون آفتاب جي صفحن تي ڏسڻ جهڙيون هونديون هيون. ظرافت

Gul Hayat Institute

نگاريءَ جو تہ استاد ہو. سندس ڪلام دلچسپ ۽
دلڪش ہوندو ہو.“
(مهراڻ سہ ماهي 3-1963ع ص 211)

آفتاب سنڌ ۽ سندس فاضل ايڊيٽر رئيس شمس الدين ’بلبل‘ متعلق هن دور جو نامور مورخ ۽ محقق پير علي محمد راشدي، داد ۽ تحسين ڏيندي لکيو آهي:

”اوائل زماني ۾ ئي، آزاد خيال مسلمان طبقي ”آفتاب سنڌ“ جي نالي سان هڪ بي هفتيوار اخبار جاري ڪرائي هئي، جا سنهنجي زماني تائين نيم مرده حالت ۾ ٿلڪندي ٿي رهي. پهرين ڏينهن ۾ چڱو نالو ڪيو هئائين، مرحوم شمس الدين ’بلبل‘ ايڊيٽر هوس. ’بلبل‘ سنڌ اندر، اخبار نويسيءَ ۽ مذاقيہ لٽريچر جو ڏاڍو آدم هو. مون ڪي سندس ديدار ڪڏهن بہ نصيب ڪونہ ٿيو، پر سندس مضمونن ۽ نظمن جو پوريءَ دلچسپيءَ سان مطالعہ ڪندو رهيس.“

پير صاحب تسليم ڪيو آهي تہ آفتاب سنڌ آزاد خيال مسلمانن جي پارٽي نڪتي ۽ بلبل سنڌي صحافت جو ڏاڍو آدم هو.

Gul Hayat Institute

الحق

’آفتاب سنڌ‘ ۽ ’الحق‘ ٻنهي اخبارون پاڻ ۾ لازم ۽ ملزوم هيون.

’الحق‘ اخبار جو بنياد اهن سياسي خيال وارن، انگريز پسند ماڻهن جي باهمي تعاون سان وڌو ويو. ان جو ايڊيٽر شيخ محمد سليمان ٿيو. ’الحق‘ جي پاليسي هڪ طرف انگريزن جي ستائش ۽ ثنا تائين محدود هئي، تہ ٻئي طرف

آزاد خيال ۽ جداگانه سياسي مطالبن ڪندڙ مسلمان گروهه جي خلاف هئي. ٽئين طرف، وشوتخور ڪامورن جي مالي امداد تي ٽڪيندي، ڪامورن جي بيجا خوشامد ۾ مبتلا هئي. 'الحق' جي مالي حيثيت ايتري ته چڱي هئي، جو خيرپور رياست جي ڪن وزيرن پس منظر ۾ رهي، انگريز جي خوشنوديءَ حاصل ڪرڻ لاءِ، هزارن رپين جي امداد ڪئي. جيستائين، مرحوم شيخ محمد سليمان 'الحق' جو ايڊيٽر رهيو، تيستائين 'الحق' جي پاليسيءَ ۾ ڪو به ڦيرو نه آيو. سندس وفات کان پوءِ، جڏهن سندس فرزند شيخ عبدالعزيز ايڊيٽر ٿيو، تڏهن 'الحق' جي پاليسي به بدلائي وئي. شيخ عبدالعزيز نه فقط ڪامورا شاهيءَ جي خلاف احتجاج بلند ڪيو، پر ان سان گڏ انگريزن جي تعريف ۽ ستائش کان به 'الحق' کي بچائڻ ۾ ڪامياب ويو. شيخ عبدالعزيز جي وفات کان پوءِ سندس ننڍي ڀاءُ، شيخ عبدالحڪيم جي دور ۾، 'الحق' پنهنجي آزاد خياليءَ کان دور ٿي ويئي. ٿان جو هڪ رواجي چاروَرقي اخبار ٿائين وڃي بيٺي، جا رڳو سرڪاري اشتهارن جي رحم ۽ ڪرم تي پئي ٽڪيندي هئي.

'الحق' جي اجراءِ ۽ پاليسيءَ تي بحث ڪندي، پير علي محمد راشدي صاحب هن طرح بحث ڪيو آهي:

"مسلمانن مان شيخ سليمان الحق نالي هفتيوار پرچو جاري ڪيو، جنهن جي اجراءِ ۾ مسلمان ڪامورن ۽ خيرپور جي وزيرن جو هٿ هو. علي محمد خان دهلوي، جو بعد ۾ بمبئي ڪائونسل جو ناميارو پريزيڊنٽ بڻيو، 'الحق' جو پهريون ايڊيٽر ٿيو. 'الحق' ڪجهه ڏينهن حيدرآباد مان نڪتي، ۽ پوءِ هميشه لاءِ منتقل ٿي سکر آئي."

Gul Hayat Institute

'الحق' جي آخري دور متعلق، پير صاحب لکي ٿو:

"الحق ان کان پوءِ (شيخ عبدالعزيز بن سليمان) سندس ننڍي ڀاءُ ميان عبدالحڪيم مرحوم جي حوالي ٿي. پر جنهن زماني ۾ آءٌ سکر آيس، ان کان اڳ ئي سندس عمر طبعي پوري ٿي چڪي هئي ۽ فقط سرڪاري اشتهارن ڇاپڻ لاءِ پيئي پساهه کڻندي هئي. هفتي، پندرهين ڏينهن اشتهار آيا پرچو نڪتو، ورنه ٺپو پئو. سون پاڻ ڪجهه وقت ان اخبار ۾ مضمون لکيا ۽ ڪوشش ڪيم ته منجهس دوباره ساهه ڦوڪيان، پر پرچي جي پاليسي هئي، ته وقت جي سرڪار جي ثنا خواني ڪجي، ۽ اشتهار وٺجن. انهن ڏينهن ۾ ڪافي سياسي سجاڳي به اچي چڪي هئي، تنهن ڪري اهڙي پرچي کي همتائڻ لاءِ پبلڪ تيار نه هئي."

(اهي ڏينهن، اهي شينهن 182–183)

"سنڌي" هفتيوار سکر

ان طرح "آفتاب سنڌ" سان مقابلي ۾، سکر ۾، ٻي مشهور اخبار هئي هفتيوار 'سنڌي'، جنهن جو ايڊيٽر مشهور آريه ۽ مهاسڀائي ويرو مل بيگراج هو.

ويرو مل بيگراج هڪ طرف آريه هو ۽ ٻئي طرف مهاسڀائي هو. هڪ طرف آريه سماج جي باني سوامي ديانند جي ٽوهي پستڪ ستيارٿ پرڪاش کان متاثر ٿيو هو، ان ڪري هميشه اسلام ۽ پيغمبر اسلام تي گستاخانه ۽ غليظ حملا ڪندو هو. ٻئي طرف، سوامي شرڌانند جي تحريڪ 'شڌي ۽ سنگهٽن' جو نامپارو پرچارڪ هو. هن تحريڪ جو مقصد هو مسلمانن

Gul Hayat Institute

کي شڌ ڪري، دوباره هندو ڌرم ۾ آڻڻ، ۽ مسلمانن سان باهمي ڪشيدگيءَ واري هنگامي دور ۾، ساڻن هٿياربند ٽڪر لڙڻ ۽ کين ناس ڪري ڇڏڻ. ٽئين طرف مهاسڀا جي صدر وير ساورڪر، ڊاڪٽر مونجي، لاله لڇپتراءِ ۽ ڀائي پرمانند جهڙن متعصب ۽ دشمن اسلام ليڊرن جو ششٽي ڇڪو هو، جن جو مقصد هو ته مسلمانن کي يا ته ناس ڪري ڇڏجي، يا کين هندوستان مان هڪالي ڪيدي ڇڏجي، ڇالاءِ ته اهي مسلمان دشت آهن.

ويرو مل بيگراج ۽ سندس 'سندي' اخبار لاءِ پير صاحب راشدي هن طرح لکيو آهي:

"ويرو مل بيگراج جي سنڌي اخبار بنهه ليڪا لتاڙيو بيٺي هوندي هئي. سندس نقطهءِ نگاهه موجب هندو هر ڳالهه ۾ حق تي ۽ مسلمان هر معاملي ۾ ناحق تي هئا. محض موقعي جي منتظر رهندي هئي. موقعو آيو ۽ مسلمانن کي لتاڙڻ شروع ڪري ڏنائين. ويرو مل هڪ موقعي تي، هندو وڌوائن (بيوهه عورتن) جي رهائش لاءِ "وڌوا گهر" کولرايو — خاص هندو محلي ۾ ۽ خالص هندو انتظام هيٺ. مسلمانن کي ته فقط ان رستي سان گهمڻ جي به اجازت ڪانه هئي. ڪجهه عرصي بعد خبر ڪلي ته ڪيترين وڌوائن کي اميدواري ٿي ويئي آهي! هاڻي اها بلا ڪري ته ڪنهن تي؟ 'سنڌي' اخبار وڏين هيڊنگن سان مضمون شايع ڪيو، جنهن جو هي جملو مون کان اڄ تائين نه وسريو آهي. "ڪن دشت دراچاري مسلن ابهم ڪنيائن جو ڌرم ڀرشٽ ڪري ڇڏيو آهي!"

"ابهم ڪنيائن جو ڌرم ڀرشٽ" جنهن به ڪيو،

تنهن کي ڦيهو، مار اچي پئي مسلن تي! اهي هونديون هيڙن ڪرامتون، ان اخبار جون."

(اهي ڏينهن، اهي شينهن ص 185-186)

جڏهن ته 'آفتاب سنڌ' به سڪر مان نڪرندي هئي، تنهنڪري لازمي طور، 'بلبل' مرحوم، اهڙين اشتعال انگيز ۽ امن سوز حرڪتن تي تمام سختيءَ سان لکندو هو. سندس سخت گير قلم جا جوهر جام جم ۾ موجود آهن.

'جام جم' ۾ گڏ ڪيل ايڊيٽوريل، جڏهن ته محض دفاع ۾ لکيا ويا هئا، تڏهن انهن جي اسلوب ۾ ڪجهه سختي ۽ تلخي محسوس ٿئي ٿي. پر هندو اخبارن جي اشتعال انگيزيءَ ۽ سخت ڪلاميءَ جي مقابلي ۾، بلبل مرحوم، ڪٿي به اخلاق جي دامن کي نه ڇڏيو آهي. دشنام طرازيءَ ۽ بهتان سازيءَ جي طوفان ۾ به هميشه احتياط ۽ اعتدال تي رهندو آيو آهي.

ان ئي دور ۾ آفتاب سنڌ بيڪ وقت 'الحق' سڪر، 'الامين' حيدرآباد، 'سنڌي' سڪر، 'سنڌواسي' ڪراچي ۽ 'هندواسي' ڪراچيءَ جي تحريرن جو جائزو ورتو آهي، ۽ انهن جي دل آزار تحريرن جو رد، نهايت معقول ۽ وزندار ڏيندو آيو آهي.

'سنڌواسي' اخبار ته هفتيوار ڇوپڙيون به شايع ڪندي هئي، ۽ انهن ۾ هڪ نه ٻئي مسئلي تي ڇڪتاڻ جاري رکيون ايندي هئي، جنهن جي تائيد ۾ "سنڌي" سڪر ۾، ويرو مل بيگراج، حد کان وڌيڪ زهر افشاني ڪندو هو.

ان طرح هوم رول تحريڪ جي تائيد ۾، غلام محمد خان پرڳڙيءَ جي اخبار 'الامين' حيدرآباد به 'سنڌي' سڪر ۽ 'سنڌواسي'، ۽ 'هندواسيءَ' جي هم نوا بڻجي چڪي هئي. مسلمانن لاءِ 'نه جاءِ ماندن نه پائي رفتن' وارو معاملو هو. ان دور ۾ هڪ 'بلبل' مرحوم ئي هو، جنهن ڪنهن به مصلحت ۽ مصالحت

ڪي نه ڏنو ۽ ڪيترن قلم ڪان تلوار جو ڪم ورتو ۽ وڃي مٿي چڙهيو.

ان دور متعلق هوم رول جا جيڪي اثرات پيدا ٿيا، تن متعلق رئيس ضياءالدين "ضيا" مرحوم لکي ٿو:

"ان زماني ۾ سڀ کان وڏو خطرو نئين روشنيءَ ۽ فيشن جي وبا جو هو. اسان کي برغلايو پئي ويو ته قدامت پرستي ڇڏيو، پراڻي لڪير جا فقير نه ٿيو، چاليءَ ۾ جهاتي نه وجهو، پرنيچرل رول اختيار ڪيو. هن هوا جو اثر هندو قوم جلد قبول ڪيو ۽ انهيءَ جا ان وقت جا ليڊر مسٽر ويرو مل بيگراج آريه ايڊيٽر 'سنڌي' اخبار سکر ۽ مسٽر هرچند راءِ وڪيل پارا هئا، جن هوم رول تحريڪ جي آڙ ۾، مسلمانن جي شيرازه بنديءَ کي ٽوڙڻ لاءِ وڏي ساز سامان سان تياري ڪئي ۽ غلام محمد خان پرڳڙيءَ جهڙي روشن دماغ ۽ اثر واري ماڻهوءَ کي به پاڻ ڏي جيڪي ورتائون ۽ ان جي حمايت حاصل ڪيائون."

(مقدمه ديوان 'بلبل' ص 37 سنڌي ادبي بورڊ)

'بلبل' جو اهو ڪردار نه فقط هڪ غيور مسلمان جو ڪردار آهي، پر ان سان گڏ هڪ محب وطن ۽ امن پسند جو پڻ ڪردار آهي، جنهن بار بار هندن کي سمجهايو ته هو مسلمانن جي مذهب ۽ تهذيب، دين ۽ پيغمبر تي حملا نه ڪن. مسلمانن جي دل آزاري نه ڪن، مسلمانن جي پاڪ ڪتابن تي حملا نه ڪن، مسلمانن جي واجبي حقن کان انڪار نه ڪن، مسلمانن کي اتحاد ۽ هوم رول جي آڙ ۾ پنهنجو غلام نه بنائن. مسلمانن کي به زنده رهڻ جو حق ڏنو وڃي ۽ سنڌن سياسي حقن جي حفاظت ڪئي وڃي.

Gul Hayat Institute

باوجود ايتري منت ۽ سماجت جي به، هندو اخبارن تلخ ڪلاميءَ ۽ دشنام طرازيءَ کان ڪناره ڪشي اختيار ڪرڻ تي آمادگي نه ڪئي ۽ جنهن پوءِ ٻنهي هندو مسلم ڪشيدگي وڌندي رهي.

ان دور جي هندن جي تشدد ۽ اره زورائيءَ، دشنام طرازيءَ ۽ الزام تراشيءَ مان جو تلخ ماحول پيدا ٿيو، ان لاءِ پير علي محمد راشدي صاحب لکي ٿو:

"هندو اخبارن ۾ ڇاپيل هن ڳالهه تي لڳي پيئي هوندي هئي، ته منجهائن ڪهڙو پرچو ٿو مسلمانن تي وڌيڪ حملو ڪري، ۽ ڪهڙي پرچي خلاف مسلمان اخبارون ٿيون وڌيڪ هاءِ گهوڙا ڪن. حقيقت ڪي ڏسبو ته هئي فقط ڪن هندن جي سمجهه جي غلطي. انهن طريقن اختيار ڪرڻ سان، هندو مسلم اختلاف جي جا باهه دکاراياڻون، تنهن جي پهرين خوراڪ خود پاڻ ٿي ويا. پر اوائلي مستيءَ جي ڏينهن ۾ ڪين ڪير سمجهائي ۽ ڪير باز آڻي ٿي سگهيو؟ انڌ جي گهوڙي تي سوار هئا."

(اهي ڏينهن، اهي شينهن ص 187)

Gul Hayat Institute

شيواجي

ان دور ۾ هندو پائرن جي سخت ڪلامي جنهن حد تي پهتي هئي، ان جا مثال ته 'سنڌي' سکر ۽ سنڌواسي ۽ هندواسي حيدرآباد ۾ موجود آهن.

'جام جم' ۾ شيواجيءَ جي پوجا ۽ سنگهٺن ۽ شڌيءَ وارن پارن لکيل تحريرن ڏانهن به اشارا ڪيا ويا آهن، جي شيواجي نمبر، سنڌيءَ، سکر ۾ موجود آهن، ۽ پوءِ اهي ڪتابي صورت ۾ پڻ شايع ڪيا ويا.

ظاهر آهي ته 'شيواجي' کو انگريزن جي مقابلي ۾ ڪونه وڙهيو هو. ان جو مقابلو مغلن سان ٿيو هو، جي مسلمان هئا. هتي جي هندو اخبارن خاص طرح سان مسلمانن جي دل آزاريءَ لاءِ شيواجي نمبر ڪڍيا ۽ انهن جي آڙ ۾ مسلمانن تي حملا ڪيا.

مهاسڀا جي صدر وير ساورڪر جو شيواجيءَ متعلق هيٺيون گيت، خاص طرح سان توجهه جي قابل آهي.

آريه نچيا ديشا، وير مليڇا گهالا،
آلا آلا، ساوڌو شيو ڀوپالا،
سد گدتا، ڀوماتا، دي تيج هانڪيلا
ڪروڌراو پيدن، تو هرديه نه ڪانگيلا،
جئي ديو، جئي ديو، ديوشو رايا، جئي شورايا،
يا يا انيه، شرڻ آريا، تارايا.

ترجمو: شيواجي مهراج! هن آريه ديش تي ملڇين (ڌارين يعني مسلمانن ڏانهن اشارو) جو حملو ٿي رهيو آهي! انهيءَ ڪري، توهان هٿ جلد اچو. ان طرح ٻين شعرن ۾ به اهڙو ئي رنگ آهي.

(آدرش ساهتيه منڊل ص 104 حيدرآباد)

Gul Hayat Institute

شُڌيءَ ۽ سنگهٺن جي تحريڪن ڏانهن به جام جم ۾ اشارا آيل آهن. ان متعلق سنڌي اخبارن ڇا ڇا نه چيو؟ سنڌ جي هندو پرچارڪن ڪيتريون ڪهڙيون تحريرون لکيون ۽ ڪئن قدم قدم تي مسلمانن جي جذبات کي ڪچليندا رهيا، ان جو هڪ مثال هن ريت آهي.

هندو مهاسڀا جي صدر، ڀائي پرمانند، هندو مسلم مسئلي تي سوامي ديانند، باني آريه سماج جي خيالات جي تجزيه پيش ڪندي لکي ٿو:

"سوامي ديانند انهيءَ سوال کي مذهبي رنگ ۾ ڏنو. در حقيقت اهو آهي به مذهبي معاملو! هندستان ۾ جن مسلمان حملي ڪندڙن جا حملا ٿيا، انهن مان ڪيترن هندستان ۾ پنهنجو راڄ قائم ڪيو. ڪجهه عرصي کان پوءِ، انهيءَ "ويشي واڄ" جي خلاف، ديش ڀڳتيءَ جو هڪ ڀاءُ پيدا ٿيو) جنهن انهيءَ جو انت آڻي ڇڏيو. اسلام جو ڪاربه راڄنيتي ڪيتر ۾ ڪيو، تنهن جو ته مرهٽن ۾ سکن انت آندو. ان سان گڏو گڏ، هندو مسلم معاملي جي، بحيثيت پوليٽڪل سوال جي خاتمو ٿي ويو ها، جيڪڏهن مسلمان حملي ڪندڙ، 'اسلام' ڦهلائڻ پنهنجو فرض نه سمجهن ها! انهيءَ "وديشي مذهب" (ڌارئين مذهب) جي ڦهلاءُ ڪري، اهو به نتيجو نڪتو جو اڄ هندو مسلم سوال گنڀير روپ ۾ اسان جي اڳيان موجود آهي."

(سنهنجي جيون ڪهاڻي: ڀائي پرمانند ص 305)

اهڙن غلط ۽ جذبات انگيز خيالن جي اشاعت ٿي، هندن جون سموريون اخبارون، اصل سندرو ٻڌيون بيٺيون هيون، جن جي جواب ۾، آفتاب سنڌ ڏي حوصلي ۽ دليل سان قلم کنيو، جنهن جا ڪجهه مثال، 'جام جم' ۾ موجود آهن. مرحوم ضياءَ لکي ٿو:

"ان هندو مهاسڀائي ذهنيت وارن ليڊرن، ڪوڙي بدزبان آريه ڪارڪنن، هندو اخبارن ۽ ايڊيٽرن، ڪوڙي هندو نواز ساده لوح مسلمان ليڊرن جو مرحوم 'بلبل' نهايت سختيءَ سان مقابلو ڪيو، سندن سيني

Gul Hayat Institute

حرڪتن ۽ برڪتن جي قلعي کوليندو، ڪين بي نقاب ڪندو ويو.“
(مقدمہ ديوان بلبل ص 37 سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد)

بلبل تي مقدمو

مرحوم ’بلبل‘ جي دفاع ۾ تحريري انداز تي هندو مشتعل ٿي، مٿس مقدمي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا. ان سلسلي ۾، ڪافي چندو ڪٺو ڪيو ويو، ۽ مٿس ”هندو قوم تي حملي ڪرڻ ۽ سندن خلاف مسلمانن کي ڀڙڪائڻ“ جي جرم ۾ (153 قلم اپڪ) هيٺ مقدمو داخل ڪيو ويو. مقدمي ۾ بلبل پاران اول ريمنڊ وڪيل ٿيو، پر پوءِ هندن جي اخبارن ۾ سندس خلاف اشتعال انگيز تحريرون آيون ۽ مٿس ٻئي قسم جو به ڪافي زوربار آندو ويو، ان ڪري هندن جي رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ، هن ’بلبل‘ تي زور آندو ته هو هندن سان ناهه ڪري. ’بلبل‘ جي غيور طبيعت ان کي گوارا نه ڪيو ۽ مرحوم سر غلام حسين (سابق گورنر سنڌ) قومي غيرت وچان، فيءَ کان سواءِ، سندس وڪالت ڪئي. ’بلبل‘ جي دليلن، هندن جي موقف کي غلط ثابت ڪيو. فاضل جج مسٽر سنڊيس ڪيس با عزت آزاد ڪري، فريادي ڌر تي چندا وڌا ۽ فتويٰ ۾ لکيو:

”هندن برابر خراب روش اختيار ڪئي هئي، ۽ ’بلبل‘ جو ڪجهه به اظهار خيال ڪيو آهي، ان ۾ هو حق به جانب آهي. اها حقيقت آهي ته سنڌ جا هندو، بنگال جي فسادين لاءِ، بمن ناهڻ واسطي چندو ڪري رهيا آهن.“

(مقدمہ ’ديوان بلبل‘، از ضياالدين ’ضيا‘ مرحوم ڇاپل سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد)

Gul Hayat Institute

ان فتويٰ ڪري، حيدرآباد ۾ وڏو جلوس نڪتو ۽ سنڌ جي سيني وڏن شهرن ۾ جلوس ۽ جلسا ڪيا ويا. ان ڪان پوءِ هندو مهاسڀا ۽ آريه سماج وارن جو دماغ ڪجهه ٺڪاڻي لڳو، ۽ شڪست خورده ٿي، ڪنهن ٻئي محاذ جي ڳلاش ۾ رهيا، 'بلبل' ۽ سندس هم ڪار گروهه جي سياسي بصيرت ۽ خدمت جو هر هنڌ خير مقدم ڪيو ويو.

Gul Hayat Institute

هندو مسلم ڪشيدگيءَ جو پس منظر

'جام جم' ۾ 'بلبل' مرحوم، هندو مسلم ڪشيدگيءَ جي پس منظر بيان ڪندي، اهڙا دلدوز ۽ رقت انگيز واقعا بيان ڪيا آهن، جن جي پڙهڻ سان، لوڻءَ لوڻءَ ڪانڊارجي وڃي ٿي. هندن پاران مسلمانن تي هٿيار بند ٿي حملو ڪرڻ، مسجدون ڊاهڻ، ڦرلٽ ڪرڻ، فساد مچائڻ، ڪا پراڻي روايت آهي، جنهن کي تاريخ اڄ ڏائين محفوظ وڪيون آئي آهي. اهڙن واقعن کي بيان ڪرڻ کان پوءِ 'بلبل' سوال اٿاريو آهي ته، انهن صورتن جي هوندي، 'هندو مسلم اتحاد' ۽ 'هوم رول' جا معنيٰ ٿا رکن؟

بهرحال، ان دور جي ڪشيدگيءَ ۽ هنگامه خيز واقعات کي سمجهڻ جي سلسلي ۾، 'بلبل' اپيل ڪئي آهي ته هندو ذهنيت' جي تنگ نظريءَ ۽ تنگ خياليءَ کي مطالعه ڪرڻ گهرجي.

Gul Hayat Institute

ان سلسلي ۾ محقق عالمن جو ڪجهه بحث ڪيو آهي، ان جا ٿورا ٿورا مختصر اقتباس، ان دور کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ڏيندا، جن جي روشنيءَ ۾ 'جام جم' جي دانهن ۽ رڙين جو ڪو سبب ۽ دليل ملي سگهندو.

تاريخي پس منظر:

بر صغير هند و پاڪ جي تاريخ جا گذريل هڪ هزار سال مطالعه ڪبا ته پوءِ معلوم ٿيندو ته غالباً سڀ کان وڏيڪ

اهم پهلو، هندو مسلم ڪشمڪش آهي. هر دور ۾، مسلم فڪر، مسلم سياست، مسلم تهذيب ۽ تمدن، مسلم ثقافت ۽ خود دين اسلام سان، هندو ذهن جي ڪشمڪش نظر ايندي.

نئون نسل، جو تاريخ کان اڻ ڄاڻ آهي، اهو شايد ان تاريخي شعور جو علم نه رکندو هجي، ليڪن ڳالهه اهائي آهي ته اها ذهني ڪشمڪش اڄ تائين موجود آهي، ڇالاءِ ته ان جو بنياد تاريخ جي هڪ هزار سالن واري دور سان وابسته آهي.

حقيقت اها آهي ته هزار سالہ تاريخ ۾ 'اسلام' گويا هندو ڌرم ۽ هندو تهذيب لاءِ هڪ چئلنج ڪري تصور ڪيو ويو آهي، جلد باز ۽ جذباتي، متعصب ۽ ڪم علم ماڻهن، ڪڏهن به اسلام جي اصلاحي ۽ اخلاقي، امن پسند ۽ انسانيت نواز تصور حيات کي مطالعه نه ڪيو آهي، نه ڪو اهڙن ماڻهن اسلام جي انقلاب متعلق پنهنجن مشهور عالمن، راڌا ڪرشنن جي "فلسفہ هند" يا ڊاڪٽر تاراچند جي "اسلام جو هند تي اثر" مطالعه ڪيو آهي، نه ڪو جواهرلال نهرو جهڙي شهره آفاق شخصيت جي تحريرن کي مطالعه ڪيو آهي، جن صاف صاف ٻڌايو آهي ته 'اسلام' هندوستان لاءِ امن ۽ ايمان، توحيد ۽ وحدت، محبت ۽ اخوت جو نصب العين آندو آهي.

جواهر لعل نهرو لکي ٿو:

"اسلام جو اچڻ، هندوستان جي تاريخ ۾ وڏي اهميت رکي ٿو 'اسلام' هندو سماج جي سڀني خرابين جي اصلاح ڪئي، يعني فحاشي، عرياني، بت پرستي مظاهر پرستي، ذات پات جي تفريق، ڇوت ڇات، ترڪ دنيا ۽ خلوت گزينيءَ جي پاڙ پٽي ڇڏي. 'اسلام' جي اخوت جي نظريي ۽ مسلمانن جي عملي مساوات، هندن جي ذهن ۽ عقيدي تي ڏاڍو اثر ڪيو، خصوصاً اهي ماڻهو، جي هندو سماج ۾ برابريءَ ۽ برادريءَ

جي حقن کان محروم هئا، اهي ڏاڍا متاثر ٿيا ۽ لکن
جي تعداد ۾ 'اسلام' ۾ آيا."

(تلاش هند ص 525-526)

ساڳيو پنڊت نهرو فرمائي ٿو:

"هندوستان تہ ڇا، پوري انساني دنيا ۾، 'اسلام' پاڻ سان نوان خيال ۽ نوان طريقا آندا، جن انسانيت جي زوال پذير معاشري کي متاثر ڪيو. عقيدن، اخلاق، اصول حيات ۽ هيئت اجتمائي ۾ پيدا ٿيل اسلامي انقلاب، نهايت ديرپا بہ آهي ۽ اثر انگيز بہ آهي. 'اسلام' عوام جي ذهني افق ۾ وسعت پيدا ڪئي."

(تلاش هند ص 528)

ان طرح اين. ايس. مهتا فرمائي ٿو:

"اسلام دنيا ۾ نوراني مشعل جي صورت ۾ نمودار ٿيو. جنهن پراڻي زماني ۾، جڏهن پراڻيون تهذيبون زوال پذير بڻجي چڪيون هيون، ۽ پاڪيزه مقصد، محض ظني عقيدا بڻجي چڪا هئا، تڏهن 'اسلام' جي نوراني مشعل، زندگيءَ تي ڇانيل اونداهين کي پاش پاش ڪري ڇڏيو. بين ملڪن وانگر، خود هندوستان جي خيالات جي دنيا ۾ 'اسلام' جو دائرو وسيع ٿيو. بيشڪ اسلامي برادري ۽ برابري هڪ روحاني نظام تي مشتمل آهي، جنهن کي توحيد ۽ مساوات جي مشترڪ عقيدي وڌيڪ مفيد ۽ اثر انگيز بڻايو آهي."

(هندي تهذيب اور اسلام ص 317)

اهڙن عالمن جي اعتراف هوندي بہ، جلد باز ماڻهن، اسلام ۽ ان جي تعليم کي هندو ڌرم لاءِ چئلنج قرار ڏنو، خاص طرح

مان آريہ سماج ۽ هندو سهاسڀا پاران زهر افشاني ڪندي جو ڪجهہ لکيو ويو، ان جو اثر هندو ذهن تان ڪڏهن بہ لهي نہ سگهيو آهي.

هندو مذهب هڪ سامراجي سماج آهي، ۽ ان جو 'مزاج منڍ کان سامراجي ۽ تشدد آميز رهندو آيو آهي.' ان ڪري هو ڪنهن بہ ٻئي مذهب ۽ قوم کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. ان طرح اهو آرين سلسلو، جو ان ڌرم جو علمبردار آهي، اهو بہ تاريخي طور تي استبداد ۽ تشدد واري ذهنيت جو علمبردار آهي. آرين، هت ايندي شرط، اول اول سنڌ جي تهذيب ۽ ان جي مرڪز 'موهن جي دڙي' کي تباهہ ڪري ڇڏيو ۽ ان سان گڏ وادي سنڌو جي قديم باشندن دراوڙن کي ماري، ناس ڪري، ڏکڻ هندوستان ڏانهن هڪالي ڇڏيو. انهن جي سرسبز وادين تي زوريءَ تسلط قائم ڪيو. ان کان پوء، اڳتي هلي، ذات پات جو اهڙو دستور قائم ڪيو، جنهن ۾ حاڪميت ۽ بالادستيءَ جا سڀ پهلو، فقط پاڻ لاءِ مستقل ڪري ڇڏيائون. اڳتي هلي، آريہ ۽ اڻ آريہ جو فرق وچ ۾ آڻي، شودرن ۽ اڇوتن کي نيچ ۽ دشت سڏي، انهن کي زندگيءَ جي هر پهلوءَ مان خارج ڪري ڇڏيائون ۽ ان سلسلي ۾ ڪروڙن ماڻهن کي ماري ناس ڪيائون.

Gul Hayat Institute

ان حاڪميت مان برهمنزم جو نظام ٺهيو، جنهن پنهنجي پوترتائيءَ ۽ برتريءَ کي قائم رکي، باقي پوري انسان ذات کي شودر ۽ نيچ قرار ڏنو ۽ ڪروڙين ماڻهو ڀيل، مينگهواڙ ۽ اڇوت قرار ڏنا ويا.

'برهمڻ' جي تسلط ۽ استبداد جي اصلاح لاءِ ٻڌ ڌرم ۽ جين ڌرم رد عمل ۾ پيدا ٿيا، پر جنهن بيدرديءَ سان، انهن کي هندن ڪچلي ڇڏيو، ان جو مثال انساني تاريخ ۾ ملي نہ ٿو سگهي. اصل ۾ ٻڌ ڌرم، اخوت ۽ مساوات، برابري ۽ برادري

جو پيغام هو، جنهن کي 'برهمڻن' پاڻ لاءِ چئلينج قرار ڏنو. نتيجو اهو نڪتو جو 'ٻڌ مت' پنهنجي پيدائشي وطن مان خارج ٿي، وڃي چين ۽ برما ۾ سر لڪايو!

محققن ان آريائي برهمنزم کي، هڪ 'اژدها' سڏيو آهي، جنهن بر صغير هند و پاڪ ۾ پنجن هزارن سالن کان وٺي، معصوم انسانن کي پئي ڏنگيو آهي.

بقول مورخ ڊوبل: "برهمنزم هڪ سمنڊ آهي، جنهن ۾ جا به چيز وئي، سا چٽي!" ان طرح جواهر لال نهرو جي قول موجب: "هندو ڌرم جا هزار جذب ڪندڙ پهلو آهن."

پر جڏهن اڳتي هلي ان نظام جي اڳيان 'اسلام' آيو، تڏهن هندو ذهنيت کي اهڙو حريف مليو، جنهن جو مخصوص نظام حيات هو. مخصوص آدرشي پيغام هو، جنهن ۾ انقلاب ۽ حرڪت، اصلاح ۽ اخلاق جو حرڪت پذير ۽ ترقي پسند نصب العين هو، تنهن ڪري، ان کي اها 'اژدها' نڪو ڳهي سگهي، ۽ نه ڪو اهو سمنڊ ڪيس ٻوڙي سگهيو.

'برهمنزم' جي سامراجيت ۽ استبداد لاءِ، اسلام جي اخوت ۽ وحدت واري تعليم 'موسوي عصا' ثابت ٿي سامهون آئي، جنهن برهمنزم جي اژدها کي ڪچلي ڇڏيو.

'برهمنزم' مان گرونانڪ، چيتن ۽ ڪبير جهڙا هزارين باغي ۽ مصلح پيدا ٿيا، جن توحيد ۽ وحدت الوجود، وحدت فڪر ۽ وحدت عمل جي تبليغ ڪري 'برهمنزم' کي جهوري وڌو.

اهو سڀ 'اسلام' جي برڪت مان ٿيو. ان هوندي به اسلام کي پاڻ ۾ ڳهڻ ۽ جذب ڪرڻ لاءِ 'برهمنزم' ڪيئي جتن ڪيا، جي ڪامياب نه ٿي سگهيا. مسلمانن کي اڳتي هلي مليڇ ۽ دشمن ٻيو سڏيو ويو، وديشي جو الزام رکيو ويو، تاهم اٺ سو سال مسلمان حاڪم به رهيو ۽ زنده به

Gul Hayat Institute

وهيو، تان جو صوفيائي ڪرام جي تبليغ سان ڪروڙين هندو اسلام ۾ آيا. اڄ برصغير هند و پاڪ ۾، ويهن ڪروڙن کان مٿي مسلمان آهن، جي سڀ جا سڀ ٻاهران آيل ناهن.

سياسي پس منظر:

هندو ذهنيت ۽ برهمنزم جي سياست جو سارو دارومدار، انهن جي وڏي سياسي مفڪر ڪوٽليا جي فڪر تي آهي. ڪوٽليا ٽي سو سال مسيح عليه السلام کان اڳ جو آهي، ۽ هو چندر گپت جو وزير هو. سندس سياسي اصول ميڪاولي مڪر ۽ فريب کان به وڌيڪ سخت آهن.

ڪوٽليا جا اصول:

ڪوٽليا لفظ جي معني ئي آهي 'مڪار'. ان جو اصل نالو هو پنڊت چاڻڪيه.... سندس عيارانه ۽ مڪارانه تصنيف جو نالو آهي "ارٿ شاشتر". ان ۾ چند اصول ٻڌايا ويا آهن، جن تي برهمنزم جي تشڪيل ٿي آهي.

(1) منهنجي گروه جو اپديش آهي ته صاح وارو اهو معاهدو، جو قسم تي ۽ ديانتدارانه طور ڪيو وڃي، ان کي به ٽوڙڻ ۾ ڪو گناهه ناهي! مطلب هٿ ايندي، ٽوڙي ڇڏجي.

(2) نيچ ذات مليڇن، اڇوتن ۽ شودرن کي ناس ڪري ڇڏجي.

(3) ڪمزور حاڪم جي ڪمزوريءَ سان فائدو وٺي، سندس ملڪ ۾ فساد ڪرائي، کيس ناس ڪري ڇڏجي.

(4) اقتدار جي هوس کي ڪڏهن به ٿڌو نه ڪجي، هميشه گرم رکجي.

(5) اقتدار جي حاصل ڪرڻ ۾ ڪوڙ، ظلم، دغا ۽ فريب سڀ جائز آهن.

Gul Hayat Institute

(6) هيٺين تي ظاهري طور هٿ وڪجي، پر وجهه وٺي ڪيس ناس ڪجي.

(7) همسايه قومن ۽ ملڪن کي هميشه 'دشمن' تصور ڪرڻ گهرجي.

(8) غير همسايه ملڪن سان ناتا وڌائي، همسايه ملڪن کي هميشه دٻيل ۽ هيسيل رکڻ گهرجي.

(9) 'امن' ۽ 'صلح' پئي بي معنيٰ لفظ آهن، نه سمجهڻ گهرجن، چاهي ساري دنيا اوهان کي مجبور ڪري.

(10) پنهنجي ڌرم ۽ پنهنجي نسل کان سواءِ، باقي سڀ ڌرم ۽ نسل ناس ڪري ڇڏجن. انهن کي وڌڻ ۽ ويجهڻ نه ڏيڻ گهرجي.

اهو آهي چاڻڪيه ڪوٽليا جو اپديش، جنهن هزارن سالن کان برصغير هند و پاڪ جي غير برهمن قومن کي ناس ڪيو آهي.

اهي ئي اصول آهن، جن پراچين ڀارت ۾، ڪشش ۽ خون جون نديون وهائي ڇڏيون، اهوئي فلسفه زندگي آهي، جو هزارن سالن کان لاڳيتو هلندو آيو آهي. ان ئي ماحول ۾ مسلمانن هڪ هزار سال حڪومت ڪئي. اهوئي فلسفه حيات آهي، جو اڄ تائين 'هندو ذهنيت' جو پراچين ورثو ڪري چيو وڃي ٿو.

Gul Hayat Institute

برهمنزم جا ”چار ورڻ“:

'برهمنزم' جا چار ورڻ، پڻ انسان ذات لاءِ هڪ لعنت آهن، جن ۾ چيو ويو آهي ته 'برهمڻ' خالص برهما جي مک سان پيدا ٿيل آهن، ان ڪري مذهبي، ڌرمي ۽ سياسي اقتدار جا مالڪ فقط برهمڻ ئي آهن.

تاريخ ٻڌائي ٿي ته پراچين هند ۾، راجائن ۽ مهاراجائن وٽ پردان منتري 'برهمڻ' ئي هئا. انهن 'برهمڻ' وزيرن جي

مڪر ۽ فريب جو ادني ثبوت راجا چچ مهاراج آهي، جنهن مڪر ۽ فريب، ويچار ۽ چرب زبانيءَ سان، سنڌ جي مقامي راجا کي ختم ڪرايو ۽ سنڌ جي تخت ۽ تاج کي پنهنجي اقتدار ۾ آندو. اهوئي چچ آهي، جنهن لاءِ ڊاڪٽر تاراچند جهڙو محقق لکي ٿو:

”چچ هڪ مڪار هو، هن عام رعايا کي ستايو. پڌ ڌرم وارن کي پيرين ۽ سڀني اڳهاڙي هلڻ جو حڪم ڪيائين، نيچ ۽ اڇوت قومن کي برباد ڪيائين“
(اسلام جو هند تي اثر، ’سنڌ‘، باب 3)

برهمڻن جا حق ۽ حڪم:

رگ ويد منڊل، سوڪت 109، منتر 6، 7 ۾ آهي:

(1) اگر ڪنهن عورت جا اڳ ڏهه ”غير برهمڻ“ خاوند موجود هجن ۽ ڪو ’برهمڻ‘ سندس هٿ جهلي، ته پوءِ اهوئي سندس خاوند ٿيو، جو ته برهمن ئي عورتن جا مالڪ ۽ خاوند آهن، ۽ نه ڪتري ۽ ويش!

(2) برهمڻ کي ڪنهن به ڏوهه ۾، موت جي سزا نه ٿي ڏئي سگهجي!

(3) ڪنهن شودر ۽ اڇوت جي ڪن ۾ اگر پل چوڪ ڪان ’ويد‘ جي واڻي اچي، ته پوءِ سندس ڪنن ۾ شيهو پگهري وڌو وڃي.

(4) شودر ۽ اڇوت جي پيدائش جو غرض برهمڻ جي غلاميءَ لاءِ آهي.

(5) شودر، مال جمع نه ڪري، پر جي گڏ ڪري ته برهمڻ کي اجازت آهي ته کانئس کسي وٺي.

(6) شودر جو جيڪو عضوو، برهمڻ جي بي عزتيءَ جو سبب بنجي، ان کي ڪاٽي ڇڏڻ گهرجي.

Gul Hayat Institute

(7) اگر اڇوت، برهمڻ تي ٿڪ اڇلائي ته پوءِ سندس ٻئي چپ ڪاٽي ڇڏجن.

(8) اگر ڪنهن اڇوت شودر جو 'پاڇو' برهمڻ تي پوي، ته پوءِ سندس لاءِ موت جي سزا واجب آهي.

(9) اڇوت 'ويد' جي منتر کي اچاري، ته پوءِ سندس زبان وڍڻ گهرجي.

ڇا هنن حڪمن جي موجودگيءَ ۾ هندو ذهنيت ۽ برهمنزم تي ڪو وڌيڪ تشريحي بحث ڪري سگهجي ٿو؟

اهي ئي عناصر ۽ اصول آهن، جن مان برهمنزم جي ذهنيت ٺهي آهي، ۽ تاريخي طور تي اهي ئي عناصر ۽ اصول، هزار سالن تائين 'مسلمانن' سان وڙهندا آيا آهن.

ارادا:

اُن ئي ذهنيت جي پيداوار آهي ساري دنيا تي هندو حڪومت! ديانند سرسوتي چيو: "ڪعبي تي 'اوم' جو جهنڊو چاڙهينداسون." مسلمان هندوستان مان لڏي عرب ڏانهن هليا وڃن مسلمانن کي شڌي ڪري، هندو ڌرم ۾ آندو وڃي. ان طرح جديد هندو ذهن جو معمار گروگولوا پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو:

Gul Hayat Institute

"اسان وري به چئون ٿا، ته هندوستان ۾، جا هندن جي سر زمين آهي، جتي هندو قوم رهي ٿي، ۽ صرف اهائي قوم رهي سگهندي." (ص 52)

"ان نقطه انداز سان، جنهن جي تائيد قومن جي تجربه مان ٿي آهي، هندوستان ۾ رهندڙ غير هندو تهذيب ۽ هندي زبان اختيار ڪرڻ گهرجي، انهن کي هندو

ڌرم جي تقدس کي مجروح ڪري ڇڏيو. انهن کي پنهنجي ذهن ۾، هندو نسل ۽ تمدن جي عظمت ڪان سواءِ، ڪنهن به ٻئي خيال کي نه آڻڻ گهرجي. هڪ جملي ۾، ڪين ٻيروني ۽ ولايتي اثر ڪان بلڪل پاڪ هئڻ گهرجي. ورنه هت ڪين ڪلي طور، هندو قوم جو غلام ٿي وهڻو پوندو، نه ڪو پيءِ ڪو مطالبو ڪري سگهندا. نه ڪو ڪنهن حق جي تحفظ جا مستحق ٿيندا. ڪنهن به ترجيحي سلوڪ جو ته سوال ئي نه ٿو اٿي سگهي. شهريت جي حقن جو ته انهن لاءِ ڪو جواز ئي نه ٿو اٿي سگهي."

(ص 55-56)

لاله هرديال جو ارشاد:

فرمائي ٿو:

"مان چوان ٿو ته هندو نسل جو مستقبل چئن ٿنڀن تي آهي: (1) هندو سنگهٽن (تنظيم) (2) هندو راج (3) مسلمانن جي شڌي (4) افغانستان جي فتح. جيستائين هندو اهو سڀڪجهه حاصل نه ڪندا، تيستائين اسان جو ايندڙ نسل هميشه خطرن ۾ گهيريل ۾ هوندو."

(لاله هرديال جي تقرير مطبوع تيج، 20 جون 1924ع)

انهن چند مثالن مان واضح آهي ته آزاديءَ جي تحريڪن هلائيندڙ، ڪن جلد باز ۽ اشتعال انگيز هندو ليڊرن جو خيال ڇا هو. جنهن جي رد عمل ۾ سر سيد احمد ڪان وٺي قائد اعظم تائين، مسلمانن مسلسل دفاعي جدوجهد ڪئي، ۽ آخرڪار هڪ جداگانه مملڪت حاصل ڪئي.

Gul Hayat Institute

افسوس اهو آهي تہ انهن حقيقتن تي ڪڏهن بہ سنجيدگيءَ سان غور نہ ڪيو ويو آهي. پروپيگنڊا جو هڪ طوفان آهي، جنهن ۾ جيترا آهن منهن اوترئيون آهن ڳالهيون:

ورنہ اگر ڪو حق پسند محقق ٿي ڪري، تحقيق ۽ ديانتداريءَ کان ڪم وٺي تہ پوءِ هوند ڪيس خبر پئجي وڃي تہ هڪ مجبور ۽ معذور قوم اهڙين حالتن ۾ ڇا ڇا ڪري ٿي سگهي.

Gul Hayat Institute

هندو ڌرم ڇا ۽ ڇو؟

’هندو ذهنيت‘ ۽ برهمنزم جي تشڪيل ۽ تعمير ۾، خود ’هندو ڌرم‘ جي حيثيت ۽ تجرباتي عناصر جي مطالع کان پوءِ، نڪرندڙ نتيجن جو وڏو دخل آهي. مذهب ۽ ڌرم، ڪن اصولن جي بنياد تي، انساني ذهن کي متاثر ڪري ٿو ۽ ڪن اخلاقي قدرن جو پابند بڻائي ٿو، پر جو ’ڌرم‘ اصول ۽ فروع جي حيثيت سان، توڙي اخلاقي قدرن جي موجودگيءَ سان، وابسته ٿي نه هجي، سو هڪ فرد ۾ ذميداراڻه احساس ۽ زندگيءَ جو شعور پيدا ڪري، سو قطعاً ناممڪن آهي.

’هندو ڌرم‘ ڇا آهي ۽ عالمن ان جي ڪهڙي تشريح ڪئي آهي، ان کي غور سان مطالعه ڪرڻ گهرجي، ڇو ته هندو ڌرم کي سمجهڻ نهايت مشڪل آهي. ’هندو مت‘ سچ پچ ٻين مذهبن وانگر ڪنهن يا اصول ۽ مقرر نظام جو نالو ناهي، نه اهڙو ڪو مقرر مقدس ڪتاب آهي، جنهن تي سڀني هندن جو اتفاق هجي ۽ نه ڪو ’هندو مت‘ جو ڪو هڪ باني ۽ پيشوا آهي، جنهن تي سڀني هندن جو مضبوط ايمان هجي، جئن ٻين مذهبن جا پيغمبر ۽ باني آهن، جي بلڪل مشهور آهن، ۽ انهن کان پوري دنيا واقف آهي.

(1) جان ڪلارڪ آرچر جي تحقيق:

”هندو مت جو ڪوبه باني ناهي، جنهن ڪو بنيادي ۽ اصولي پيغام ڏنو هجي. نه ڪو هندن وٽ زردشت،

Gul Hayat Institute

عيسيٰ ۽ محمد صلي الله عليه وسلم وانگر رهنما ۽ پيشوا ۽ پيغمبر آهي. هندن وٽ ڪنفيوشس وانگر به ڪو شخص ناهي، جو طول طويل موروثي روايتن کي پوريءَ طرح مرتب ٿي مدي سگهجي. سنئين مدي حقيقت اها آهي ته هندن وٽ اهڙيون شخصيتون به ڪين آهن، جئن جين ڌرم وارن وٽ مهاويـر سامي آهي، يا جئن ٻڌ ڌرم وارن وٽ ”گوتم ٻڌ“ آهي. پيو ته ٺهيو، ر ڳو سکن وانگر گرو نانڪ جهڙي شخصيت به وٽن ڪانه آهي. ان جو نتيجو اهوئي ڪڍي سگهجي ٿو ته هندو مت جو باني هڪ انبوه آهي، جنهن انبوه جون سڀ شخصيتون اونداهـي ۽ ميڻالاجيءَ ۾ لڪل آهن.“

(The Great Relegious of the mordern world. p-44)

ممڪن آهي ته هڪ غير هندو عالم ۽ محقق جـو هي رايو تعصب جي پيداوار چيو وڃي.

(2) پنڊت جواهر لال جا لفظ:

پنڊت جواهر لال نهرو فرمائي ٿو:

”هندو مت، ڪنهن هڪ مقرر عقيدي، مقرر مذهب ۽ مقرر اصول جي حيثيت سان مبهم، بي ترتيب ۽ منتشر آهي. ان جي تعريف ۽ تشريح بيان ڪرڻ، يا مذهبن جي عام مفهوم جي اعتبار سان متعين ۽ يا ضابطي نموني ۾ اهو چوڻ ته اهو مذهب آهي يا نه، ڏاڍي مشڪل ڳالهه آهي، بلڪ ناممڪن آهي. هو موجوده توڙي گذريل دور ۾، تمام گهڻن منتشر ۽ متضاد عقيدن ۽ عملن تي مشتمل آهي. بلند ترين

Gul Hayat Institute

تعليم کان وٺي پست ترين تعليم تائين، هڪ ٻئي
جي متضاد ۽ متصادم!"
(تلاش هند ص 37)

(3) مهاتما گانڌيءَ جو ارشاد:

ان طرح مهاتما گانڌيءَ لکيو آهي:
"هي هندو مت جي خوش قسمتي آهي، يا بدقسمتي
آهي، جو ان جو ڪوبه سرڪاري عقيدو ڪونه آهي.
سادن لفظن ۾ اگر مان ڪا تعريف ڪريان ته فقط
ائين ٿي چوان ته هڪ شخص خدا تي اعتقاد نه
رکندي به پاڻ کي هندو سڏائي سگهي ٿو."
(هندو ڌرم ص 4)
ان مان چا ثابت ٿيو ته سيني مذهبن وانگر خدا تي
ايمان آڻڻ، هندو مت ۾، ڪو لازمي ۽ اصولي شرط ناهي!

(4) راڌا ڪرشنن:

ان سلسلي ۾، ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن، سابق صدر جمهوريه
هند، جو هندو مت جو بلند پايه محقق تسليم ڪيو ويو آهي،
لکي ٿو:
"هندو مت جو بنياد، ڪنهن به نسلي سبب اسباب
۽ عامل تي رکيل ناهي. هيءُ فقط فڪر ۽ جذبات
جي وراثت آهي، جنهن ۾ هر نسل ۽ هر قوم،
پنهنجو پنهنجو خصوصي حصو ادا ڪيو آهي ——
۽ بس."
(ايسٽرن رليجن ائنڊ ويسٽرن ٿاٽ ص 307)
مطلب هي آهي ته هندو مت جي ترڪيب ۾ بي شمار
قومن ۽ تهذيبن ۽ ڌرمن جا عناصر مليل آهن، ورنه هي ڪا
مستقل 'مت' نه آهي ۽ نه ڪا مقدس الهامي حيثيت آهي.

Gul Hayat Institute

ظاهر آهي تہ هر سماج ۾ هر نسل ۽ هر قوم جا اعمال ۽ اخلاق سراسر دوست نہ ٿيندا آهن، تاهم جو ڪجهہ بہ سامهون آيو، اهو ترتيب ڪان سواءِ هندو مت ۾ ڪم ٿيو.

(5) شري آروبندو گهوش جي راءِ:

هندو فاضل شري آروبندو گهوش، پنهنجي ڪتاب، 'هندستاني تهذيب جا بنياد' ۾ لکي ٿو:

"پهرين شڪل، جا هر اهل دماغ جو منهن ڦيرائي ٿي ڇڏي ۽ جنهن متعلق مغربي عالمن جو دماغ بري طرح سان الجهي چڪو آهي، سا اها آهي تہ آخر 'هندو مت' آهي ڇا؟ مغربي ذهن سوال تو ڪري، تہ هن مذهب جو آخر روح ڇا آهي؟ ان جو ذهن ۽ ان جو متعين فڪر آخر آهي ڪٿي؟ ان جتي جسم جو مخصوص ٻول ڪهڙو آهي؟ پهلا ڪوبہ مذهب ان طرح ٿيندو آهي، جو ان جو تہ ڪوئي محڪم عقيدو هجي، جنهن جي انحرافيءَ لاءِ عذاب جو ڏپ هجي ۽ جنهن تي ايمان آڻڻ لازم ٿي پوي. يا اهڙو ڪو مذهب آهي، جنهن ۾ دينيات جا مقرر ڏيل اصول ٿي نہ هجن، نہ ڪا سمجهہ 'دينيات' هجي، نہ ڪو بنيادي عقيدو هجي، جو ڪيس ٻين مذهبن جي ڀيٽ ۾ امتياز بخشي. ڇا ڪو اهڙو پيو مذهب آهي، جنهن جو ڪو پوپ ۽ مذهبي پيشوا نہ هجي، انتظام ڪندڙ ڪو ڪليسائي نظام ٿي نہ هجي، نہ ڪو ان لاءِ چرچ ۽ مسجد ۽ ديول ۽ ڪليسا جهڙو نظام هجي، نہ ڪو ان لاءِ ڪعبہ ۽ يروشلم وانگر مشهور عبادت گهر هجي. ڪا جماعتي تنظيم نہ هجي، ڪا لازمي مذهبي شڪل نہ هجي، جنهن ڪري سندس

Gul Hayat Institute

پوئلگ ڪن واجبي اصولن تي هلي سگهن.
هندو مت کي هڪ مذهب ڪئن ٿو چئي سگهجي،
جڏهن هو سيني عقيدن کي تسليم ٿو ڪري!
ايتريقدر جو 'الحاد ۽ لا ادويت' کي به قبول ڪري
ٿي. هڪ چيز، جا 'هندو مت' ۾ متفقه طور آهي ۽
واضح آهي، سو آهي 'سماجي قانون'. پر اهو به
افسوس جو مختلف ذاتين، مختلف گروهن ۽ مختلف
ملڪن ۽ حصن ۾ هڪبئي کان مختلف آهي. اصل
۾ ذات پات جو نظام ٿي هندن تي حڪومت ٿو ڪري."
(ص 139_141)

ان مان صاف واضح ٿيو ته هندو مذهب، ذات پات ۽
ڇوت ڇات جي مختلف ۽ متضاد خيالن جو مجموعو آهي، جنهن
جو نه پيغمبر ۽ پيشوا آهي، نه عبادت گاه آهي ۽ نه
اصول حيات.

(6) سوامي ويڪانند:

هندو مت جو بلند پايه محقق ۽ عالم سوامي ويڪانند
پنهنجي مقالي "Hinduism a universal relegion" (هندو مت
هڪ عالمگير مذهب) جي مڪمد ۾ فرمائي ٿو:
"هندو مت ڇا آهي ۽ ڇا نه آهي، سڀ ڪجهه
آهي ۽ ڪجهه به ناهي! پانڻ پانت جي ديو مالا
مان ڳڌ، بت پرستيءَ جي پست تصورات ڳائين، 'ٻڌ'
وارن جي 'لا ادويت' ۽ 'جين' وارن جو 'الحاد'. ان
مان هرهڪ جدا جدا، ٽوڙي پاڙ ۾ مايل جليل. سڀ
هندو مت ۾ ڪونه ڪو مقام وکن ٿا!" (1)

(1) هي مقالو شڪاگو ۾ منعقد ٿيل مذهبن جي پارليامينٽ ۾ 1893ع
۾ پڙهيو ويو آهي.

Gul Hayat Institute

سوامي وويڪانند جي چوڻ موجب هندوست ۾ هر چيز موجود آهي: ويدانت به ته بت پرستي به، ديومالائي عقل کان ٻاهر قصا ۽ افسانا به، ته روايتون ۽ ڪرشما به ٽيٽيهه ڪروڙ ديوتائن کي مڃڻ به ته خدا کان انڪار به، لا ادري بہ ته ملحد ۽ منڪر به.

(7) 'هندو' ڇا؟

خود لفظ 'هندو' پڻ عالمن ۽ محققن وٽ زير بحث رهيو آهي. اهي عالم 'هندو مت' جي اختلاف ۽ تضاد کي ڏسي، حيران رهجي وڃن ٿا. انهن کان جڏهن پڇا ڪئي ويئي ته 'هندو مت' جي تعريف ڪهڙي آهي، تڏهن جواب ڏنائون:

"هندو مت جي ڪابہ تعريف سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي سگهي. اٿين ڪٿي چئجي ته 'هندوست' اهو مذهب آهي، جنهن کي 'هندو' ٿا مڃين."

جان ڪلارڪ آرچر ان تي لکي ٿو:

"عجب آهي، اها تہ ڪا تعريف نہ ٿي، نهايت مبهم تعريف آهي. ڪنهن بهتر تعريف جي نہ ڪري سگهڻ ڪري، اسان لاچار، ان لفظ جو استعمال 'هندوءَ جي مذهب' جي مفهوم ۾ ٿي ڪري ٿا سگهون."

(The great relegious of the modern world)

اتي اچي اهو مشڪل سوال ٿو پيدا ٿئي تہ پلا 'هندو' جي تعريف ڪهڙي آهي؟ "برطانوي هند ۾ هندو قانون" جو مصنف ٿو فرمائي:

"هاڻي رهيو اهو سوال، تہ جو سڀ کان وڌيڪ اهم آهي، ۽ ان سان گڏ دشوار ترين بہ آهي تہ آخر 'هندو' ڪير آهي؟ هندوءَ جو نالو پنهنجي مفهوم

Gul Hayat Institute

جي لحاظ سان ڪجهه زياده متعين ناهي!....'هندو' لفظ سنسڪرت جي قديم ڪتابن ۾ به ناهي. هي لفظ اصل جي اعتبار سان 'پاهريون' آهي. اهو لفظ 'انڊس' يا سنڌو (سنڌ)، مان نڪتو آهي. اهو لفظ سنڌو درياء جي اوپر وارن ماڻهن لاءِ، مسلمانن استعمال ڪيو ۽ رفته رفته اهو لفظ هند جي باشندن تي حاوي ٿي ويو. معنيٰ ته هندو هندوستان جو."(ص 7)

ان جي تائيد پائي پرمانند، آل انڊيا مهاسڀا جي صدر، پڻ ڪئي آهي.

ايتري بحث مان اهو نتيجو ٿو نڪري ته هندو ۽ هندوست جي حقيقت ڪنهن اصول ۽ آدرش، نصب العين ۽ مذهبي نظام وانگر ناهي، پر هي هڪ 'سماج' آهي. ان ڪري هندوءَ جي ذهني نشو و نما ۾ ڪابه معنوي حقيقت سمايل ناهي. هو ڪنهن بئي سماج، بئي مذهب، بئي نصب العين ۾ نه ڪو پاڻ شريڪ ٿئي ٿو ۽ نه ڪو ان کي پاڻ سان گڏ رهڻ ڏئي ٿو.

Gul Hayat Institute

برصغير هندو پاڪ جو سياسي پس منظر
1857ع-1920ع

1857ع واري آزاديءَ جي جدوجهد، جنهن کي انگريزن بغاوت قرار ڏنو، ان جو سارو الزام، انگريزن پاران مسلمانن تي ئي هنيو ويو. حڪومت برطانيه ۽ عيسائي مبلغن اهو فيصلو ڪيو ته ان بغاوت جا مهندار مسلمان ئي آهن، هندو رڳو هنگامي حالتن ۾ شريڪ ٿيا هئا، انهن جو ڪو به ڏوهه ناهي.

هيرنگٽن ٽامس

”مون بيان ڪيو ته غدر (1857ع) جا باني هندو ناهن، اها ’مسلمانن جي سازش‘ هئي. مسلمان خليفه اول (ترڪي) ڪان وٺي اڄ تائين مغرور، غير رواداد ۽ ظالم رهندا آيا آهن. سندن مقصد ”اسلامي حڪومت جو قيام“ آهي. ڪين عيسائين ڪان نفرت آهي. هو ڪنهن به غير مسلم حڪومت لاءِ ’وفادار رعايا‘ ٿي نه ٿا سگهن. قرآني احڪام جي موجودگيءَ ۾ اهو ناممڪن آهي.“

(حڪومت خود اختياري، ص 58_57)

Gul Hayat Institute

چارلس گرانٽ

ڪمپنيءَ جو ڊائريڪٽر چارلس گرانٽ لکي ٿو:

”هندو ايترو دل جا ڪمزور آهن، جو انهن ۾ سياسي آزاديءَ حاصل ڪرڻ جيتري قابليت پيدا ٿيڻ جي ڪابه اميد ناهي! ان جي خلاف حڪومت کي اهو خطرو هوندو هو ته اسان مسلمانن کان حڪومت کسي آهي، تنهنڪري حڪومت کي کسڻ جي طاقت به مسلمانن ۾ ئي آهي. تنهن ڪري مسلمانن کي هر شعبهءِ حيات ۾ ختم ڪيو ويو. هر طرف مسلمانن جي اقتصادي ۽ معاشي زندگي قريب ختم ڪئي وئي، کين تعليم ۽ تربيت کان محروم ڪيو ويو.“ (تاريخ تعليم، سيد محمود ص 151)

مدراس حڪومت اعتراف ڪيو ته:

”موجوده تعليم جو خاڪو هندن جي ضرورتن آهر بنايو ويو آهي ۽ مسلمانن کي يڪسر نظرانداز ڪيو ويو آهي. ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ مسلمانن جي گهٽتائي ڪو حيرت انگيز امر ناهي، بلڪ مٿين حالتن ۾ انهن مسلمانن جو زنده رهڻ ۽ هجڻ وڏيڪ حيرت انگيز آهي.“ (تاريخ تعليم، سيد محمود ص 155)

سر جيمس:

سر جيمس، جو باغين جي تحقيقات لاءِ مقرر ٿيو هو، ۽ جنهن جي تحقيقات جي نتيجي ۾ هزارها مسلمان ڪاري پاڻي جي سزا وٺي چڪا هئا، اهو هن طرح ٿو لکي:

”اسان ائين نہ ٿا چئي سگهون تہ مسلمانن جي بي اطميناني بي بنياد آهي. سالن جا سال لاڳيتو مسلمانن کي نظر انداز ڪيو ويو آهي، ۽ انهن ڏانهن غفلت جي روش روا رکي وئي آهي.“
(ڪلڪتہ رويو آڪٽوبر 1860ع ص 195
روشن مستقبل، ص 166)

ملازمت

ملازمت جا دروازا مسلمانن تي بند ڪيا ويا.
ڊاڪٽر هنٽر 'مسلمانان هند' ۾ لکي ٿو.
”1879ع ۾ مشڪل سان ڪو اهڙو سرڪاري دفتر هوندو، جتي اوهان کي مسلمان ملازم ملندا. جي ملندا تہ اهي هوندا چپراسي، پٽيوالا يا ٽپالي. انهن کان سواءِ بہ ڪنهن بہ ملازمت ملڻ جي مسلمانن کي اميد ڪانہ آهي.“ (روشن مستقبل ص 150)
ساڳيو هنٽر ٻئي هنڌ لکي ٿو:
”مسلمان هاڻي ايترو هيٺ ڪري چڪا آهن، جو باوجود ملازمت جي هجڻ جي بہ ڪين ڪانہ ٿي ملي.“
(مسلمانان هند، سر وليم هنٽر ص 158 ۽
روشن مستقبل ص 159)

ان کان علاوه، مسلمانن جون بچيل ملڪيتون بہ لٽيون ويون ۽ سوين بيگناهہ عالم قريباً ست سو ڪاري پاڻيءَ ڏانهن موڪليا ويا، جن وڃي انڊمان ٻيٽ کي آباد ڪيو.
سر آڪلنڊ، گورنر صوبہ متحده (يو. پي) لکيو آهي:
”غدر ناڪامياب ٿيڻ کان پوءِ، اسان مسلمانن کان سخت انتقام ورتو ۽ ٻنهي قومن، انگريزن ۽ مسلمانن،

Gul Hayat Institute

جي مصالحت جي اميد هميشه لاءِ ختم ٿي.“
(روشن مستقبل ص 53)

ان انتقامي جذبي جي ماتحت مسلمانن کي هر شعبي مان خارج ڪيو ويو.

انگ اکر:

1857ع جي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ ڪل 27 هزار مسلمان ماريا ويا ۽ ڦاسيءَ تي چاڙهيا ويا. مسلمانن کي ڪُچلڻ لاءِ، هڪ لک ويهه هزار انگريز سولجرن سان گڏ، ٽي لک ڏهه هزار ديسي سولجر شامل رهيا. اهي ديسي سولجر سک ۽ مرهٽا، جاٽ ۽ هندو راجپوت هئا. اگر ديسي سولجر انگريز جو ساٿ نه ڏين ها ته پوءِ ’مسلمان‘ 1857ع ۾ ئي انگريزن کان ملڪ ڇڏائي سگهن ها.

سر سيد احمد:

سڀ کان اول، سر سيد احمد خان ئي هندو ذهنيت جو اندازو لڳايو ۽ کين سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. سر سيد هندو ليڊرن ۽ قومي پيشوائن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي، ڪتاب لکيا، پر نتيجو ڪجهه به نه نڪتو. ان کان پوءِ هندو مسلم اتحاد کان بلڪل ناڪامياب ٿي، ”تهذيب الاخلاق“ فيبروري 1865ع ۾ لکيائين:

”ياد رکو، اوهان کي ’اسلام‘ تي ئي جڙتو آهي ۽ اسلام تي ئي مرتو آهي. ’اسلام‘ کي قائم رکي ٿي، اسان جي قوم، قوم بڻجي سگهي ٿي. عزيزو، اگر ڪو آسمان جو تارو بڻجي وڃي، مگر مسلمان نه رهيو ته پوءِ ان ۾ اسان جو ڇا؟ اهو ته ڇڻ اسان جي قوم ۾ رهيو ٿي نه ۽ ’اسلام‘ کي قائم رکندي

ترقي ڪرڻ ئي قومي ڀلائيءَ جي مترادف آهي.“
(تهذيب الاخلاق، فيبروري 1865ع)

ان ڪان پوءِ، ساڳي سر سيد احمد، مسلمانن جي تعليم بابت ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو:

”هاڻي مون کي يقين ٿي چڪو آهي، ته هندو ۽ مسلم قومون، ڪنهن به ڪم ۾ دل سان شريڪ ٿي نه سگهنديون. هيئنر ته ڪجهه ٿيو ئـي ناهي، جو ٿيو آهي، اهو ته اڃا گهٽ آهي. آئينده زيادهه مخالفت ۽ عناد منجهن پيدا ٿيندو، اهو سڀ تنگ دل تعليم يافته هندن جي ڪري، وڏندو نظر اچي ٿو. جو زنده رهندو، سو پنهنجين اکين سان ڏسندو.“

سر سيد جي پيشنگوئي، اڳتي هلي حرف به حرف درست ثابت ٿي.

هندو ذهنيت:

هندو ذهنيت جي تشڪيل جن عناصرن مان ٿي آهي، اهي عناصر برهمنزم مان پيدا ٿيا. ان متعلق اسان هن کان اڳ گهڻو ڪجهه لکي چڪا آهيون.

سر سيد کان پوءِ هندو ذهنيت جي ترجماني ۽ تشريح جن هندو ليڊرن وقت به وقت ڪئي آهي، ان کي مطالعه ڪرڻ کان پوءِ هر صاحب عقل دنگ رهجي ٿو وڃي.

مثلاً، لاله هرديال جهڙي روشن خيال ليڊر به هن طرح چٽي ڏنو:

”مان چوان ٿو ته هندو قوم ۽ هندوستان ۽ پنجاب جو مستقبل هنن چئن آدرشن تي منحصر آهي:
(1) سنگهٺن (2) هندو راج (3) اسلام ۽ عيسائيت

جي شڌي (4) سرحدي مسلم علاقن تي فتح حاصل ڪرڻ ۽ انهن جي شڌي. جيستائين هندو اهي چارئي مرحلا طئي نہ ڪندا، تيستائين اسان جو اولاد، پٽ، پوٽا ۽ ڀڙ پوٽا هميشہ لاءِ خطري ۾ رهندا."

اهڙن خيالن ڪري تعليم يافتہ ۽ تاجر هندو هميشہ اهڙين سازشن ۾ مشغول رهندا هئا ۽ 'شڌي ۽ سنگهٽن' تحريڪن ۾ حصو وٺندا هئا.

ان طرح لالہ لجپتراءِ جهڙي مشهور معروف ليڊر بہ هن طرح پنهنجو خيال ظاهر ڪيو:

"هڪ ٻي چيز، جا گهڻي زماني کان مون لاءِ بيقراريءَ جو سبب بڻي آهي، سو آهي 'هندو مسلم اتحاد' جو مسئلو. مان چاهيان ٿو تہ اوهان ڪي ان متعلق فڪر ۽ غور لاءِ دعوت ڏيان. گذريل 6 مهينا مون اسلامي تاريخ ۽ اسلامي قانون جي مطالعہ ۾ صرف ڪيا آهن. مان ان نتيجي تي پهتو آهيان، تہ 'هندو مسلم اتحاد' بلڪل ناممڪن چيز ۽ ناقابل عمل مسئلو آهي. اهي مسلمان رهنما، جي عدم تشدد جي تحريڪ ۾ شامل آهن، اگر انهن جي خلوص نيت کي تسليم ڪيو وڃي، تہ پوءِ بہ منهنجي خيال ۾ انهن جو مذهب، ان رستي ۾ وڏي رڪاوٽ ثابت ٿيندو. اوهان کي ياد هوندو، تہ حڪيم اجمل خان ۽ ڊاڪٽر ڪچلو سان ڪلڪتي ۾ ڪيل گفتگو جي ڳالهہ مون اوهان سان روبرو ڪئي هئي. هندوستان ۾ حڪيم صاحب کان وڌيڪ نرم ۽ سمجهدار انسان مسلمانن ۾ مون ڪي ڪونہ سمجهي. ليڪن سوال هي آهي تہ ڇا حڪيم صاحب يا ڪو ٻيو مسلمان ليڊر

قرآن جي تعليم کي رد ڪري سگهي ٿو ڇا؟ خدا ڪري، اسلامي قانون جي مطالع ڪان پوءِ مان جنهن نتيجي تي پهتو آهيان، سو غلط هجي، جو تہ منهنجي دل جي اضطراب کي دور ڪرڻ واري ان ڪان وڌيڪ ٻي ڪابہ عمدي ڳالهہ نہ ٿيندي، پر جي منهنجي ڳالهہ درست آهي تہ پوءِ ان جو مطلب اهو ٿيندو تہ اسان انگريز جي مقابلي ۾ متحد ٿي سگهنداسون. ليڪن برطانوي طرز حڪومت جي مطابق، هندوستان ۾ نظام حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ اهڙو اتحاد ناممڪن نظر ٿو اچي. مسلمان ڪڏهن بہ ان تي اتفاق نہ ڪندا. مان هند جي 8 ڪروڙ مسلمانن ڪان ڊڄان نہ ٿو، ليڪن انهن سان گڏ، افغانستان، وچ ايشيا، عرب، عراق ۽ ترڪيءَ جي هٿيار بند فوجن سان تہ اصل نہ پڄي سگهنداسون."

(لجپتراءِ، سي. آر. داس جي نالي خط)

اهو آهي 'قرآن' ۽ اسلامي قانون جي مطالعہ جو نتيجو، جو لجپتراءِ جهڙي باشعور ليڊر پيش ڪيو آهي. ان طرح آل انڊيا مهاسڀا جي صدر ڀائي پرمانند جو چوڻ آهي:

"اوهان سرڪاري مهربانيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪريو ۽ سرڪاري عهدن کي هٿن ۾ آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪريو، ۽ سرڪار مان ملي سڀ ڪان اول 'مسلمان' کي ڪمزور ڪريو، ۽ هندن جي طاقت کي وڌايو. ان ڪان پوءِ 'سوراج' جي ڳالهہ ڪرڻ گهرجي."

(هندو سنگهٽن ۽ آريہ سماج: از ڀائي پرمانند ص 180)

Gul Hayat Institute

ان طرح سر والٽر لاريڻس هڪ ڪتاب 'هندوستان' لکيو آهي، جنهن جا اقتباس، نواب سر ذوالفقار علي ۽ ڊاڪٽر سهروردي‌ءَ، مرڪزي سائمن ڪميٽيءَ جي اختلافي نوٽن ۾ استعمال ڪيا هئا. هڪ اقتباس هن طرح آهي:

لارڊ ڪرزن جي دعوت ۾، جوڌپور جي راجا جو پاءُ پرتاب به شملي ۾ شريڪ ٿيو. ان سان رات جو 2 بجي تائين ڳالهيون ٿينديون رهيون.

”سر پرتاب چيو ته منهنجو مقصد اهو آهي ته مسلمانن کي هندوستان ۾ فنا ڪري ڇڏيان. مون سندس ان تعصب جي مذمت ڪئي، ۽ انهن مسلمانن دوستن جو ذڪر ڪيو، جن سان سندس ۽ منهنجي دوستي هئي. ان تي چيائين، بيشڪ مان به ان کي پسند ڪريان ٿو، پر ان سان گڏ اهو به چاهيان ٿو ته اهي شال مري وڃن! بس دنيا ۾ منهنجو صرف هڪ مقصد آهي، سڀ کان اول، بادشاه سلامت جي دشمنن جي خلاف، فوج جي قيادت ڪندي مري وڃان ۽ ٻيو هندوستان مان مسلمانن کي ڪڍي ختم ڪري ڇڏيان.“

Gul Hayat Institute

'هندو ذهنيت' جي ان اشتعال انگيز دور ۾، مسلمانن جي حقن ۽ مطالبن متعلق جا غلط فهمي پيدا ڪئي وئي، تنهن جا اڳتي هلي نتيجا خراب نڪتا. ان سلسلي ۾، هندن جي وڏي سياسي ليڊر ۽ ودوان، پنڊت گنگادر 'تلڪ' مهاراج، جو مهاراشٽر جو 'برهمن' هو، تنهن متعلق سندس سوانح نگار لکيو آهي ته:

”جڏهن سندس مرتيو جي گهڙي قريب آئي، تڏهن هڪ دوست کي چيائين ته منهنجو هي پيغام مهاتما گانڌيءَ کي پهچايو وڃي ته هو مون وانگر

همیشه ان ڳالھہ جو خیال رکي ته، جئن به ٿـي سگهي، هندوستان جون سڀ جائدادون ۽ ملڪيتون 'هندن' جي قبضي ۾ اچي وڃن. باقي وڃـي هڪ 'حڪومت' جو مسئلو بچندو، جنهن کي حل ڪرڻ بلڪل آسان ٿيندو. سڀ کان مقدم چيز اها آهي، ته جائداد ۽ ملڪيت هندو قوم جي قبضي اچي."
(هندو راڄ کي منصوبي: از افضل حسين)

هي آهي تلڪ مهاراج جو اپديش، جنهن کي پڙهڻ کان پوء برهمنزم جا ارادا بي نقاب ٿي وڃن ٿا. خدا رحمت ڪري سر سيد احمد تي، جنهن جي حقيقت شناس نگاهه برهمنزم جـي انهن غلط ارادن کي 1888ع ۾ ئي تـاڙي ورتو هـو. چنانچه 'ميرٺ' ۾ تقرير ڪندي چيو اٿس:
"فرض ڪريو ته اڄ انگريز هندستان کي ڇڏي نو وڃي، ته پوء سوال ٿو پيدا ٿئي ته هندوستان جو حڪمران ڪير ٿيندو؟ ڇا اهو ممڪن آهي تـه موجوده تنگ نظر ۽ ڪشمڪش واري غلط ماحول ۾ ٻئي قومون، مسلمان ۽ هندو، گڏجي هڪ تخت تي ويهي سگهندا ۽ ساري طاقت ۽ اختيار جا مالڪ ٿي سگهندا."
(ميرٺ جي تقرير: از سر سيد احمد 1888ع)

مسلمانن لاء ذهني رد عمل

اصل ۾ ڳالهہ اها آهي ته بر صغير هندو پاڪ ۾ 'هندو مسلم اتحاد' جون سڀ ڪوششون ان ڪري نـاڪام ٿيون، ڇالاءِ ته هندو ذهنيت رکندڙ برهمن ليڊر 'ڪثرت' جي بنياد کان علاوهہ، پنهنجي ادبي، تقدس، اوچ نسل هجڻ جي زعم

Gul Hayat Institute

۾ اچي ڪري، 'مسلمانن' کي هڪ ڏينهن لاءِ به هت رهڻ جي حق ۾ نه هوا هو، هميشه، مسلمانن جي خاتمي لاءِ پيا واجهائيندا هئا.

ڪن ساده لوح مسلمان ليڊرن، هندو مسلم اتحاد ۽ 'هوم رول' جي سلسلي ۾ گهڻيون ئي قربانيون ڏنيون، پر سچ پچ، 'هندو' مسلمان کي ڪڏهن به قبول ڪرڻ لاءِ دل سان تيار نه ٿيو. اسان وٽ وڏا وڏا ديش ڀڳت ۽ گانڌي ڀڳت اهڙا به ٿيا آهن، جن جي شيرين زباني جي کهڙي ڳالهه ڪجي، پر سندن دل ۾ 'مسلمانن' جي دشمنيءَ گهر ڪري ڪري ڇڏيو هو. هو گانءِ ۽ ڪتي کي پيار ڪري سگهيا ٿي، پر هن 'مليڇ' سان منهن لڳائڻ لاءِ به تيار نه هئا. هندو ذهنيت کي سمجهڻ لاءِ تاريخ جا تاريڪ ورق پريا پيا آهن.

جائزو:

تاريخ صاف ٿي ٻڌائي ته برهمن مت جي عروج هت ذات پات جون بندشون تيار ڪري، اهڙو نولادي نظام قائم ڪيو، جو ڪڏهن به ٽٽي نه ٿي سگهيو. ان 'مت' انسان ذات کي گروهن ۾ ورهائي ڇڏيو، ايتريقدر جو هزارن سالن جي گذرڻ کان پوءِ به هزارين نسل مري کپي ويا، پر هڪ گروهه جو ڪنهن ٻئي گروهه سان اتحاد ۽ اتصال ٿي نه سگهيو. برهمن، کتري، وئش ۽ شودر، هر حال ۾ رهندا آيا. 'برهمنزم' خود ٻڌمت ۽ جين مت کي ختم ڪري ڇڏيو، هندوستان ۾ انهن لاءِ ڪابه جاءِ پناهه نه رهي، ڪروڙين ماڻهو قتل ڪيا ويا، باقي بچيل سلون ۽ چين ڏانهن ڀڄي ويا. ان ئي ماحول ۾ اهل اسلام آيا، مظلوم ۽ مقهور عوام، سندن استقبال ڪيو ۽ انهن جي آمد کي رحمت ڪري سمجهيائون. پر 'برهمن' ڪڏهن

Gul Hayat Institute

به 'مسلمان' کي قبول نه ڪيو. هو هر دور ۾ مسلمان کي اجنبي، شوديشي ۽ غاصب سمجهندو رهيو بلڪ اڇوت ۽ شودر کان به 'مسلمان' جي حيثيت گهٽ قرار ڏني وئي. اِهي منافقانه روش جا 'هندو برهمڻ' جي پيدائشي چال آهي، سا اها ته مسلمانن کي جيستائين اقتدار حاصل رهيو، تيستائين منافقانه طور مسلمانن جا 'دوست' ٿي رهيا، مگر ذهني طور تي مسلمانن کي ڪڏهن به قبول نه ڪيائون.

'برهمڻ' ورن آشرم جي تقسيم ڪري، هر هندوءَ جي تحت الشعور تائين اهو زهر ڦهلائي ڇڏيو هو ته، سڀ ڪجهه 'برهمڻ' جي استفادي لاءِ پيدا ٿيو آهي، ۽ هر غير برهمڻ فقط 'برهمڻ' جي خدمت لاءِ پيدا ٿيل آهي. 'برهمڻ' ڪنهن به اخلاقي ۽ قانوني قيد جو پابند ناهي، بلڪ اخلاقي ۽ معاشرتي معيار 'برهمڻ' جي خواهش پٽاندڙ بدلجي ٿا سگهن. برهمڻ پاڻ کان سواءِ، باقي انسان ذات کي کتري، ويش ۽ شودر مڃي، حڪومت، سپه گري ۽ تجارت سندن حوالي ڪئي، ۽ پاڻ ميني جي مٿان بالادستي قائم ڪري ويهي رهيا.

'برهمڻ' هميشه حڪمران طبقي کي پنهنجو محافظ ۽ خادم ڪري تصور ڪيو. اهوئي سبب آهي جو هن حڪومت جي معاملي ۾ ڪنهن سان واسطو نه رکيو. جو به بالادست آيو، برهمڻ ان جي غير شعوري طرح سان، منافقانه اطاعت ڪئي. ۽ اهڙي چال اختيار ڪئي، جنهن حڪمران جي قوت سندن ئي مفاد ۽ تحفظ لاءِ استعمال ٿي سگهي. 'برهمڻ' کلمئي ميدان ۾ مقابلو نه ڪيو، پر ان انتظار ۾ رهيو، ته ڪڏهن ٿو حڪمران گروهه ۾ اختلاف پيدا ٿئي. جيئن ئي اهڙو وقت آيو، برهمڻ شمشير به ڪف ٿي قتل و غارت ۾ سرگرم رهيو. جنهن دڙ تي هو مٿو ٽيڪيندو هو، ان ئي دڙ کي آڪيڙڻ ۾ مشغول

هيو، هڪ در کي تباهه ڪري، ٻئي در تي سر کي رڳڙيندو رهيو. برهمڻ هميشه تـازه دم اقتدار جـي انتظار ۾ رهيو ۽ پنهنجي وفاداريءَ جي مرڪز بدلائڻ لاءِ هميشه تيار!

حڪمرانن مان قافلن جا قافلا آيا ۽ ويا ڪيئي برهمڻ جي ورن آشرم واري سمونڊ ۾ غرق ٿي ويا. اهو سلسلو هلندو رهيو ۽ انگريز آيو. انگريز جو مصرف برهمڻ وٽ صرف ايترو هو ته برهمڻ کي اڳين حاڪمن مسلمانن کان نجات ڏياري!

1857ع تائين، منافقانه روش تي قائم رهندي به انگريز لاءِ شڪ ۾ رهيو، پر جڏهن ڏٺائين ته انگريز برهمڻ جي مفاد جو تحفظ ڪري رهيو آهي، ۽ 'مسلمانن' کـي تباهه ڪري رهيو آهي، تڏهن ڪيس فوراً اطمينان حاصل ٿيو، ۽ هو پوريءَ طرح انگريز جي پناهه ۾ آيو. اڳتي هلي، انگريز جي سونپيل ڪم کي پايه تڪميل تي پهچائڻ لاءِ، مسلمانن خلاف قتل و غارت جي بازار گرم رکيائين. شڌي ۽ سنگهٽن تحريڪون هلائي، مسلمانن کي اسلام کان ڦيرائڻ لاءِ ڪم شروع ڪيائين. قلم سان 'اسلام' جي خلاف زهر افشاني ڪندي ڪوبه شرم محسوس نه ڪيائين. ايتري قدر جو نون حڪمرانن جي گود ۾ ويهي، وطنيت، جمهوريت ۽ رياست ۽ سياست جـي جديد تصورات کي به حسب عادت قبول ڪري، انگريز سان ملي، مسلمانن جي خلاف محاذ قائم ڪيائين. ان ساري جائزي لاءِ، هن ملڪ جي تاريخ شاهد آهي.

بهرحال، 'برهمڻ' اقتدار وارن سان ٿيي، مسلمانن کـي ناس ڪرڻ ۾ سڀ کان پيش پيش رهيو.

چاڻڪيه، ششو پال، بيربل، اڏي سنگهه، پرتاب سنگهه، شيواجي، لوڪمانيه تلڪ، لجپتراءِ، پٽيل، برلا، ٽاٽا، ڊالميا، شاستري مدن موهن مالويه، موتي لال نهرو، سوامي ديانند ۽ شرڌا نند

ان ئي محور تي گردش ڪندا رهيا، ۽ ڪڏهن به 'مسلمانن' کي قبول نه ڪيائون. 'مسلمان' حاڪم رهيو ته ڪوس پانهون پڌي 'پرنام' ڪندا رهيا. انهن کي پنهنجين ڌيئن جا سڱ ڏيندا رهيا، ليڪن در پرده سندن بيخ ڪنيءَ لاءِ ڪم ڪندا آيا، ۽ سيني احسانن کي فراموش ڪري، کين نابود ڪرڻ لاءِ سازشون تيار ڪندا رهيا.

1857ع کان پوءِ، جڏن انگريز جا قدم پختا ٿيا، ۽ مسلمان معذور ۽ محتاج بنجي ويا، تڏن 'برهمن' به پر کولڻ شروع ڪيا. نئين آيل جو استقبال ڪيائون ۽ ويندڙ کي الوداع!

سڀ کان اول بنگال جي مسلمانن کي، اتي جي راجائن، انگريز سان ملي، تباهه ڪيو. زميندارن ۽ هارين جي ملڪيتن کي لٽيائون، مسلمانن کي گهرن مان لوڏي ڪڍيائون. انهن جي گهوٽن کي ساڙيائون ۽ کين بي دريغ قتل ڪيائون.

Gul Hayat Institute

فسادن جو آغاز

1857ع جي جدوجهد جي ناڪاميابيءَ کان پوءِ مسلمانن جي خلاف فسادن جو سلسلو شروع ٿيو. چوڌري خليق الزمان پنهنجي ڪتاب (1) ۾ لکي ٿو:

"انگريز جي عملداريءَ ۾ سڀ کان پهريون فساد 1804ع ۾، بنارس ۾ ٿيو. ليڪن 1839ع ۾ گنپتي جي جلوس جي آڙ ۾، هندن، جي فساد ڪرايا، تن پوري ملڪ ۾ هندو مسلم فسادن جي باهه پڙڪائي چڙي. اهي فساد، عام طرح سان، انهن هنڌن تي ٿيا، جتي 'مسلمان' ٿورائيءَ ۾ هئا. 'يو. پي' جي اوبر واري علائقي ۾، جنهن ۾ مسلمانن جي آبادي 4 کان 7 في صدي هئي، اتي فسادن ۾ ڪثرت پيدا ٿي. باقي جتي مسلم آبادي 20 في صدي هئي، اتي فساد گهٽ ٿيا. مطلب اهو ته فسادن جي ابتدا هميشه ڪثرت وارن کان ٿيندي هئي."

گنپتي جلوس

گنپتي جلوس، جنهن کان فسادن جو آغاز ٿيو، ان جو ڪرتا ڌرتا، لوڪ مانيه تلڪ مهاراج هو. 'هندو راڄ ڪي منصوبي'

(1) Pathway to Pakistan

Gul Hayat Institute

جو مصنف فضل حسين خان، ان جلوس ۽ فساد کي هن طرح سان بيان ڪيو آهي:

”رولٽ ڪميٽيءَ جي رپورٽ جو آغاز ئي هنن لفظن سان ڪيو ويو آهي، ته مغربي هندوستان ۾، فسادن جي تحريڪ جا آثار، ابتداءِ ۾ ڪن ساليانه ميلن ۾ رونما ٿيا، جن سان هڪ هندو ديوتا گنپتي جي اعزاز ۾ منعقد ٿيو ۽ ٻيو مرهٽي باغيءَ ’شيواجيءَ‘ جي اعزاز ۾ ٿيو، جنهن دکن جي هندن کي، مسلمان حڪمرانن خلاف ڀڙڪايو هو. ’گنپتي‘ جي ميلي جي ابتدا 1893ع وارن بمبئيءَ جي فسادن سان گڏ ڪئي وئي. ڪن مفسد پرداز هندن، ’مسلمانن‘ کي زير بار ڪرڻ لاءِ، اها صلاح ڪئي ته جئن مسلمان محرم ۾ امام حسين عليه السلام جي مقبري جا تعزيه ڪڍي پوءِ درياءَ ۾ ٻوڙيندا ڪن ٿا، تئن ’گنپتي ديوتا‘ جا بت ان طرح سان جلوس ڪڍجن ۽ مسلمانن سان بهانو ڪري فساد ڪجن. جو ته ان کان اڳ، سرڪاري طرح سان، مسجدن جي اڳيان بينڊ باجن وارن جلوسن ڪڍڻ جي منع ٿي چڪي هئي. ان کان بچڻ لاءِ، 1804ع ۾، هندن جي ان معمولي پوڄا ۽ پاٺ کي، عالمگير نمائش بڻائڻ لاءِ، انتظام ڪيو ۽ ان ميلي جي اهڙي جڳهه مقرر ڪيائون، جتي هندو عوام سولائيءَ سان پهچي ٿي سگهيو. ان سان گڏ جلوس ۾ تلوار بازيءَ کي ڌرمي رسم ڏئي، جاري ڪيائون. نيٺ ميلو ٿيو. ان ۾ تلوار بازيءَ سان گڏ، اهڙا اشعار جلوس ۾ پڙهيا ويا، جن ۾ مسلمانن جي خلاف دل آزار حملا هئا. ان موقعي تي اهڙا اشتهار پڻ ورهايا ويا، جن ۾ هندن ۽ مرهٽن

کي ترغيب ڏني ويئي هئي تہ هو 'مسلمانن' کي مارين ۽ تباهہ ڪن. چوڻ شروع ڪيائون: دشمن ۽ دئيتن جا خنجر اسان جي سيني ۾ ٽنبيل آهن. هندو جاتيءَ کي گهرجي، تہ انهن کي ڪيڏي ڇڏن. قدرتاً ان سيلي ۾ اشتعال پيدا ٿيو، جلوس نڪتو، جنهن مسجد جي پرسان لنگهندي، نعره بازي شروع ڪئي، مسلمانن کي ماريو ۽ مسجد کي باهہ لڳايائون. ان کان پوءِ، گنپتي جلوس جي آڙ ۾ پوري ملڪ ۾ فساد ڪيا ويا."

فسادن جو سلسلو

ان مان معلوم ٿيو تہ 'فساد' گنپتي جلوس کان شروع ٿيا، پر آر. سي. موجمدار صاحب، پنهنجي ڪتاب، "History of the freedom movement in India" ۾ هندو مسلم فسادات جي سلسلي ۾، ٻڌايو آهي تہ فساد ان کان بہ اڳ شروع ٿيا هئا.

سندس چوڻ جي مطابق 19 صديءَ جي اوائل ۾ بنارس ۾ هڪ زبردست فساد ٿيو.

1809ع ۾ فسادانگيز هندن، اورنگزيب جي شاهي مسجد تي حملو ڪيو ۽ نمازين کي قتل ڪيو، ان کان پوءِ ساري شهر ۾ مسلمان قتل ڪيا ويا، پنجاهہ کن مسجدون ساڙيون ويون ۽ بي شمار مسلمانن جا لاش ساڙيا ويا.

1877ع ۾ نواب جنجيره جي رياست ۾ فساد ڪرائي، هزارين مسلمان قتل ڪيا ويا.

1885 ۽ 1893ع جي درميان، فسادن جي انداز ۾ اضافو ٿيو.

1885ع ۾ لاهور ۾ فساد ٿيو، جنهن ۾ بازارن ۾ مسلمان ماريا ويا.

Gul Hayat Institute

1886ع ۾ دهليءَ ۾ فساد ٿيو. اتي به قتل و غارت جي بازار گرم وهي.

1889ع ۾ هوشياپور، لڌيانه ۽ انباله ۽ ديري غازي خان ۾ فساد ٿيا جن ۾ هزارين مسلمان ماريا ويا ۽ مسجدون ساڙيون ويون.

1893ع ۾ يو-پيءَ جي اعظم ڳڙه ۾ فساد ٿيو.

1894ع ۾ بمبئيءَ ۾ زبردست جلوس ڪڍي، مسلمانن کي تلوارن سان ماريو ويو. اهي فساد ڇهن ڏينهن تائين هلندا رهيا.

1894ع ۾ عيسيٰ خيل (ضلع ميانوالي) ۾ فساد ٿيو.

1894ع ۾ بهار ۾ وڏو فساد ٿيو، جنهن ۾ هزارين مسلمان ماريا ويا.

1897ع ۾ ڪلڪتي ۾ فساد ٿيا، جن ۾ مسلمانن جا لاش، شهر جي وستن تي، جانور پٽيندا رهيا.

30 سيپٽمبر 1917ع تي پندرنهن هزارن هندن، ڳوٺ ابراهيم پور کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيو. ان ڪري پرسان وارن ننڍن ڳوٺن ۾ دست بدست جنگ ٿيندي رهي.

2- آڪٽوبر 1917ع تي اهڙو فساد ٿيو، جو ست ڏينهن مسلمانن کي هندو ماريندا رهيا. ان فساد ۾، هندن جي قيادت، هندو زميندارن، هاٿين ۽ گهوڙن تي سوار ٿي ڪئي، انهن فسادن ۾، ضلع 'گيا' ۾ نيهه ڳوٺ جلايا ويا. هڪ هزار مسلمانن کي ڊفينس آف انڊيا ايڪٽ ۾ سزائون ڏياريون ويون.

1918ع ۾ هردوار کان 6 ميل پري، ڪٽارپور ۾ فساد ٿيو، ۽ مسلمانن جا گهر جلايا ويا ۽ 300 مسلمان قتل ڪيا ويا ۽ 600 مسلمان زخمي ڪيا ويا، جن ۾ عورتون پڻ هيون.

هي آهن. آر. سي. موجمدار جا پيش ڪيل انگ اکر!

- 'جام جم' ۾ مرحوم 'بلبل' ان موضوع تي، تفصيل سان انگ اکر پيش ڪيا آهن، جي مٿين فسادن کان علاوه آهن، جي غور سان پڙهڻ گهرجن.

Gul Hayat Institute

دياننڊ، شرڌاننڊ ۽ شڌي

گنگاڌر تلڪ جا خيالات اڳ پيش ڪيا ويا آهن. ان سلسلي ۾ هڪ متعصب برهمڻ ديانند سرسوتي، سڀني کان اڳرو رهيو. هن ستيارٿ پرڪاش ڪتاب جي 14 باب ۾ اسلام، پيغمبر اسلام ۽ قرآن تي غليظ، اشتعال انگيز ۽ لغو قسم جا اعتراض ڪيا. ۽ آريه سماج جي تحريڪ جو بنياد وڌائين، ۽ حڪم ڏنائين ته 'مسلمانن' کي ڪيئن به ڪري، هن ملڪ مان لوڏي ٻاهر اڇلايو وڃي ۽ ڪعبي تي 'اوم' جو جهنڊو چاڙهيو وڃي!

– ان کان پوءِ ترڪ موالات ۽ خلافت تحريڪ جي دور ۾ گرفتار ٿيل شرڌانند برهمڻ به پاڻ کي ملهايو.

سيد نور احمد مصنف "مارشل لا سے مارشل لا تک" لکي ٿو:

"هن شخص برصغير هند پاڪ جي تاريخ ۾ داغدار ڪردار ادا ڪيو. هي اول ته پنجاب پوليس ۾ ٺاڻيدار هو، ان کان پوءِ معمولي وڪالت ڪرڻ لڳو، ان کان پوءِ ترڪ دنيا ڪري، گيان ڌيان ۾ گذارڻ لڳو ۽ هردوار ۾ ويهي رهيو ۽ اتي کيس 'سوامي شرڌانند' سڏيو ويو، ورنه سندس نالو هو، منشي رام! ڪجهه وقت کان پوءِ هردوار مان ٽپڙ کڻي دهليءَ ۾ آيو. رولٽ ايڪٽ خلاف تحريڪ ۾ نيم مذهبي ۽ نيم سياسي ليڊر جي صورت ۾ حصو ورتائين."

ان ئي دور ۾ ساده لوح مسلمان، کيس جلوس ۾ ڪنڌن تي کڻي، جامع مسجد دهليءَ ۾ آيا، جتي ممبر تي چڙهي، ولوله انگيز تقرير ڪيائين. جلدي 'عدم تعاون تحريڪ' ۾ جيل ويو. اتا سندس جيل

جو ميعاد پورو ٿي نہ ٿيو هو تہ انگريز جي اشاري تي ڪيس پڙهائي پڪو ڪري، ٻاهر ڪڍيو ويو. جيل مان نڪرندي ئي، هن شخص 'شڌي تحريڪ' شروع ڪئي. تقريرن ۾ چوڻ لڳو: هندوستان جي ميني مسلمانن جا ابا ڏاڏا هندو هئا، تنهن ڪري کين 'شڌ' بنائي دوباره هندو مت ۾ آڻڻ گهرجي. ان مهم جو آغاز ضلع آگره کان ڪيو، اتي ملڪاڻہ راجپوتن مان ٽيهہ هزار مسلمان، شڌ ڪري، دوباره هندو ڌرم ۾ آندائين. اهي ملڪاڻہ راجپوت، سردم شماريءَ جي دفتر ۾ تہ 'مسلمان' شمار ٿيا هئا، پر منجهن هندو رسومات جو زياده دخل هو، هو ڏياري ۽ دسهڙو بہ ڪندا هئا. انهن جي 'هندو' ٿيڻ تي، مسلمانن ۾ اشتعال پيدا ٿيو."

جوابي ڪارگذاري

ان شڌي تحريڪ جي جواب ۾، مسلمانن تبليغي تحريڪ شروع ڪئي. ان دور جي عالمن، خلافت تحريڪ کي انگريزن جي خلاف پيدا ڪيل محاذ تان هٽائي، 'شدي تحريڪ' جو مقابلو ڪري، نہ فقط اهي 30 هزار ملڪاڻہ راجپوت دوباره اسلام ۾ آندا، پر ان سان گڏ، ٻيا لکين پڙهيل ڪڙهيل هندو بہ مسلمان بنائي ڇڏيا. ان طرح 'خلافت تحريڪ' انگريز جي ان وار کي بہ ختم ڪيو، جو شرڌا نند جي معرفت ڪيو ويو هو. نقصان اهو ٿيو، جو انگريز جي خلاف 'تحريڪ خلافت' جو رخ سالن تائين موڙيو ويو ۽ انگريز کي هتان پيرن هٽڻ لاءِ ڪجهہ وڌيڪ عرصو ملي ويو، ورنہ انگريز 1947ع کان اڳ ئي ٽپڙ ٻڌي وڃي ها!

Gul Hayat Institute

سنگھٽن

شرڌانند جي شڌي تحريڪ سان گڏ، ٻئي برهمڻ پنڊت مدن موهن مالويه، وري 'سنگھٽن' تحريڪ شروع ڪئي. مولانا عبدالمجيد 'سالڪ' پنهنجي ڪتاب "اپني سرگذشت" ۾ لکي ٿو:

"ترڪ موالات جي دوميان، ملبار ڪناري تي موپلن جي انگريز سان ڪشمڪش ٿي. خلافت تحريڪ جي ڪري، ان کي اسلامي بغاوت جو رنگ ڏنو ويو. ان وچ ۾ ملتان ۽ ڪوهاٽ ۾ هندو مسلم فساد ٿيا. پنڊت مدن موهن مالويه، ڪافي وقت کان، موقعي جي تلاش ۾ هو. سندس چوڻ هو ته "تحريڪ خلافت جي قربانين جي ڪري امڪان آهي ته مسلمان، پوري ملڪ جي سياست تي ڇانئجي وڃن. ڇا لاءِ ته مسلمان عزم ۽ حوصلي سان ڪم ڪري رهيا آهن."

سندس چوڻ هو ته گانڌيءَ جي عدم تشدد جي تحريڪ هندن کي ڪمزور ڪري رهي آهي. ان ڪري هندن کي ان تحريڪ کان پري رهڻ گھرجي.

مدن موهن مالويه، اها آڙ وٺي، پنهنجن چيلن کي گڏ ڪري، "آل انڊيا هندو مهاسڀا" کي ٻيهر زنده ڪيو، جا تحريڪ اڳ ڪمزور ٿي چڪي هئي. هن 'سنگھٽن' تحريڪ لاءِ، پوري ملڪ ۾ دورا شروع ڪيا. دهلي ۽ آگره ۾ اچي، شرڌانند سان گڏجي، ٽيهه هزار ملڪاڻه راجپوت 'شڌ' ڪيائين. سندس مدد ۾ 'آريه سماج' اٿي کڙي ٿي. هندن کي چيو ويو ته هو مسلمانن جي مقابلي ۾ ڪمربسته ٿي وڃن ۽ سڀ 'سنگھٽن' ۾ اچن. ان سلسلي ۾ ورزش گھر کوليا ويا، جن ۾ هٿيارن هلائڻ جي تعليم سان گڏ، ورزش

Gul Hayat Institute

سيکارڻ لڳا. سيني وڏن شهرن ۾ اهڙا 'آکاڙا' قائم
ڪيا ويا، جن ۾ نوجوان هندن کي، تلوار، چاقو،
لٺ، ڇري، تيزاب ۽ بوتلن، سرن ۽ پٿرن هٿڻ جي
مشق ڏني ويئي. سندن مقصد هو ته، مهل تي هو
مسلمانن تي اهي استعمال ڪري سگهن ۽ ملتان ۽
ڪوهاٽ وانگر مسلمانن هٿان، اجائي مار نه کائن،
پر الٽو مسلمانن کي تباه ڪري سگهن.

'شڌي' جو مقصد اهو هو ته ڀارت ورش ۾ جيترا
مسلمان آهن، اهي سڀ هندن جو اولاد آهن، انهن
کي دوباره "هندو جاتيءَ" ۾ آڻڻ گهرجي، جئن ديش
۾ هندن جي 'عظيم ڪثرت' ٿي سگهي.

ان جي رد عمل ۾ مسلمان جي تحريڪن جو ذڪر
ڪندي، مولانا سالڪ لکي ٿو:

"ان تي مسلمانن طرفان شاندار تبليغي ڪم ڪري،
شڌي ۽ سنگهٽن تحريڪن کي سخت شڪست
ڏني ويئي."

نتيجو اهو نڪتو جو فرقه وارانه جذبات ۾ شدت پيدا
ٿي ويئي.

دهليءَ جي مهاسڀائي ۽ متعصب اخبار 'تيج' ۾ هڪ
نظم شايع ڪئي وئي، جنهن جا ٻه ٽي شعر هن طرح آهن:

ڪام شڌي کا ڪبهي، بند نه هونے پائے
هندئو تم مين هے، مگر جذبۂ ايمان باقي
بهاگ سے وقت يه قومون کو ملا کرتے هين
ره نه جائے کوئي، دنيا مين مسلمان باقي

هندو محلن ۾ آکاڙا قائم ڪيا ويا، تن ۾ لٺ هلائڻ،
بم اڇلائڻ جي تربيت کان سواءِ، پيڻل مرچن ۽ ميرن اڇلائڻ

Gul Hayat Institute

جي تعليم بہ ڏني ويئي. هڪ هندو پنجابي شاعر هن طرح، تلقين ڪئي آهي:

اٿهہ ني ڀاڀهي، اٿان مارا!
مسلي، آگئے وچ بزارا!

”اي ڀاڀي! اٿ ۽ اٿي سرون وساءِ، ڇو تہ مسلمان وچ بازار ۾ اچي چڪا آهن.“

شرڌانند جو قتل

1926ع ۾ هڪ مسلمان ڪاتب عبدالرشيد جي هٿان شرڌانند قتل ٿي ويو، ۽ ان تي فسادن جو سلسلو وري شروع ٿي ويو.

4 مئي 1927ع جي رات، لاهور جي حويلي ڪابلي‌مل جي مسجد ۾، عشا جي نماز پڙهندڙ نمازين تي سکن، جي پوليس سان سبڪدوش ٿيل هئا، تن تلوارن سان حملو ڪيو، ۽ ٽي مسلمان شهيد ڪيا ويا.

ٻئي ڏينهن، جڏهن ٽن شهيدن جا جنازا کڻي، مسلمان لوهاري گيٽ وٽ آيا، تہ پرسان وارن گهرن تان جنازن تي پٿربازي ڪري، بي حرمتي ڪئي وئي. مسلمان وڏيڪ بي حرمتيءَ جي خيال کان خاموش رهيا، پر جڏهن مسلمان قبرستان مان واپس وريا، تڏهن هندن ڪين روڪيو ۽ ان تي ساري شهر ۾ خنجرزنيءَ جا واقعات شروع ٿيا ۽ ٻن ٽن ڏينهن تائين، ڪشت و خون جي بازار گرم رهي، جنهن ۾ 2 سو مسلمان ماريا ويا ۽ 300 کان وڌيڪ زخمي ٿيا ۽ سوين مسلمان گرفتار ڪيا ويا.

فبروري 1929ع تي بمبئيءَ ۾ افواهہ اڏاريا ويا تہ پٺاڻ چوڪيدار ٻارن کي کڻي ٿا وڃن. ان تي شهر جي پٺاڻن تي

Gul Hayat Institute

حملا ڪري کين ماريو ويو. ان تي ڪن هندن تي پڻ مشتعل ٿي، مقابلي ۾ آيا ۽ 2 هندو ماريائون.

9 اپريل 1929ع تي، غازي علم الدين نالي هڪ غيور شخص، مشهور متعصب آريه راجپال کي ماريو، ان تي علم الدين کي ڦاسي ڏني ويئي. سندس جنازي ۾ لک کان مٿي مسلمان شريڪ ٿيا، جلوس جي هلندي ڪيترن هندن مٿي چٽرون ڪيون، پر مسلمان پنهنجن رهنمائن جي چوڻ تي خاموش رهيا، ورنه ان ڏينهن تي لاهور ۾ رت جون نديون اٿلي هلن ها!

1930ع ۽ 1932ع ۾، ڪشمير ۽ سرحد ۾ مسلمانن تي جبر ۽ تشدد کان ڪم ورتو، سندن گهر جلايا ويا ۽ مال لٽيو ويو ۽ هزارين مسلمان قتل ڪيا ويا.

رياست الور جي هندو راجا پنهنجي رياست ۾ سوين مسلمان پوليس هٿان مارايا.

4 جنوري 1931ع تي مولانا محمد علي لنڊن ۾ انتقال فرمايو. ان تي ڪانپور جي مسلمانن هڙتال ڪئي، ليڪن هندو واپارين ساڻن ساٿ نه ڏنو.

23 مارچ تي، جڏهن ڀڳت سنگ کي ڦاسي ملي، تڏهن هندن جلوس ڪڍيو ۽ مسلمانن کان هڙتال ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. نتيجو اهو نڪتو جو زبردست فساد ٿيو، ۽ پنج سو مسلمان ماريا ويا ۽ گولين جو شڪار ٿيا.

1944ع ۾ رياست ڪپورٿله جي هڪ ڳوٺ سلطان پور جي مسلمانن هڪ جلوس ڪڍيو غير مسلمان آفيسرن پنهنجي فرقه وارانه ذهنيت جي مظاهري ڪندي، پوليس کي گولي هلائڻ جو حڪم ڏنو. ان ۾ 22 مسلمان شهيد ٿيا ۽ بي شمار زخمي ٿيا ۽ پنجاب ۾ شور مچي ويو.

1935ع ۾ جيپور رياست جي مسلمانن کي، ڪنهن سبب

Gul Hayat Institute

کان سواءِ تشددَ جو شڪار بڻايو ويو. بيشمار مسجدن ۾ نماز پڙهڻ کان منع ڪئي ويئي، هزارين مسلمان هجرت ڪري، پنهنجا علائقا ڇڏي هليا ويا.

آڪٽوبر 1938ع ۾ ملتان ۾، مارچ 1949ع ۾ امرتسر ۾، مارچ 1941ع ۾ ۽ مئي 1941ع حصار ۾، هندو مسلم فساد ٿيا، جن ۾ هزارين مسلمان ماريا ويا.

ان ئي زماني ۾، سکر ۾ هندو مسلم فساد ڪرايا ويا، جن ۾ سکر جي آريه سماج ۽ هندو مهاسڀا جي ليڊرن جو هٿ هو. هنن وچ بازار ۾ مسلمانن کي مارڻ ۽ تباهه ڪيو، جنهن جو انتقام اڳتي هلي مسلمانن منزلگاهه جي موقعي تي ورتو.

ان ئي زماني ۾، سنڌ جي مکيه شهرن، حيدرآباد، سکر، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي ۾ ڊاڪٽر مونجي، هٿ ۾ ننگي تلوار کڻي، تقريرون ڪيون ۽ چيو ته "مسلمانن کي ماريو."

بنگال به فساد کان بچي نه سگهيو.

آگسٽ 1940ع ۾ ڍاڪا ۾، سيپٽمبر 1940ع ۾ بردوان ۾، مارچ 1941ع ۾ کلنا ۾ فساد ٿيا، جن ۾ مسلمانن جا دڪان ۽ محلن جا محلا جلايا ويا، مسجدون جلايون ويون ۽ گهر لٽيا ويا.

Gul Hayat Institute

مسلم ليگ ۽ پاڪستان

هندو ذهنيت جو اهو رد عمل ٿيو، جو مسلمانن جي حقن جي حفاظت جي سلسلي ۾ 'مسلم ليگ' هڪ انقلابي جماعت بڻجي وئي ۽ خود قائد اعظم، جنهن کي سروجني نيڊو 'سفير اتحاد' سڏيو آهي، سو به آخرڪار تنگ ٿي پيو ۽ ان نظريه تي پهتو ته هت هندو مسلم اتحاد ناممڪن آهي، ڇو ته ٻنهي قومن ۾ مذهب ثقافت، ادب، زبان، نسل ۽ نظريات جو فرق آهي.

قائد اعظم کان گهڻو اڳ، ان قسم جي جدوجهد، خود

سر سيد احمد جي زماني ۾ شروع ٿي چڪي هئي ۽ ان سان گڏ آئيني اصلاحات جو سلسلو به جاري هو، جنهن ڪري، رفته رفته مسلمانن جي الڳ حيثيت متعين ٿيندي رهي، مسلمانن جي الڳ حيثيت جي متعين جو سلسلو ان ميموريڊم کان شروع ٿئي ٿو، جو 1- آڪٽوبر 1906ع تي، مسلمانن جي هڪ وفد سرآغا خان مرحوم جي قيادت ۾، وائسراءِ هند لارڊ منٽو کي پيش ڪيو.

1909ع ۾ منٽو مارلي سڌارن، مسلمانن جي آئيني جدوجهد جي لاءِ چڱا موقعا پيدا ڪيا.

1919ع ۾ مانٽيگو چيلمسفورڊ اصلاحات ۾، مسلمانن جي جداگانه نيابت جو اصول تسليم ڪيو ويو.

اڳتي هلي 1948ع ۾، قائد اعظم، هندو مسلم اتحاد ۽ اتفاق لاءِ 'چوڏهن نڪات' پيش ڪيا. قائد اعظم جي ان بصيرت افروز قدم سان مسلمانن جي جداگانه حيثيت لاءِ راه هموار ٿي.

1935 ۾ گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ جي تحت صوبائي خودمختياري جو نفاذ ٿيو. جتي مسلمانن جي اڪثريت هئي، اُتي کين مڪمل سياسي اقتدار حاصل رهيو، جو اڳتي هلي 'پاڪستان' جي حصول تائين پهتو.

Gul Hayat Institute

پوءِ ٿيو، جڏهن 1934ع ۾ قائد اعظم، مسلم ليگ جو مستقل صدر بڻايو ويو، تڏهن سندس جدوجهد ۽ بيباڪ ترجمانيءَ سان، ليگ ۾ از سرنو، زندگي بخش انقلاب پيدا ٿيو.

1- اپريل 1937ع ۾ نئون 'قانون هند' نافذ ٿيو ۽ 36-1937ع ۾ انتخابات ڪرايا ويا. ڪانگريس کي مدراس، يوپي، بمبئي، سي-پي، بهار، اوڙيسا ۽ سرحد، ستن صوبن ۾ اڪثريت حاصل ٿي، پنجاب، سنڌ، بنگال ۽ آسام ۾ مسلمانن کي ڪاميابي نصيب ٿي. ڪانگريس انهن ستن ئي صوبن ۾ ڪانگريس وزارتون ٺاهيون.

ڪانگريس وزارتون

ڪانگريس وزارتن جي دور ۾، مسلمانن جي خلاف جي ظلم ۽ تشدد آميز ڪارگذاريون ٿيون، سي برصغير جي تاريخ جو هڪ تاريڪ باب آهن. جا ۾ جا فسادات ٿيا، پر ڪانگريس ان کي فرضي روايات چئي دنيا کي فريب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.

آخرڪار مسلم ليگ، 10 مارچ 1938ع تي، هڪ ڪميٽي زير صدارت راجه سيد محمد مهدي آف پير پور مقرر ڪئي، جنهن جي سپرد اهو ڪم سونپيو ويو ته هو انهن واقعن جي تحقيق ڪري، جي واقعا ڪانگريس وزارتن جي دور ۾ رونما ٿيا آهن.

ان ڪميٽيءَ جي صحيح رپورٽ "پيرپور رپورٽ" جي نالي سان شايع ٿي. جئن ئي هي تاريخي دستاويز شايع ٿيو، تئن ڪانگريس جي ايوان ۾ ڄڻ زلزلو اچي ويو. ان رپورٽ جو هڪ اقتباس ڏجي ٿو:

"ڪانگريس ستن صوبن ۾ رام راج قائم ڪيو، اعلان ڪيائون ته سوراج ملي ويو! هندو ئي سرڪاري حاڪم آهن. هر هندو عيد ۽ محرم تي ١٤٤ قلم لڳايو ويو، پر دسهڙي، ڏياري ۽ هوليءَ ۽ ٻين هندن جي ڏڻن کي ١٤٤ کان آزاد رکيو ويو. مسلمانن کي ڳاءِ ڪشيءَ کان جبراً روڪيو ويو، ان متعلق اهڙو انتظام ڪيو ويو، جئن ڪو شخص، مسلمان کي ڳئون وڪڻي نه سگهي. مدراس ۽ ٻين صوبن ۾، قانوني طرح سان 'قربانيءَ' جي خلاف بل پيش ڪيو ويو، پر مسلمانن جي احتجاج جي ڪري، ڪٿي به پاس ٿي نه سگهيو. قرآن شريف جلايا ويا، مسجدن ۾ خنزير جو گوشت اڇلايو ويو. ڪن هندن تي مسلمانن کي سوئر جي گوشت کارائڻ ۽ پيشاب پيارڻ

ڌائين وارداتون پيدا ڪيون ويون. يو- پيءَ جي هڪ شهر بسوا ۾ هڪ هندو جهڳڙي ۾ مارجي ويو، ان جي بدلي وٺڻ لاءِ 43 مسلمانن کي گرفتار ڪيو ويو، انهن مان 6 کي ڦاسي ڏني ويئي ۽ 24 کي عمر پر قيد جي سزا ڏني ويئي ۽ عدالت عاليه ۾ اپيل ڪرڻ جو حق کسيو ويو.“
(پير پور رپورٽ، تمهيد- الف- ب)

پيرپور ’رپورٽ‘ جي واقعات جي ترديد لاءِ ڪانگريس ڪافي شور برپا ڪيو، پر ڪجهه به نه وريو.

اڃا ’پيرپور رپورٽ‘ جي زلزله افگن اثرات ڪان ايوان ڪانگريس جا در و ديوار ڏڪي رهيا هئا ته ٿان ڪيمبرج يونيورسٽيءَ جي پروفيسر ڪوپ لينڊ جي رپورٽ شايع ٿي، جنهن ڪانگريس حڪومتن جي نظم و نسق لاءِ هيٺين رپورٽ درج ڪئي آهي:

”آڪٽوبر 1937ع جي شروعات کان وٺي، سيپٽمبر 1939ع جي آخر تائين، ڪانگريسي صوبن ۾، 57 زبردست فساد ٿيا. انهن مان بهار ۾ 15، يو- پيءَ ۾ 14، سي- پيءَ ۾ 11، مدراس ۾ 8، بمبئيءَ ۾ 7، اوڙيسا ۾ 1 ۽ سرحد ۾ 1- انهن فسادن ۾ قتل ٿيل مسلمانن جو انداز 17000 هزار هو!“

مطلب ته اهو فسادن جو سلسلو هلندو رهيو.

1944ع ۾

قائد اعظم 1944ع ۾، علي ڳڙه ۾ هڪ تقرير ۾ پرزور انداز ۾ اعلان ڪيو ته:

”مسلمان، انهن فسادن مان ناس ٿي نه سگهندو. ’پاڪستان‘ ان ڏينهن ئي وجود ۾ آيو هو، جڏهن

Gul Hayat Institute

هندوستان ۾ پهريون غير مسلمان- 'مسلمان' ٿيو هو.
هيءُ ان دور جي ڳالهه آهي، جڏهن هت اچا مسلمانن
جي حڪومت ٿي قائم نه هئي."

قائد اعظم جي ان مختصر فقري ۾ جنهن بنيادي اصول
جي وضاحت ڪئي وئي آهي، ان ۾ ٻڌايو ويو آهي ته جڏهن
ڪو 'غير مسلم' 'اسلام' کي قبول ٿو ڪري، تڏهن هو ڪفر
جي دائري مان نڪري، امت مسلمه جي دائري ۾ داخل ٿو
ٿئي. سندس اصول حيات، قوميت، تهذيب ۽ تمدن ۾ فرق ٿو
پيدا ٿئي، ان ڪري جنهن پهرئين غير مسلمان شخص، هت سڀ
کان اول اسلام قبول ڪيو هو، سو هندو قوم جو فرد نه
رهيو پر نئين دائري ۾ آيو، جنهن جو مطلب اهو هو ته
هندوستان ۾ هڪ نئين قوميت جنم ورتو آهي، جنهن جي تصور
حيات هندن کان جدا گانه آهي.

پشاور ۾ 27 نومبر 1945ع تي قائد اعظم مزيد وضاحت
ڪندي فرمايو:

"اسان پنهي قومن ۾، صرف مذهب جو فرق ناهي؛
اسان جو ڪلچر، هڪ ٻئي کان جدا آهي؛ اسان جو
دين، اسان کي هڪ جداگانه قانون حيات ٿو ڏئي،
جو زندگيءَ جي هر شعبي ۾ اسان جي رهنمائيءَ لاءِ
ڪافي آهي. اسان ان نصب العين تي زندگي بسر
ڪرڻ گهرون ٿا."

(27 نومبر 1945ع، ايڊوردز ڪاليج پشاور)

ان طرح جون 1945ع ۾، فرنٽيئر مسلم اسٽوڊنٽس جي
نالي پنهنجي پيغام ۾ چيائين:

"پاڪستان مان اسان جو مطلب اهو ناهي ته اسان
غير ملڪي حڪومت کان آزادي ٿا گهرون، پر ان

Gul Hayat Institute

مان اها مراد آهي ته اسان جو 'اسلامي نظريه حيات' زنده رهي، جنهن جي حفاظت ضروري آهي. اسان ڪي وڳو پنهنجي آزادي حاصل ڪرڻي ناهي، پر اسان طرح مستعد ۽ قابل به ٿيڻو آهي، جئن اسان ان جي حفاظت به ڪري سگهون ۽ اسلامي تصورات ۽ اصولن تي زندگي به گذاري سگهون."

قائد اعظم جي مٿين تقريرن ۾ پاڪستان جو مقصد واضح طور ٻڌايو ويو آهي، باوجود ان جي، جواهر لال نهرو اعلان ڪيو ته:

"هندوستان ۾ فقط ٻه قومون آهن، هڪ انگريز ٻي ڪانگريس!"

جنهن جي جواب ۾ قائد اعظم للڪاريو ته "بيشڪ! ٽين قوت به آهي، جا آهي مسلمان!" جا اڳتي هلي ثابت ٿي.

1946ع ۾، برطانيه مان هڪ وزارتي مشن آئي، جنهن هندو مسلم مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ، مختلف سياسي جماعتن ۽ رهنمائن سان گفتگو ڪئي. جڏهن ته انهن جي واين ۽ فيصلن ۾، مسلمانن جي مطالبن جي تڪميل جو ڪوبه عنصر نه هو، تنهن ڪري مسلمانن ان کي رد ڪري ڇڏيو. ان جي رد عمل طور بمبئي ۾ مسلم ڪائونسل 'راست اقدام' جو اعلان ڪيو. 'راست اقدام' جو اعلان ٻڌي، ڪانگريس ڪن ڪڙا ڪيا، ۽ مسلمانن سان لڙڻ لاءِ تياري ڪئي.

چنانچه 16- آگسٽ 1946ع تي ڪلڪتي ۾ هولناڪ فساد ڪيو ويو، جنهن ۾ هزارين مسلمان هلاڪ ٿيا، ان کان پوءِ بمبئي، ڳڙه مڪتيشر، ڪوهٽا ۽ الهه آباد ۾ فساد ٿيا. نواکلي ۽ بهار ۾ جي خونريز واقعا ٿيا، ان کان ڪوبه نا آشنا ناهي، هزارين مسلمان ماريا ويا، ڪروڙن جي جائداد ساڙي وئي،

Gul Hayat Institute

خود هندن جا ڪنڌ به انهن واقعن کان جهڪي ويا. قائداعظم اعلان ڪيو ته: ”پاڪستان هاڻي مسلمانن لاءِ زندگيءَ جو هڪ لازمي شـرط بنجي چڪو آهي، ان کي دنيا جي ڪابه طاقت ٽاري نه ٿي سگهي!“

جائزو ۽ احتساب

‘جام جم’ ۾ بلبل مرحوم، سر عبدالرحيم، مـرڪزي اسيمبليءَ جي صدر جي تقرير ڏانهن پڻ اشارو ڪيو آهي، پر تقرير جا ڪي به اقتباس نه ڏنا آهن. مناسب آهي ته ان تقرير جو هڪ اقتباس پيش ڪجي. سر عبدالرحيم فرمايو آهي:

”مان اوهان جـو توجه، شدي ۽ مهاسڀا ۽ سنگهٺن تحريڪن ڏانهن ڇڪائڻ گهران ٿو. پهرينءَ جو مقصد آهي مسلمانن کي هندو بنائڻ، ۽ ٻيءَ جي مدعا آهي مسلمانن سان لڙڻ لاءِ تيار ڪرڻ. مسلمان، لجپتراءِ ۽ شرڌانند ۽ مهاسڀا جي ان قسم جي تحريڪن کي پاڻ لاءِ چئلينج تصور ٿا ڪن. هندن جو اهو قدم عيسائي جهاد کان وڌيڪ خطرناڪ آهي، جو صديون اڳ فلسطين ۾ بـرپا ٿيو هـو. اهـو ڪو مذهبي چئلينج ناهي، پر مسلمانن لاءِ وڏو خطرو آهي ان جي جواب ۾ مسلمانن پاران دفاعي تنظيم ٿي آهي. اهو سچ آهي ته تاريخ ۾ هن کان اڳ، ايتري ڪشيدگي پيدا نه ٿي هئي، جهڙي اڄ آهي. هندو ليڊر صاف صاف چون ٿا ته مسلمان هندوستان مان نڪري وڃن، جيئن اسپين مان خارج ڪيا ويا هئا. يا شڌ ٿي هندو بنجي وڃن ۽ هندن سياسي خيال سان هم نوائي پيدا ڪن. ان حالت ۾ ايراني قـول ’دشمن نـه تـوان

Gul Hayat Institute

حقير و بيچاره شمرد' کي ياد ڪرڻ گهرجي. هندو
اسان کان بهتر حالت ۾ آهن، خود انگريز به سندن
زهرافشانيءَ کان مرعوب ۽ خائف آهن. هي هڪ
اهڙو مهلڪ اوزار آهي، جنهن جنگ عظيم ۾ تباهي
آندي. اها روش يورپين قوميت جي برڪتن ۾ شمار
ڪئي وڃي ٿي. هي مسڪين ۽ معصوم صورت حضرات
برابر ڪم ۾ مشغول آهن، انهن جي هڪ جماعت،
خود اسلام ۽ اسلامي تعليمات تي به حملي ڪرڻ
۾ يدطولي رکي ٿي ۽ ٻي جماعت تاريخ کي مسخ
ڪري رهي آهي. اها ثابت ڪرڻ گهري ٿي ته هندوستان
کي 'اسلام' مان ڪو به فائدو نه پهتو آهي! مسلم
قوم بيڪار قوم آهي، اها اڇوتن ۽ شودرن کان
به ڪريل آهي، هو اسان جي بزرگن جي تذليل کان
به نه ٿا مڙن، سواءِ چند مسلمانن جي، جي سندن
هم خيال ۽ هم نوا آهن. انهن ڳالهين جو لازمي نتيجو
آهي، فساد ۽ خونريزي. اهي حضرات خوش ٿا ٿين
جڏهن ڪو غيور مسلمان، غصي مان، ڪنهن 'شاتم'
(گارين ڏيندڙ) کي قتل ٿو ڪري، ان لاءِ ته ڪين
عام مسلمانن کان بدلي چڪائڻ جو زرين موقعو ٿو
ملي، هو مسلمانن جي مذهبي ديوانگيءَ ۽ جوش و خروش
کي بدنام ڪرڻ لاءِ، اهڙن ڪمن کي بهانو ٿو بنائي
اهڙن ڪمن مان هندن ڪهڙي سرخ-روئي حاصل
ڪئي آهي؟ انهن پنهنجي جارحانه عمل مان صاف
ظاهر ڪيو آهي ته 'مسلمان' ڪڏهن به ڪين پنهنجي
قسمت حوالي نه ڪندا. چنانچه مسلمانن کي پنهنجي
مدافعت ۽ تحفظ لاءِ هر ممڪن تدبير بنائڻ گهرجي.
اسان مسلمانن کي، انهن مدبرن مان، جي هندو آهن،

Gul Hayat Institute

صاف صاف ٻڌائڻ گهرجي ته سندن اها دعوي ته هندوستان رڳو هندن جي ملڪيت آهي، سراسر باطل ۽ بي بنياد آهي."

ـ"آزاد قوم کي تعمير اور پاڪستان" از ڊاڪٽر ناموس
(ص 187-188)

Gul Hayat Institute

دليل جي آخري ضرب

جام جم عرف پاڪستان ڏانهن ڀهريون قدم ۾ آيل بحث جي تائيد ۾، جو تفصيل سان، برصغير هند و پاڪ جي سياسي پس منظر جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اهو اميد ته ڪافي ٿيندو. آخر ۾ قائد اعظم جي ان تقرير جو اقتباس ڏيون ٿا، جا تقرير آل انڊيا مسلم ليگ جي ساليانه اجلاس، دهليءَ ۾ 24- اپريل 1943ع ۾ ڪئي وئي، جنهن تقرير کي، هڪ فيصله ڪن خطاب ۽ دليل جي آخري ضرب قرار ڏنو ويو آهي، جنهن جو 'جام جم' جي مندرجات سان ڪافي تعلق آهي. قائد اعظم فرمايو آهي:

”سڀ کان اول ايڪٽ 1861ع ۽ ٻئي پيري ايڪٽ 1884ع جي رو ءِ سان، گورنر جنرل جي نام نهاد ڪائونسل ۾، مسلمانن کي تمام گهٽ نمائندگي ڏني وئي. نمائندگي ڏيڻ جو ٻيو نڪ هن طرح ڪيو ويو ته چونڊيل نمائندا، امپريل ڪائونسل، مقامي ڪانسلون، ميونسپالٽين ۽ ضلع بوردن ۾ موڪليا ويا. ان ايڪٽ موجب يقيناً مسلمانن جو چونڊجڻ ناممڪن هو. ان کان پوءِ 1907ع ۾ منٽو مارلي سڌارا آندا ويا ۽ چونڊن جو دائرو وسيع ڪيو ويو، پر جڏهن ته مسلمانن کي 1884ع کان وٺي، 1907ع تائين، ڪافي تجربو حاصل ٿي چڪو هو، تڏن جداگانه انتخاب جو مطالبو ڪيو.

مسٽر گوکلي، جو هڪ وڏي هندوءَ دادا ڀائي نوروز جي جو شاگرد هو، تنهن چند اصول اڳيان آندا. مسٽر گوکلي فراخدلانه انداز ۾ مسلمانن جي مفاد جي حمايت شروع ڪئي. جن مان هڪ هي هو ته 'هندو ۽ مسلمان پاڻ ۾ ملي ڪري، پنهنجن حقن جو تصفيو ڪن.' گوکلي وڏو فراست جو صاحب هو. 1907ع ۾ چئي چڪو هو ته 'هڪ وڏي هندو اڪثريت جي مقابلي ۾، مسلمان قدرتي طرح مان خوفزده آهن، ڪين خطرو آهي ته انهن نه ٽئي جو انگريز جي غلاميءَ مان نڪري، هندن جا محڪوم ٿي وڃن، ۽ اها ڳالهه اهڙي ناهي، جنهن کي نظرانداز ڪري سگهجي. اگر تعداد جي لحاظ سان 'هندو' ان پوزيشن ۾ هجن ها ته ڇا، اهي به ان قسم جا شڪ شڪوڪ نه ڪن ها؟ يقيناً هنن کي به ان قسم جو خطرو درپيش اچي ها ۽ اهي ان قسم جا مطالبا ڪن ها، جيڪي اڄ مسلمان ڪري رهيا آهن.'

دادا ڀائي نوروز جي جهڙن جليل القدر انسانن، اسان جي دلين ۾ منصفانه ۽ مناسب اتحاد جي اميد پيدا ڪئي هئي، ليڪن ياد رهي ته، ان ئي دور ۾، 'هندو راڄ' جا خواب ڏسي رهيا هئا. مان هت هڪ وڏي هندو ليڊر، مسٽر بپن چندر پال جي تحرير جو هڪ اقتباس ڏو پيش ڪريان، جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته 1913ع ۾ ئي هندن جي هڪ وڏي گروه 'هندو راڄ' حاصل ڪرڻ لاءِ، مسلمانن سان ڪشمڪش شروع ڪئي هئي. مسٽرپال، 1913ع ۾ هن طرح خيال ظاهر ڪيو:

"اسان هندن ۽ مسلمانن ۾ جي اختلافات موجود آهن،

Gul Hayat Institute

اهي وڏو سياسي ۽ اقتصادي مفاد حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ ناهن. اسلامي دور ۾ حڪومت ۾ هندن ۽ مسلمانن جي مشترڪ حيثيت هئي. ليڪن ان حڪومت هندن جي ثقافتي اتحاد ڪي تباه نه ڪيو. اسان مسلمانن ڪان گهڻو ڪجهه حاصل ڪيو ۽ انهن ڪي به ڪجهه ڏنو. ليڪن خيالات ۽ ارادات جي ان تبادلي سان به اسان جي مخصوص ثقافت ڪي ڪو نقصان نه پهتو. اسان جي مخصوص وصف ۽ ثقافت، ان چيز لاءِ روح روان آهي، جنهن ڪي اڄ اسان قوميت سڏيون ٿا. اها قوميت سياسي خيال ۽ نصب العين جي ترجماني نه ٿي ڪري، بلڪ اسان جي اجتمائي زندگيءَ ۽ سرگرميءَ جي هر شعبي ۾ جاري ۽ ساري آهي. قوميت جي اسان واري تخيل ۾ دراصل سياست جو گهٽ دخل آهي. يورپ جي نام نهاد سياسي ادارن، مدد ڏيڻ جي بجاءِ، اسان جي حقيقي قومي زندگيءَ جي نشونما ۽ ارتقا ۾، رڪاوٽ وڌي آهي. عام حالتن ۾، سياسي محڪومي، ان زندگيءَ جي ٻاهرئين حصي تي به اثر انداز نه ٿي ٿئي. هندوستان جي قومي تحريڪ، جا لازماً هڪ هندو تحريڪ آهي، ان جو مقصد آهي، نصب العين جي حيثيت سان، 1- هندو قوميت جي حمايت ۽ هندو راڄ، 2- فيڊرل بين الاقواميت جي حمايت، 3- عالمگير فيڊريشن جي حمايت. چندرپال ڪهڙي چيز جي حمايت ڪري رهيو آهي؟ هندوراڄ ۽ هندو قوميت جي؟ ليڪن، باوجود ان جي، دادا ڀائي نوروزجي ڪان حاصل ڪيل اميد جو چشمو هميشه منهنجي دل ۾ جاري رهيو. مان ان اميد ڪي ڇڏڻ لاءِ ڪڏهن به تيار نه هوس، بلڪ

Gul Hayat Institute

ان کي اجا بہ وڌيڪ قوي تر ڪرڻ لاءِ ڪم شروع ڪيو."

ڪانگريس جي اجلاس ڪراچي 1913ع کان پوءِ، مون ٻنهي ۾ ٽيٽي طاقت سان، جدوجهد شروع ڪئي. ان کان پوءِ ڇا ٿيو؟ جن ماڻهن کي اهو واقعو ياد آهي، سي ڄاڻن ٿا ته ان جو مقصد غلط فهميءَ جو ازالو هو، جا هر طرف ڦهلجي چڪي هئي.

مسلمانن ۽ هندن ۾ ڪيترا ماڻهو اهڙا به هئا، جي ان طريق ڪار کان مطمئن هئا. ان گروهہ ڏاڍي ڪوشش ڪئي. ان گروهہ ۾ 'مها پاپي' مان ئي هوس؛ مون ڏاڍي مغزماري ڪئي ته ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جا اجلاس، هڪ ئي شهر ۾ ڪرڻ گهرجن. اها ڪوشش ڪامياب ٿي. اهو 1915ع جو واقعو آهي. مون وڏي ڪوشش سان، ڪانگريس ۽ ليگ کي بمبئيءَ ۾ يڪ جا ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي.

ايندڙ اجلاس 1916ع ۾، (مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جا) لکنو ۾ ٿيا، اتي اسان هندو مسلم معاهدي تي گڏجي دستخط ڪيا. ليڪن ان معاهدي کي برطانوي پارليامينٽ، مختلف طريقن سان، مسخ ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ مانٽيگو چيلمسفورڊ سڌارا آيا.

1916ع ۽ 1917ع ۾ مطلع سياست تي، گانڌي جي نمودار ٿيو ۽ 12 مئي 1920ع تي 'ينگ انڊيا' ۾ اعلان ڪيائين:

"مون وٽ سياست نہ پر مذهب اهم آهي! سياست مذهب جي تابع آهي!"

ياد رهي، ان ئي مبارڪ مهيني ۾، ست سال اڳ، ٻپن چندر پال، ساڳيون اعلان ڪيو هو، جو بيان ٿي چڪو

Gul Hayat Institute

آهي، ڏسو ته گانڌي جي ڇا ٿو فرمائي؟

”اها ڳالهه اوهان کي معلوم هوندي، ته ان اعلان کان پوءِ، گانڌيجيءَ ڇا ڇا ڪيو؟ گانڌيجيءَ چيو: سياست، سڀنهجي ڪنهن به فيصلي تي غالب اثر نه وڌو آهي. اگر مان سياست ۾ حصو وٺان ٿو، ته پوءِ ان جو سبب فقط اهو آهي، جو سياست نانگ وانگر ڦيرو ڪائي، اسان کي چئني طرفن کان گهيرو وجهي ڇڏيو آهي. ان قلعي مان ڪوبه شخص ڪوشش ڪرڻ جي باوجود نڪري نه ٿو سگهي. ان نانگ سان فيصلي ڪرڻ لاءِ مان پنهنجن دوستن سان گڏجي هڪ ”تجربو“ ڪري رهيو آهيان ته سياست ۾ مذهب داخل ڪيو وڃي.“

تفصيل مان اوهان کي معلوم ٿي چڪو هوندو ته گانڌيءَ اها حرڪت ڇاٽي واٽي، انتقام وٺڻ لاءِ ڪئي هئي.

1921ع ۾ ناگپور ڪانگريس تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ، گانڌيءَ 13 آڪٽوبر *1921*ع جي ’ينگ انڊيا‘ ۾ لکيو:

”مان خود کي سناتني هندو سمجهان ٿو، ڇو ته اول ته مان ويدن، اپنشدن، پرانن ۽ هندن جي سيني ڌارمڪ ڪتابن، اوتارن، آواگون کي مڃان ٿو. پيو ته مان ورڻ آشرم (ڇوت ڇات ۽ ذات پات جو ڦير برهمڻ، کتري، ويش، شودر جي برهمڻن واري تقسيم) کي ويدڪ صورت ۾ مڃان ٿو. ٽيون ته مان ڌرم جي ڪري گئوُرڪشا جو قائل آهيان. چوٿون ان ڪري ته، مان مورتي پوڄا جو کنڊن (ترديد) نه ٿو ڪريان!“

گانڌيءَ جي ان صاف اعلان تي ڪجهه قوم پرست هندو، ڏاڍا بيقرار ٿيا. سندن شڪ جي ازالي لاءِ گانڌيءَ، دوباره 1924ع ۾ چيو:

”ماڻھو اجايون سرگوشيون ڪري رهيا آهن، تہ سان مارو وقت مسلمانن سان گڏ رهان ٿو، ان ڪري هندو ذهنيت کي سمجهي نہ ٿو سگهان! ائين بلڪل نا هي. مان خود هندو ذهنيت رکان ٿو، ليڪن هندن جي ذهنيت کي سمجهڻ لاءِ، هندن ۾ نہ ٿو رهان. اهو بہ سچ آهي، منهنجي رڳ رڳ هندو آهي، منهنجو هندوپڻو ڏاڍو حقير ڇٻو، جو انتهائي مخالف اثرن ۾ بہ قل قول ڏئي نہ سگهي!“

”1925ع کان پوءِ، ’هندو مسلم‘ اتحاد لاءِ وري ڪوشش ڪئي ويئي. هر پيري اسان عرضدارن جي حيثيت سان گانڌيءَ ۽ ڪانگريس جي دروازن ٿي ويندا هئاسون، ۽ پنهنجون تجويزون پيش ڪندا هئاسون، پر افسوس اهو آهي، جو ڪنهن نہ ڪنهن عذر ۽ بهاني کي وچ ۾ آڻي، هميشه جواب نفيءَ ۾ ملندو هو. ڪانگريس اتحاد لاءِ ڪڏهن بہ ڪي جوابي تجويزون نہ ڏنيون. اوهان کي ياد هوندو تہ اسان 1927ع جي آخر ۾، دهليءَ ۾ ڪجهہ تجويزون بنايون هيون، ۽ ان مقصد لاءِ پڻ ڪميٽيون مقرر ڪيون هيون، مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جي طرفان، جئن اهي متفق ٿي مشترڪ سياسي مطالبو پيش ڪري سگهن. مان اوهان کي ٻڌائڻ ٿو گهران تہ اهو گانڌي ئي هو، جنهن ان قسم جي تجويز کي ناس ڪري ڇڏيو! اسان پنهنجن تجويزن کي واپس وٺڻ لاءِ مجبور ٿي وياسين.

ان کان پوءِ ”نهرو رپورٽ“ ميدان ۾ آئي، ان جي تاريخ اوهان کي معلوم آهي. مولانا محمدعلي جوهر، هڪ آزاد خيال انسان هو. ان بزرگ، ان رپورٽ متعلق جو ڪجهہ چيو، سو مان اوهان کي ٻڌايان ٿو. فرمايائين:-

”ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي دور ۾، سرڪاري اعلان ڪرڻ کان اڳ، شهرن جي گهٽين ۾ ڍنڍورچي حاڪمن

Gul Hayat Institute

جو اظهار هن ريت ڪندو هو:

”خلق خدا ڪي، ملڪ ملڪہ ڪا، حڪم ڪمپني بهادر ڪا.“

ليڪن گانڌيءَ جي موجوده نهرو رپورٽ جي ماتحت، ڊنڍورچي، هنن لفظن ۾، هندوستان جي هميشہ غلاميءَ جو اعلان ڪندا تہ:

”خلق خدا ڪي، ملڪ برطانيہ ڪا، اور حڪم مهاسڀا بهادر ڪا.“

ان طرح 1930ع ۾، بمبئيءَ جي هڪ عام جلسي ۾، مولانا محمدعليءَ فرمايو:

”گانڌي فرقہ پرست هندو مهاسڀا جي زير اهتمام ڪم ڪري رهيو آهي. هو هندوازم جي اقتدار ۾ مسلمانن کي محڪوم ڪرڻ لاءِ، وڙهي رهيو آهي. هن سول نافرماني هلائڻ لاءِ مسلمانن سان ڪوبہ مشورو نہ ڪيو. هو فاتحانہ انداز ۾ مسلمانن کي لتاڙيندي، اڳتي وڌڻ چاهي ٿو. اسان ڪنهن عهدنامي جي پيچڪڙي نہ ڪئي آهي. اسان ملڪ جا غدار ناهيون. گذريل ڏهن سالن کان هندو اڪثريت مسلمانن کي ستايو ۽ ايذايو آهي، مسلمانن تي ظلم ۽ تشدد ڪيو ويو آهي، ليڪن ايتري عرصي ۾، گانڌيءَ ڪڏهن بہ حالتن کي سڌارڻ لاءِ، دهشت پسند ظالم هندن جي مذمت نہ ڪئي آهي. ان ”شڌيءَ ۽ سنگهٺن تحريڪن لاءِ بہ ڦڙڪ ٻاهر نہ ڪڍي آهي. ان مدراس جي هندو مسلم اتحاد جي معاهدي کي ٽوڙيو، هاڻي اسان لاءِ، ان قرآني حڪم تي عمل ڪرڻ کان سواءِ، ٻيو ڪوبہ چارو ڪونهي تہ۔

”اگر ڪنهن جماعت جي طرف کان، دغابازي ۽ عهدشڪنيءَ جو انديشو پيدا ٿئي، تہ پوءِ ان معاهدي کي ان جي منهن تي اڇلائي وجهو!

Gul Hayat Institute

الله دغابازن ۽ بد عهدن جي چال کي پسند نہ ٿو ڪري." (1)

هي آهي قائد اعظم جي دليل جي ضرب، جنهن پاڪستان لاءِ راهہ هموار ڪئي.

اقبال ۽ پاڪستان:

علامہ اقبال هڪ مفڪر جي حيثيت سان ملڪ جي سياسي حالتن کان ايترو تہ نا اميد ٿيو، جو نهايت والهانہ انداز ۾ قائد اعظم کي خط ۾ لکيائين:

"هندوستان ۾ مسلمانن جي حيثيت سان، اوهان جي تنها شخصيت آهي، جنهن کان قوم اها اميد رکي ٿي تہ، اتر اولهہ يا پوري هندوستان ۾ جو سيلاب اچي رهيو آهي، ان ۾ اوهان ئي قوم جي صحيح قيادت ڪري سگهو ٿا."

ان طرح علامہ اقبال، قائد اعظم سان سياسي رفيق ڪار ٿي ڪم ڪيو. هندن ۽ مسلمانن جي فلسفہ حيات جي اختلاف ۽ تضاد کان متاثر ٿي محسوس ڪيائين تہ هي ٻئي قومون، ڪڏهن بہ همراز ۽ دمساز ٿي رهي نہ سگهنديون آهن. چنانچہ 1930ع ۾ مسلم ليگ جي اجلاس، الهہآباد، ۾ چيائين:

"مسلم ايشيا جا سڀ ملڪ مجموعي طرح سان اسلام لاءِ ايتري گران قدر متاع جي حيثيت نہ ٿا رکن، جيتري اڪيلي هندوستان جي ملت اسلاميہ. ان ڪري، هندوستان جي مسئلي کي صرف ان زاويہ نگاهہ سان ڏسڻ گهرجي تہ هندوستان ۾ 'اسلام' جو حشر ڇا

Gul Hayat Institute

---

(1) مرتب جميل الدين،
شيخ محمد اشرف، لاهور 1952ع جلد اول ص 525-529.
اقبال اور تحريڪ پاڪستان - اقبال رويو جنوري 1967 ص114-119.
"Speeches and writings of Mr: jinah"

ٿيندو؟ بلڪ پنهنجي اهميت کي محسوس ڪندي، ان نقطہ خيال کان به ڏسڻ گهرجي تہ اسان جي موت ۽ حيات جو اسلامي دنيا تي ڪهڙو اثر پوندو- منهنجي آرزو اها آهي تہ پنجاب، سرحد، سنڌ، بلوچستان کي ملائي، هڪ واحد رياست قائم ڪئي وڃي. هندوستان کي حڪومت خود اختياري، برطانيہ جي زيرسايہ ملي، يا ٻاهر ملي، ڇا به ٿئي، مون کي تہ اهو ئي نظر اچي، تہ اتر اولہ هندوستان ۾، هڪ متحده اسلامي رياست جو قيام، گهٽ ۾ گهٽ، هن علائقي جي مسلمانن جي مقدر ۾ لکيو ويو آهي."

شاعر جو اهو خواب، نيٺ تڪميل تي پهتو ۽ 'پاڪستان' بڻايو ويو.

اعتراف

'پاڪستان' جن حالتن ۾ مليو، اهو بہ هڪ تلخ باب آهي. برلا ۽ ٽاٽا جي ڪروڙن روپين جي رشوت اهو ڪم ڪيو جو بنگال ۽ پنجاب ۽ ڪشمير کي اڌو اڌ ڪيو ويو. لهذا، تمسخر طور، چوڻ وارن چئي ڏنو تہ اهو 'لنگڙو پاڪستان' آهي.

ڪن چيو تہ پاڪستان جي تحريڪ خود انگريزن جي پيدا ڪيل آهي. شڪر آهي جو آخري وائسراءِ هند، لارڊ مائونٽبيٽن ان جي ترديد ڪئي.

اصل ۾ تقسيم جو سبب، 'هندو برهمنيت' هئي، جنهن جي تنگ نظريءَ ۽ ڪم ظرفيءَ، ملڪ کي ڏولائي ۾ وڌو، لڪين ساڻهو فسادن ۾ سڻا، ڪشيدگيءَ ۽ ڪشمڪش جو بنياد پيو ۽ ان کي بين الاقوامي سياست، هوا ڏني، دور دڪائي ڇڏيو آهي.

هندن جي مشهور عالم، محقق، ماهر تعليم ۽ مورخ، پنڊت

Gul Hayat Institute

سندرلال جي هڪ تقرير جون 1966ع ۾ شايع ٿي آهي، جنهن ۾ چيو اٿس:

"منهنجي هڪ پراڻي ساٿيءَ، لالہ لجپرام، هندو مسلم جهڳڙي کي ختم ڪرڻ لاءِ سڀ کان اول اها تجويز پيش ڪئي هئي تہ مسلم اڪثريت جو علائقو الڳ ڪيو وڃي."

ان کان سواءِ قائد اعظم متعلق چيو اٿس:

"قائد اعظم ملڪ جي تقسيم جي بلڪل خلاف هو، ان تي خواه مخواه اهو الزام لڳايو ٿو وڃي. ملڪ جي تقسيم اصل ۾ هندن جي تنگ نظريءَ ۽ تعصب جو نتيجو آهي. خود لاهور ريزوليشن ۾، ملڪ جي تقسيم بابت ڪوبہ ذڪر ناهي!.... ملڪ جي تقسيم جو ذمہ دار قائد اعظم نہ پر فرقہ پرست هندو هئا.

اوهان (مسلمانن ڏانهن خطاب) ائين نہ ڪجو، جنهن غلطيءَ جو ارتڪاب هندن ڪيو آهي، ان کي نہ دهرائجو. انهن ملڪ کي ٽوڙي ٽڪرا ڪري ڇڏڻ منظور ڪيو، پر واڳ کي ذهنيت مان هٽ نہ ڪنيائون. هندن جي تنگ نظريءَ جي ڏينهن ڏيکاريا آهن، سي اسان جي سامهون آهن.

منهنجا دوستو! تقسيم جو قصوروار قائد اعظم محمد علي جناح نہ آهي، هو ملڪ کي پاش پاش ڪرڻ جي خلاف هو. مون کان ٻڌو! ملڪ جي تقسيم جي تجويز ڪنهن پيدا ڪئي. اوهان لالہ لجپتراءِ جو نالو ٻڌو آهي؟ منهنجو دوست هو ۽ وڏو انقلابي هو، ليڪن جڏهن ذهن ۾ بگاڙو آيو تڏهن تنگ نظريءَ جي فضا قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ هن سڀني کان

Gul Hayat Institute

وڌيڪ حصو ورتو. ان سڀ کان اول، مسلم اڪثريت جي علائقن کي الڳ ڪرڻ جي تجويز پيش ڪئي. ۽ تحرير ۽ تقرير ۾ ان جي تبليغ ڪيائين.

ان کان متاثر ٿي، انگريزن هندوستان کي پنجن حصن ۾ ورهائڻ جي اسڪيم بنائي، دراوڙستان، راجستان، هندوستان، پاڪستان ۽ سکستان.

ان کان گهڻو پوءِ، رحمت الله چوڌري، سر محمد اقبال، خالد لطيف گابا، وغيره جا نالا اچن ٿا، جن ان تجويز متعلق پنهنجا رايا پيش ڪيا.

(هندن ڏانهن مخاطب ٿيندي چيائين): اي هندؤ! مان انصاف جي ڳالهه ٿو ڪريان. اوهان جي تنگ نظري ۽ تعصب آڏو نه اچي ها ته هيئن نه ٿئي ها! جڏهن مسئلي جو حل اڳيان آيو ٿي، تڏهن اوهان جي 'واڙڪي ذهنيت' ڪم ڦٽايو ٿي. مسلمانن چار آنا ٿي گهريا، اوهان ساڍن ٽن آنن تي اِٽ هٽي بيهي رهيا! توهان جي ان واڙڪي ذهنيت ٺهيل ۽ سلجهيل معاملو خراب ڪري ڇڏيو.

گوکلي به مسلمانن جي حق جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ خواهشمند هو، پر اي هندؤ! اوهان ان جي به ڪا ڳالهه نه ٻڌي ۽ بنگال ۾ مسلمانن 53 سيٽون گهريون، پر اي هندؤ! اوهان 51 سيٽن تي اِٽ هٽي بيهي رهيا! اوهان جون اهڙيون گهٽيون حرڪتون آهن، جن ۾ اوهان جي تنگ نظري، عصبيت، ضد ۽ هٺ ڌرمي ڪم بگاڙيو آهي.

— هندؤ! اوهان سکن کي به برداشت ڪري نه سگهندؤ! سکن، اوهان جي تنگ نظريءَ کان مجبور ٿي، سک صوبو گهريو آهي.

Gul Hayat Institute

هندؤ! ناراض نہ ٿجو! منهنجون ڳالهيون ڪنن کي ڪوڙي ٻڌو! اوهان ۾ ڪي اهڙا ماڻهو پيدا ٿي چڪا آهن، جي چون ٿا تہ مسلمان، سک ۽ عيسائي سڀ ’هندو‘ ٿي وڃن يا ٻاهر نڪري وڃن، سو منهنجي ڳالهہ ڪن ڪولي ٻڌو: اگر اهي سڀ ’هندو‘ بہ بڻجي وڃن تہ بہ اوهان جو جهڳڙو ڪڏهن ٽٽي نہ ٿيندو- پوءِ جهڳڙو هلندو، ڪشميري برهمڻ ۽ قنوجي برهمڻ جو! اوهان کي معلوم آهي تہ گرو گولڪرداس، هندو راشٽر ناهڻ گهري ٿو. حالانڪ هو پشياون برهمڻ آهي، ۽ هند ۾ چيتياون برهمڻ جو راڄ گهري ٿو، جن جي نسل سان مهاراشٽر جي آباديءَ جو تعلق آهي. مطلب پيو ڪجهہ ناهي، تہ هو برهمڻ راڄ گهري ٿو. اوهان سمجهو ٿا تہ جن سنگهہ ۽ آر. ايس. ايس جي حڪومت ۾ وڃڻ سان ڪو فائدو ٿيندو، سو غلط آهي؛ اوهان کي اهي بہ لوٽي ڪيدي ڇڏيندا."

(جنگ ڪراچي، 1- جولاءِ 1966ع)

هي آهي، پنڊت سندر لال جو اعتراف.

Gul Hayat Institute

بهرحال، هن مفصل مقدمي ۾، نہ فقط 1857ع کان وٺي 1920ع تائين ملڪ جي سياسي حالات جو تنقيدي جائزو ورتو ويو آهي، پر ان سان گڏ ’پاڪستان تحريڪ‘ جا مختلف سياسي مرحلا بہ اچي ويا آهن، جن جي مطالعي ڪرڻ سان اميد تہ ڪيئي غلط فهميون دور ٿي وينديون.

’جام جم‘ ۾ اڄ کان 50 سال اڳ جو ڪجهہ بيان ڪيو ويو آهي، هي مقدمو ان جي تشريح آهي، ۽ ان جي مندرجات جي تڪميل بہ آهي. اهو ئي سبب آهي جو اسان

جي سنڌي نقادن ۽ عالمن 'جام جم' کي "پاڪستان ڏانهن پهريون قدم" قرار ڏنو آهي. صاحب مطالعه دوستن کي، هن کان علاوه ٻيا به ڪيئي محققانه ڪتاب ملي سگهندا، جي سنڌ جي مقصد ۽ سياسي جدوجهد تي بيش بها مواد پيش ڪري سگهندا.

غلام محمد "گرامي"

Gul Hayat Institute

جام جم

مؤلف

مرحوم شمس الدین "بلبل"

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

عالم پناها

فتنہ بيدار دو چشمت بہ شکر خواب هنوز،
يــا نبي زوِد سر از بالش راحت بـرکن.

مسلمانن جي زندگي حالت

ءَ

هوم رول جي هلچل

ڪن ڏينهن کان وٺي، هندوستان ۾ هوم رول يا حڪومت جي نون سڌارن لاءِ هلچل ٿي رهي آهي ۽ گرما گرم ڪوشش ۽ تقاضا، رعيت جي طرفان ٿي رهي آهي، تان جو ان جو اثر محسوس ڪري، وزير هند جي خيال ڪيو تہ پاڻ وڃي هندوستان جي ماڻهن جا رايا وٺي ۽ روبرو ساڻن بحث مباحثو ڪري. ان موجب سنڌ ۾ بہ ماڻهن، انهيءَ خيال ۾ لڳي ويا آهن.

هي سڀني کي معلوم آهي تہ جڏهن سنڌ ۾ مسلمان آدم شماري گهڻو آهي تڏهن جيڪي اونداهہ ۾ بہ زور آهي. لڪين ماڻهو آبادڪار ۽ پوروهيت آهن، جن جي ڪمائيءَ تي سڀني آسودن ماڻهن جو گذران آهي. سرڪاري ڪامورن کان وٺي، زميندارن ۽ ٻيلن تائين، يا وياج خور شاهوڪار هر وقت سندن رت پي رهيا آهن. هو ڏڳن ۽ ڍورن وانگي رات ڏينهن پيا گهڻن، وهن ۽ رت پيٺ وارا ڪين نپوڙيندا، آسودا ٿيندا وڃن. انهن لاءِ نہ تعليم آهي نہ تربيت. انهن جو نہ ڪو آواز آهي نہ اثر، ۽

نہ انھن کان ڪو ٻچڻ ڳپڻ وارو آهي، ڇڻ تہ ماڻهن جي قطار ۾ ٿي ناهن. اهو سڀ عدد مسلمانن جو آهي، تن ۾ جيڪي ٿورا پڙهيل يا نوڪر آهن، يا ٻين ڌنڌن ۾ آهن، سي پڻ پنهنجي نفس جا ٻندا، انهن کي قرب ڪاڻ وارا، ۽ پنهنجي پنهنجي خيال وارا، نہ ڪين قوم جي ڪاڻ نہ همدردي، فقط پنهنجي پيٽ پرستي ۽ حظ نفسي ۾ مشغول آهن. جيڪي وري غير قوم جي صحبت ۽ پنهنجي نام و نمود لاءِ ليڊر ٿيا آهن، سي سمورو غير قوم جي خيال جا پابند ۽ تابع آهن، نہ تہ نہ ڪو سندن ڪم هلي، نہ ناڻءُ نيڪي نڪري، گويا مسلمانن جي غريب رعايا ۽ قوم جو نہ ڪو سچو عيوضي آهي ۽ نہ ڪو هڏ ڏوکي، نہ همدرد، اهي اهڙا نڌڪا آهن، جهڙو چوپايو مال، تعليم، تمدن ۽ سياست توڙي سوشل، توڙي سرڪاري اختيارين ۾ سڀ غير قوم، يعني هندو پائر چڙهيل آهن. مسلمان خال خال ڪالعدم جهڙا. هينئر غير قوم ملڪ جي چرپر ۽ تقاضا جو وجهہ وٺي، پاڻ کي ان جو لائق ۽ اهل ڄاڻي، هر طرح ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ هند سنڌ ان تحرڪ ۾ ڳنڍجي وئي آهي.

هند جي مسلمانن اوائل ۾ پنهنجو هوش گوش قائم ڪري، آڳاٽن بزرگن جي قول ۽ فعل تي عمل آڻي، پوليٽيڪل حقن لاءِ جدا 'مسلم ليگ' ٺاهي، مگر غالب شئي هر ڪنهن تي غالب آهي. تن ڪين اهڙو جادو ڦوڪيو جو انهن جا پير ترڪي ويا ۽ پاڻ ۾ رل مل ٿي، هڪ اسڪيم جوڙي تيار ڪيائون ۽ سرڪار ۾ موڪلي اٿن. هاڻي طرفين ان تي ڌم لاڻي آهي تہ اها منظور ٿئي.

ڪانگريس، جنهن سڄا 30 سال برابر لکن ڪروڙن روپين خرچڻ سان تجربو حاصل ڪيو، تنهن سان ٻن سالن جي ليگ وچي ڪلهو هنيون، سا مسلمانن جي ڪرامت ليکبي. پلا

Gul Hayat Institute

هي ويچارا، نٿين الف-بي ڏي سگهيا. هنن کي ڪامل تجربو هو ۽ آخر هنن سمجهيو ته جيستائين هي بيوقوف مسلمان، اسان سان شامل راءِ نه ٿيندا، تيستائين چاڙهو ڪونهن. تن اسان جي پير نابالغن کي ڏڻا ڏيئي، اهڙو مطيع ڪيو جو انهن ڀانيو ته رڳو ٻن سالن جي ليگ ڏاهڻ ۾، اسان کي مقصد ملي ويا ته ڀيو ڇا؟ سي يڪدم ٽپو ڏيئي، سٽيءَ وانگر ڏاگهه ۾ گهڙي پيا، ته بس واه واه ٿي وئي! ڪي وڏا مغز ڪوڙڻ لڳا، ڪن کي مجلسن جون پريزيڊنٽيون ڏيئي، سنڌن ڳڻ ڳائي، شريعت جا خطاب ڏيڻ لڳا.

اهڙيءَ طرح سنڌن منهن صاف ڪري اٿيا. هاڻي ساريءَ قوم جي ستيا ناس ڪرڻ لاءِ ڪات کهاڙيون کڻي پيا آهن ۽ وڏا مغزيه جي رڳو هاٿين ۽ شينهن وانگر هٺا، سي به اليڪٽرڪ جي ڇهڪ اڳيان ڪنڌ نمايو بيٺا آهن. ڪانگريس ۽ ليگ جي سمجهاڻي بابت سون مسڪين، اخبار ۾ ڏاڍو پنيو ڪنيو پر ٻڌي ڪير؟ سنڌ ۾ مسلمان سمجهي ڪير؟ غريب پنهنجي پيٽ ۽ ٻورهئي ۾ حيران، تن کي پکيءَ وانگر ڪهڙي خبر ته سنڌن لاءِ ڏيهي ٿي ٽنگجي. جن کي ٿوري گهڻي خبر، تن ۾ قوميت ۽ همدرديءَ جو انگ ڪونه. ڪو مري ته ڇا، جي بچي ته ڇا، هو پنهنجين زمينداري يا عهدن جي موجن ۾ خوش. خير ڪنهن مهل ڪا مجلس ٿي، يا ڪو موقعو آيو، ڪنهن حاڪم پڇو ته کٽي خير جو ڪلمون چوندا، نه ته ٽيو پلو. زنده قوم سواءِ اهڙين ڳالهين جي، نه رڳو اخبارن ۾ پر اشتهارن سان، ميٽنگن سان، وفدن سان، جا به جا اهڙيون سمجهاڻيون ڏيندا وتن ۽ مسلمانن کي به هرڪائيندا وتن.

”ميان! اوهان کي مدارا نه گهرجن ڇا؟ مطالبن ۽ لالچن جي چوڻ ڪي نه لڳو، جي رڳو آفيسرن کي خوش ٿا ڪن. اچو ته اسين اوهان کي آفيسر به مروڙي ڪن ۾ وجهي

ڏون، پوءِ مزا ويٺا ڪريو!"

جڏهن ته رڳو هندواسيءَ جي هڪ ٻه ڇوپڙي اسان ڪي هٿ آئي آهي، جنهن ۾ نمبر 6 آهي. اهڙيون 5 ته اڳي ٿي ڪليون اٿس. اهڙيءَ طرح ٻـي ڇوپڙي، نمبر کان سواءِ اٿس. هوڏانهن اسان جي يـار رئيس خان ٻروچ (1) ڪـي ٻه سنڌيرائي ڀيهاريو اٿس، سو به ڇوپڙيون ڀيو ڪيئي.

هندن جون ٻه چار روزانيون اخبارون، ٻه ـ ٽي باءِ ويڪلي ۽ ڪيئي هفتيوار آهن، ٽن سان ڪـڏ ڇوپڙين جو به ٽڪاءُ پيو پوي. هيڏانهن هڪ انڌو پيو منڊو، الامين، مخالفن جي چنبي ۾، ۽ انهن سان هم راءِ. 'الحق بـه نيمي درون، نيمي برون'، بلڪ ان جا خيال به ساڳيا آهن. باقي هڪ اخبار ڇا پڙهندي، ڇا روئيندي؟ هڪ هٿ سان تاڙي نه وڄندي آهـي. جيڪي قوم جا سربرآورده، انهن ڳالهين جا مخالف به آهن، سي به خواب خرگوش ۾ مبتل، يا پاڻين ته مسلمان، سائو ڪاهه آهن، سو پلي پيا ڪڇن. اوهين سائي جا ساوا رهندا. خبر ناهي ته اهو سندن خيال ڪيتري قدر مفيد آهي. يا ته رضا تي راضي آهن، ته جڏهن خدا ڪي وڻندو، ڪٿن ڪندو. مگر خداوند ڪريم هٿ ـ پير ـ زبان ـ طاقت ـ قوت ـ دولت بـه ڪنهن ڪم لاءِ ته ڏني آهي، جن کان دين ۽ دنيا جو ڪم وٺون. پر اسين ته پاڻ کي پنهين ڪـن کان عاري ۽ ڪورو ٿا ڏسون. الا ماشاالله!

ان بـابـت آفتاب ۾ جيڪو مٺو هنيو آهـي ۽ هيترن سارن مسلمانن کي سوال جواب ڪيا آهن، سو به ناظرين تـي روشن آهي. ٽن مهينن کان اها تون لڳي اچي، پر هڪ نيٺ هڪ آهي، ڪيترين بلائن کي ڦهندو. آخر سکر جي ميٽنگ ۾،

(1) رئيس غلام محمد خان پرڳڙي ڏانهن اشارو آهي.
غ. م. ڪ

پاڻون هزار اشتهار ڇپائي، مشتهر ڪيا ويا، وري اخبار ۾ سپليمنٽ ڪڍي وئي، تان جو هن جي چوپڙيءَ جو ڍهڪار ڏسي، وري هن پمفليٽ جي ڇاپائڻ جو خيال ڪيو ويو، مگر افسوس ته:

خداونـدان نعمت را کـرم نيست،
کريمان را بہ دست اندر درم نيست.

مگر ۾ پليگ، پريس ۾ ماڻهو نه ٿي، مايا جو سوال درپيش! نه ڪو مددي، نه ڪو حال پڇڻ وارو. ظلم هي جو ڪو مسلمان ڪنهن بہ مضمون جو انگريزي ۾ بہ ترجمو ڪري نه ٿو ڏئي! ايـڏي بيدردي، ايڏي سنگدلي، ايڏي غفلت مٿن ڇانيل آهي، جو پاڻجي ٿو ته هاڻي اسان جـو آخري وقت آهي، شايد غير قوم جي پيرن ۾ اٿين ٿـڏا کائي مرنداسين. چو ته اسان کي قوميت جو ذرو بہ احساس ڪونهي. لاچار پنهنجي جڏي مڏي حال موجب، جيترو ٿي سگهيو آهي، اوترو مسلمانن جي سمجهائڻ ۽ سندن حقن بچائڻ لاءِ پنهنجي حتي المقدور ڪوشش ڪئي وئي آهي، آئينده اختيار خدا جي – وڏو ارمان ته پليگ جي ڪري "آفتاب" بہ بند ٿي وئي هئي. مخالفن کي خالي ميدان ملي ويو. اميد ته هيءُ رسالو تلافي مافات ڪندو.

Gul Hayat Institute

شروعات

وڏي وڏي ڳالهه هيءَ آهي ته ڪانگريس ۽ مسلم ليگ گڏجي، جي مڏارا رٿيا آهن، اهي پاڻ امپريل ڪائونسل جي 19 ميمبرن صحيحون ڪري هند سرڪار جي پيش ڪيا آهن. هاڻي ان تي زور اٿن ته ڪم از ڪم اهي ته ميلن، نه ته گهٽ ۾ راضي نه ٿيندا سين. باقي هوم رول جا مطالبا ته اجا وڏيڪ آهن، جي پوءِ گهربا. ان بابت مختلف طرح سان جواب ڏنا آهن. هاڻي هن پمفليٽ ۾، با تفصيل ڏيندا سين ته انهن مطالبن ۾، اسان مسلمانن جو گهڻو ڪجهه نقصان آهي. اهي مطالبا اول 'هندواسيءَ' جي ٻن چوٽين ۾ آهن، پوءِ 'سندواسيءَ' مسلمانن کي ڪي مطالبا ڏيکاريا هئا، ته مسلمانن کي هي به نه گهرجن ڇا؟ تڏهن مطلب ڇا اٿن؟ تنهنجو جواب به 'آفتاب' ۾ ڏنو اٿئون. وري ڪنهن تقرير ۾ سا ڳيا مطالبا ٻئي ڍنگ سان، آنريبل مسٽر آل نبي ڏيکاريا هئا، تن جو به قسطوار جواب ڏيون ٿا. مسلمان ڇو هوم رول کان مخالف آهن، يا ڪي مسلمان ڇو هوم رول گهرن ٿا، تن جا سبب به ڏنا اٿئون.

هوم رولي، غير هوم رولين کي خوشامدي يا مطلبي ٿا سڏن، تن جو جواب به ڏنو اٿئون. غرض ته پنهنجي عقل آهر، جيڪي ٿي سگهيو آهي، سو ناظرين جي پيش رکون ٿا.

مسٽر گوکلي آنجهانيءَ جي اسڪيم به ڏيکاريون ٿا، جنهن ويچاري اعتدال سان، اسڪيم ٺاهي مسلمانن لاءِ جدا

چونته جو حق قائم رکيو هو، پر هاڻي اسان جا پائر ان جي برخلاف ٿي بيٺا آهن، ۽ ليگ وارا ڪئن ريگ ۾ ڦاٿا آهن، سو به ظاهر ٿيندو، پوءِ سيڪنهن مسلمان کي راءِ قائم ڪرڻ آسان ٿيندي.

عجب ته هيءُ آهي، جو اسان جا حريف پائر سيني گهرجن ۽ مطالبن مان ڪي ڪي اهڙا فقرا منجهيل، فقط ميمبرين ۽ انتظامي ڪونسلن بابت ٽا پڌائن، جن ۾ سرسري ڏسجي ته بيشڪ هندو مسلمانن لاءِ مفيد آهن. مگر باريڪ نظر سان ڏسبو ته تن ۾ به رولو آهي، جو هيٺ خبر پوندي. ڪو ڪهڙا فقرا پيو پڌائي ته ڪو ڪهڙا - نه ته اول کان آخر تائين، سڀ مطالبا ڏيکارين ته قلعي کلي پوي!

Gul Hayat Institute

چوٿي "هندواسي"

موسوم بہ

ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي رٿ

حڪومتي سڌار

ڪانگريس ۽ ليگ وارن 4-1 قلم تائين، ٺهراءُ ڪيو آهي تہ پرڳڻن جي قاعدن واري مجلس ۾ چار پتيون چونڊيل ميمبر هجن، پنجين پتي سرڪار چونڊي. وڏن پرڳڻن بمبئي ۽ بنگال ۾ 125 ميمبرن کان گهٽ نہ هجن ۽ ٻين ۾ 50 کان 75 تائين مسلمان پنهنجا عيوضي پرڳڻن ۾ هيٺين طرح چونڊن.

نوٽ:- عيوضين بابت مسٽر پرگڙي صاحب، پنهنجي تقرير ۾ چيو آهي تہ عام ماڻهو حڪومت جو ضابطو پنهنجي عيوضين جي معرفت رکي سگهندا، جن کي پاڻ چونڊيندا، وغيره- اسان جو ڪين عرض آهي تہ سنڌ ۾ ميمبرن جي چونڊ بابت آنربل کي تجربو هوندو، تہ ڪهڙي شرمناڪ حالت، پئسي خرچڻ ۽ سفارشن ۽ پراين ٻانهن سان ترڻ تي ٿئي ٿي- انهن کي ماڻهن جو عيوضي سچو چئي سگهبو يا مصنوعي يا فريبي. ٻيو فرمايو اٿس تہ عيوضي قوم جا پاتي ناهن! اسان چئون ٿا تہ هائو، پر ڪو پاتي، توڙي وڏو، ڪري پوي تہ اهو گهر آنو يا مٽو؟

- (بلبل)

اڌ گڏيل علائقن ۾ 100 مان 30، بنگال ۾ 40، بهار ۾ 25، وچ علائقن ۾ 15، مدراس ۾ 15، بمبئيءَ ۾ چونڊيل ڏيهي ميمبرن مان، ٽي پتي، پر شرط اهو ته مسلمان مجلسن جي ميمبريءَ لاءِ پڻ چونڊجن ۾ بهرو نه وٺندا.

جواب

هاڻي خيال ڪريو ته بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ جنهن منجهه 'سنڌ' به اچي وئي، مسلمانن جي ڪيتري مردم شماري آهي، ٽن ڪي متي شرط بندش سان، 'ٽين پتي' ڏياري ويئي آهي. يعني 100 ٽي 33 ميمبر- سنڌ جي ڀاڱي ڇڪي تاڻي 7-8 ميمبر اوڙڪ ته 12 ميمبر مس ايندا. پوءِ سنڌ ۾ اسان کي ملندا ايترا ميمبر قابل ۽ گريجوئيٽ، ۽ انهن ۾ ٿيندي ڪا اهڙي ٽئوم؟ ۽ پاريندا ڪو پوڙو؟ باوجود ڀڪ، دعويدار گهڻا ٿيندا ته

هم بهي هين پانچوين سوارون مين!

پر اسان جي نظر ۾ ته الف سلڪٽو.

اهڙا ميمبر ڪائونسل ۾ ڇا وڃي ڪندا ۽ ڪهڙي ميجارٽي يا طاقت سان مسلمانن جو ڪو فائدو ڪندا. جن جي برخلاف آهي آهي 'گٽڪ' اچي بيهندا، جو مارڪي کي چٺي واڇڻ به نه ڏيندا.

هڪ شرط ته متي پڏو ته مسلمان مجلسن جي ميمبريءَ لاءِ پين چونڊجن ۾ بهرو نه وٺندا.

وري ٻيو شرط پڏو ته ڪو به بل يا ٺهراءُ، جنهن جو هندن يا مسلمانن سان واسطو هجي، تنهن جي برخلاف جيڪڏهن واسطيدار ٽرجي $\frac{2}{3}$ پتي، اعتراض ڪندي ته اهو بل پيش نه ڪبو.

جواب

ادو مٺو ادي چائي، اسين اوتري جا اوترا! ڪو به بل

Gul Hayat Institute

مسلمانن جي خاص فائدي ۾ هوندو ته هندو اعتراض آڻي، بند ڪرائي ڇڏا سگهن.

اهڙيءَ طرح مسلمان، پر جهڙو مسلمانن جو حال آهي تهڙو اسان ڪي نه سمجهي ته هندن جي برخلاف ايتري پٽيءَ وارا مخالفت ڪري سگهندا. جيئن هاڻي ليگ مان ويگ ڪڍي اٿن، تئن سندن پير به ترڪائي ويندا. نه ته به ٻه ٽي ڌريون ڪرو مرو! ان شرط مان ڪهڙو فائدو؟ اتي به جيڪو ڏاڍو سو ڳاڻو ٿيندو.

5 قلم ۾ آهي ته علاقن جو مهنداو جهڙو بمبئيءَ جو گورنر آهي، سو قاعدن ڏاهڻ واري مجلس جو سڀاپتي نه ٿئي، پر مجلس کي پنهنجي سڀاپتيءَ چونڊڻ جو حق ملي.

جواب

آهي ڪنهن سنڌي ميمبر کي اميد، ته هو هيڏين بلائن جي وچ ۾، سڀاپتيءَ ٿيڻ جو شرف حاصل ڪندو. نالي لاءِ بيشڪ اسان جي مسٽر پرڳڙي صاحب کي ڪنهن مهل اهو شرف ڪٿي ملندو ته ملندو، پر اسان لاءِ ڇا ٿيندو؟ سو به سندن هٿ جي پتلي، پنهنجي مرضيءَ تي ڪانئس ڪم وٺندا ۽ چوندا ته "ميان! اوهان جو مسلمان هوا!" ڍُريو ته ان مسلمانيءَ آهي.

1- ساڳي پراونشل گورنمينٽ جي ٺهرائن 2 ڪان 4 ڌائين آهي ته سيڪنهن پرڳڻي جي سرڪار جو مکي گورنر ٿيندو، جو انڊين سول سروس يا اهڙي نموني جي نوڪريءَ ۾ نه هوندو.

2- هر هڪ پرڳڻي ۾ انتظام هلائڻ لاءِ جماعت ٿيندي، جا گورنر سان گڏ سرڪار سڏبي.

3- ان ڪاروباري جماعت تي انڊين سول سروس جا نوڪر مقرر نه ڪبا.

4- ان ۾ گهٽ اڌ ميمبر ڏيهي ٿين، جي ليجسليٽو ڪونسل جا چونڊيل ميمبر چونڊين.

جواب

گورنر جي ڪاروباري جماعت ۾ اڌ ڏيهي ميمبر ٿيندا، تن کي وري ڪائونسل جا چونڊيل ميمبر چونڊيندا، پوءِ بہ پٽين ميمبرن جي راءِ وڏيڪ ٿيندي، يا نين پٽيءَ جي؟ ان صورت ۾ ڪاروباري جماعت ۾ ڪنهن جي ميجارٽي ٿيندي؟ ۽ مسلمانن کي ڇا پڙ پوندو؟

اهڙيءَ طرح، اسپريل ليجسليٽو ڪونسل جي ميمبرن ۽ مجلس جا سا ڳيا شرط آهن، جن کي ماڳيو جواب آهي.

—

1- هند سرڪار جي اختيارين واري قلم 5 ۾ آهي تہ وڏين نوڪرين پرڻ جي اختياري هند سرڪار جي هٿ ۾ رهندي، پر اها اختياري اسپريل ليجسليٽو ڪونسل جي قاعدن پٽاندر هلندي، ڪنهن ۾ ايندو ڪو سنڌ جي مسلمانن کي وارو؟ بلڪل نہ - ان عهدن ۾ ڪليڪٽريون، ڪمشنريون ۽ ٻيا عهدا بہ اچي وڃن ٿا. هت سخن در اين ست وارو معاملو آهي. رمز سهي ڪرڻ گهرجي.

ميمبرن جو هو حال، نوڪرين جو هي حال! اسان جي تعليم جو هي حال! اتفاق ۽ همدردي ۽ قوميت جو هو حال. ان هوندي بہ مسلمان هوم رول گهرن ۽ چڙي باز سان اڏامي؟ تہ هو گوءِ، هو ميدان!

Gul Hayat Institute

چوپڙي نمبر 6 جو صفحو 7

جڊيشل ۽ روينيو کاتي جي جدا ڪرڻ ۾، مسلمانن کي ڏس آهي ته "ميان! پوءِ اوهان جي بدمعاشيءَ جا ڪيس، ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ ڪليڪٽرن وٽ نه هلندا، نه ڪو پوليس جو زور ٿيندو، جدا مئجسٽريٽ، سب جڄن وانگر خودمختيار رهندا."

ڀائي صاحب! هائو، ڪي مسلمان ويچارا 110 قلم جا ڏوهاري ٿين ٿا، جي اڪثر رجوع پيا ٿين. اگرچ هاڻي واٽين ۾ به برڪت پوندي ٿي وڃي، پر هتي اسان جو سوال آهي ته رجوع ڪندڙ عملدار ڪير ٿيندا؟ سي ته ساڳيا پوليس وارا ۽ زميندار ٿيندا.

پوءِ جي اهي هم صلاح ٿي، ڪنهن کي پوهي ۾ ڏيندا ته مئجسٽريٽ ڇا ڪندو؟ ثابتيءَ جي برخلاف هلندو ڇا؟ ۽ اهي مئجسٽريٽ، جي جدا ٿيندا، سي جايون لياقت ۽ امتحان تي پر پيون يا آدمشماريءَ تي- سب جڄن ته مسلمانن کي اڳيئي پڳڙيون پڌايون آهن. باقي خلاصا مئجسٽريٽ ڪين اونگيون

نوٽ:- زميندار ايسوسيئيشن جي پاران، مسٽر پرگڙي به سوال غير مفيد ڪيا آهن. هڪ ته عدالتي ۽ روينيو ڪم جدا ٿين، تنهنجا جواب مٿي اچي ويا، پيو رڳو زوري تعليم. تنهنجو جواب مسٽر آل نبي جي تقرير واري رد ۾ هي آهي ته جيستائين زوري تعليم، مسلمانن جي هٿ ۾ نه ڏبي، تيستائين زوري تعليم مسلمانن لاءِ ويل ويهائڻو آهي ۽ ظلم ڪرڻو آهي، ڇو ته تعليم کاتي ۾ مسلمانن لاءِ ڪجهه به ڪينهين. تنهن ڪان سواءِ زميندارن جي درد جو پورو علاج، جو سول سڌار ۾ آهي، تنهن لاءِ ته ڪجهه به نه چيو اٿس، ته سول، مسلمانن جي ڀاڙ پٽي ڇڏي آهي. اگر اهو سوال ڪري ته پوءِ دوستن ۾ ڪيئن سرخرو ٿئي. زميندارن ويچارن کي ذرو به خبر ڪانه ٿي پوي ته سندن دردن جا ڪهڙا علاج آهن. ان ميڙ ۾ به چار سيانا به هئا، پر "مرده به دست زنده!"

— بلبل

ڀيرائيندا. انهيءَ رٿ ۾، مسلمانن کي ڏهن فائدو ٿئي، جڏهن سول ۽ فوجداري ڪم، سرڪاري نوڪرن جي هٿان، بلڪل ڪسجي وڃي، ۽ اهي سڀ اختيار بون پنچائتي ڪورٽن کي ملن، جن ۾ شهرن جا مکيه ماڻهو، هندو ۽ مسلمان شامل هجن ۽ جي هينئر بنچ مئجسٽريٽ ڪيا ويا آهن. ڪورٽ فيس ۽ ٻيا لوازما سول ڪيسن ڏانهن ڪيجن ته پوءِ البت چئجي ته سڌارو ٿيو. نه ته 'جهڙي سَٽ، تهڙيون ٿي ويهون!' ڪم جدا ٿيا ۽ انهن ۾ ساڳي هڪ قوم جو غلبو رهيو ته مسلمانن لاءِ ڇا؟ غرض ته مسلمانن جي اڄ ڪلهه اهڙي حالت آهي، جو "ڪاتي ڪري گدري تي ته به گدرو مُٺو، جي گدرو ڪري ڪاتيءَ تي، ته به گدرو مُٺو!" مسلمان هر طرح سان مصيبت ۾ مبتلا آهن.

هر بلائے ز آسمان آيد
خانهٔ انوري ڪجا باشد

نه ته حق ۽ انصاف اهو آهي، ته جئن سنڌ ۾ اسين مسلمان گهڻا آهيون ۽ اسان جا پوليٽيڪل حق به وڏا آهن، جو سرڪار اسان کان هي ملڪ فتح ڪيو آهي نه ٻي قوم کان. ان ڪري ميمبرين ۽ نوڪرين ۾ اسان جون به پتيون هجن ۽ ٻين قومن کي ٽين پتي ملي، پر جي اِنَ ڏنڏ، دوڙ دسوڙو نه به ڪم اڙ ڪم اڌ ته ضرور ملڻ گهرجي.

جهڙو ميمبرين ۾، تهڙو نوڪرين ۾. هينئر ساري بمبئيءَ سان گڏجي، فقط ميمبرين ۾، اسان کي فقط ٽين پتيءَ تي بيهاريو اٿن. سو ته ٽيو نالي ۾ نهال ٿيڻ، تنهن ڪري جيڪو به مسلمان پاڻ اٿي جو ڪائيندو هوندو، سو هن سان پروڙي سگهندو ته اهي مطالبا گهٽو ڪري ڪو مسلمانن جي فائدي ۾ نه ٿيندا، جنهن تي هو اٿي، هندو حريفن سان هام هڻي، پاڻ تي هچا وجهن!

Gul Hayat Institute

مسلمان هوم رول جي ڇو مخالف آهن؟

سنڌ جي مسلمانن کي هوم رول جي مخالفت ڏيکارڻ مان ٻه فائدا آهن، يعني جيڪڏهن غالب عنصر جي زور ڪري، هوم رول ملي ويو ۽ ان ۾ مسلمانن کي اهنج پهتو ۽ سندن حقن کي جوکو رسيو ته انهن کي پڪارڻ لاءِ وجهه ملندا ته اسين برووقت ان ڪان مخالف هئاسون، پوءِ جا ڳالهه اسان جي مرضيءَ ڌاران ڪئي وئي آهي، تنهن لاءِ اسين ٻڌل ناهيون، نه ته اسان کي جدا حق ملن ته سندن اهڙي پڪار وزن ۾ ايندي ۽ جيڪڏهن ڪين ان مان ڪو فائدو پهتو ته الحمدلله پوءِ به مسلمانن کي اهو اعتراض اڏو نه ايندو، ڇو ته هوم رول ساري هندستان لاءِ ٿيندو ته مسلمان به ان ۾ اچي ويندا. هاڻي جيڪڏهن ماٺ ڪبي ۽ ان بابت اعتراض نه وٺبو، ۽ پوءِ به لياقتن سارو نوڪريون ٿيون، يا ڪانگريس ۽ ليگ جي ٺهراءُ موجب اسان کي فقط ٽين پتي ميمبر مليا، ته مسلمان گهاٽي ۾ پوءِ سندن پڪار به ڪو ڪونه ٻڌندو.

قياس جي ڳالهه آهي ته سنڌ ۾ اسين مسلمان 80 سيڪڙو آباد آهيون ۽ هندوستان ۾ سڀ مسلمان وري 20 سيڪڙو مس ٿيندا. جيڪڏهن ڪانگريس ۽ ليگ جي ٺهراءُ موجب، فقط اسان کي بمبئيءَ مان گڏ، ٽين پتي ميمبرن جي ملي ته به اسان کي ڪس، نه ته هينئر جن صوبن ۾، مسلم ليگ ۽ ڪانگريس ٺهراءُ ڪري، 30 فيصدي عدد ڏنو آهي،

Gul Hayat Institute

الي سرڪار 40 في صدي حق ڏئي ٿي. تنهن ڪان سواءِ خود حڪومت جو اصل اصول ۽ مکيم فائدو آهي عملدارين ۽ نوڪرين ۾. پوءِ جيڪڏهن تعليم ۽ امتحانن جي لياقتن تي نوڪريون ۽ عهدا ٿيا، ته به اسان لاءِ نقصان! اوهان خيال ڪري ڏسندؤ ته آخر وڏا عهدا يا عزتون نيٺ ته تعليم ۽ لياقت تي ورهائبا. پوءِ اوهان اهڙو اندازو ڪيو آهي ته سنڌ ۾ ڪيترا مسلمان گريجوئيٽ آهن. سون ليکو ڪيو آهي ته بئريسٽرن سان ملائي هرهڪ ضلعي ۾ چئن ڪان ڇهن تائين مس مسلمان لڀندا، جي جملي ويهه-ٽيهه آهن.

ساري هندوستان ۾ هندن جي مردم شماري 21 ڪروڙ، 75 لک 86 هزار 892 آهي، تن ۾ پرائمري تعليم وارن جو عدد 1 ڪروڙ، 12 لک، 23 هزار، 134- ۽ سيڪنڊريءَ وارن جو عدد، 10 لک، 13 هزار، 596 آهي، ۽ مسلمانن جي مردم شماري، 6 ڪروڙ، 66 لک، 47 هزار 291 آهي. پرائمريءَ ۾، 23 لک 59 هزار 766 آهن ۽ سيڪنڊريءَ ۾ فقط هڪ لک 76 هزار آهن. پوءِ ڪهڙي زور تي ۽ ڪهڙي منهن سان، اسان هوم رول جا طالبو ٿيون، جن ۾ تعليم جي ايتري ڪمي آهي. آهي ڪو اهڙو رول، يا ڏيندو ڪو اهڙي گئرنٽي ته مسلمانن جا چيت جاسوت، سلان ملواڻا، گريجوئيٽن جي مٽ ڪبا، ته پوءِ هوند اسين پنهين هٿن سان هوم رول لاءِ پڪ وجهون.

مگر جن پائرن جو هي حال آهي، جو هاڻي اجان ڪنهن لائق مسلمان کي قسمت سان ڪا جاءِ ملي ٿي، ته هندو اخبارن ۾ گهوڙا گهوڙا پئجي ٿي وڃي، پوءِ جي ڪين هوم رول مليو ته اسان کي ڏوين سان نه ڏنيندا؟

ڪراچيءَ جا واپاري، وڏا ماڻهون، جي 'هوم رولي' آهن، تن جو ڌنڌو آهي واپار. انهن کي حڪومت يا نوڪرين سان ته واسطو ئي ڪينهين. انهن جو خيال فقط ميمبرين تي مبذول

Gul Hayat Institute

آهي. پوءِ انهن کي ڇا آهي: پنهنجن مسلمانن جو مردو دوزخ وڃي يا بهشت. اڃا به جيڪڏهن انهن جا گريجوئيٽ ڪڍي ڇڏجن ته باقي پيا خاص وطني مسلمان، ڪي جزوي وڃي بچندا.

ان تعليم جي ڪميءَ تي به ڪي صاحب ڪاوڙيل آهن ته مسلمانن جي ليڊرن يا پنهنجن معززن تعليم بابت ڇا ڪيو آهي، ۽ نالا ڳڻائي مٿن ڪرڙيون ۽ ڪاوڙيون ڪري رهيا آهن. مگر جيڪڏهن اسين اها ڳالهه به ڪٿي قبول ڪريون ته بيشڪ اسان مان ڪنهن به اسان جي ليڊر يا ڪنهن بيٺل ماڻهوءَ تعليم جي به نسبت ڪجهه نه ڪيو آهي. (1) حالانڪ ڪن صاحبن گهڻو ڪجهه ڪيو آهي، تڏهن ته پاڻ تي ان ڪوتاهيءَ جي اها سزا مقرر ڪريون ٿا ته اسين هوم رول جي نعمت عظميٰ ڪان محروم ڪيا وڃون ۽ اها خلعت فاخره، اسان جي ناموزون قد تي نه ٿي ٺهي ۽ ساڳيا معترض وري ان ڪوتاهيءَ ۾ قصور ڪري، الٽو اسان کي هوم رول جو انعام ڏيارين، ته عجب منطق آهي. هان جيڪڏهن سندن اهو وظيفو وهي وڃي ته

گر نه ستاني به ستم مے رسد

ته پوءِ ماشاءالله، الحمدلله، نه ته ڪي صاحب رڳو ڪنهن ڪاوڙ ڪان يا ته ڪنهن آفيسر جي پيڙ هوندن، يا ڪا سزا ملي

(1) هوم رولي ان بابت سرڪار کي معتوب ٿا ڪن ته ان اسان جي تعليم لاءِ صديءَ تائين ڪجهه نه ڪيو آهي. اهو ڏوراپو البت مسلمان قوم ڏئي سگهي ٿي، نه هندو. پر ان ۾ وري مسلمان پاڻ جوابدار آهن، جو ته هنن هندن جيتري تعليم به نه ورتي. پوءِ ڪهڙي منهن سان سرڪار کي عتاب ڏيندا. نه نه، سائن اهو ظلم سڀ سندن عالمن ڪيو. ڪم از ڪم هندن جهڙا هجن ها ته اڄ اهڙا ڪندا نه ڪيڏا پون ها. — (بلبل)

هوندن، ته ان ساڙ کان هوم رول سان وڃي ملن ٿا. گويا اهو يوروپي آفيسرن جي ڪمي ٿي ويندي، پر اهي بندا خدا جا ڪو اهو خيال ڪن ٿا ته هوم رول ڪان پوءِ ايڏا عهدا ۽ اختيار ڪهڙي قوم کي نصيب ٿيندا، ۽ پوءِ اهي اسان کي ڪهڙي نظر سان ڏسندا. يوروپين کان وڌ، يا گهٽ؟ تنهن لاءِ هي چوڻ بس ٿيندو ته "آزمائي کي آزمائي، سو منهن تي پاڻي ورائي!" يا، من جرب المجرب حلت به الندامة.

ان جا مثال سان هيٺ به ڏيندس. پرءِ رڳو ڪاوڙ سان، جنهن کان ڪو انتقام به ٿيڻو نه آهي، پنهنجي قوم کي صياد کان ڇڏائي، گرگ جي حوالي ڪرڻ ڪهڙي عقلمندي چئبي؟

وري مزو ته هي جو طعنو ٿا ڏين ته يوروپي آفيسرن جي خوشامند ۽ دل خوش ڪرڻ لاءِ ۽ پنهنجن فائدن حاصل ڪرڻ لاءِ هوم رول جي مخالفت ٿا ڪن.

— هاڻي اسان جو ڪين جواب آهي ته جيڪڏهن هو اسان کي قائل ڪن، جنهن لاءِ هزار دفعا ڪين چئلينج ڏنو ويو آهي ته اسان کي ڪولي چڱيءَ طرح پڌايو ته سنڌ ۾ هوم رول سان مسلمانن کي به اوترو ئي فائدو ملڻو آهي، جيترو هندن کي، ته پوءِ بيشڪ هوم رول جا مخالف ميارِي چئبا. مگر هيستائين، جيڪي دليل ۽ اصلاح ڏيکاريا اٿن، تن سڀني جا رد ڏنا اٿئون، هاڻي به چئون ٿا ته اسين هوم رول جي لائق ناهيون. هن وقت هوم رول ملندو ته اسين سراسر نقصان ۾ ايندا سين. پوءِ پنهنجي قوم جي خبر گهرائي، سچي صلاح ۽ واجبي ڳالهه تي، از خود آفيسر به اسان کان خوش ٿيندا. جو مقتضا وقت ۽ آئين حڪومت موجب، سنڌ جا مسلمان مخالف ٿيا آهن، ته ان ۾ ڪهڙو گناهه ٿيو؟ برخلاف ان جي، جو آفيسر به ناراض ڪجن، ۽ قوم جي ٻيڙي به ٻوڙجي. جن جي دامن ۾ ٿو لڪجي، سي به هڪالي ڪڍن، ته پوءِ ان کان وڌيڪ بيوقوفي ڪا بي؟

Gul Hayat Institute

هڪڙي صاحب وري گوهر افشاني ڪئي آهي ته اڄ سڀ اختيار هندن کي آهي، يورپي آفيسر ذرو به حمايت ڪري نه ٿا سگهن، ته پوءِ ڇو نه انهن جي دامن ۾ لڪجي! بيشڪ ليڪن، مبارڪ باشد! مگر انهن جي ڪهڙي گٺرنٽي اٿن • جڏهن يورپي آفيسرن جي ايڏي اختيار هوندي به مسلمانن کي ڏنڀي ٿا رکن، تڏهن هوم رول ٿيڻ ڪري ڪيڏو نه سندن زور ۽ اختيار ٿيندو؟ مي پوءِ گهٽائيندا؟ مگر افسوس ته ان موهوم اميد تي اهڙا وسوڙل ماڻهو، سندن پاسو ٿا وٺن، ته متان هوم رول وٺي وڃهن، ته من اسان جي لڄ رکنا متن ياد ڏياريون ته اسان اوهان جا سر پائي هئاسين. ڪٿي قبول ڪجي ته پاڻ انهن جي زد کان بچي وڃن، مگر عام قوم جو ڪين خيال نه ٿو ٿئي ته نيٺ انهن جي حڪومت هلندي، غريب رعايا قوم تي، جا مسلمان آهي. پوءِ هن کان وڌيڪ ساڻن عقوبتون نه ٿينديون، جي هاڻي ڏي اعلانيه چون ٿا ته ميان! اسان اوهان سان اڃا اوئين ته نه ڪيو آهي، جئن مسلمانن ڪيو هو؟

هاڻي ڏسبو ته جيڪي هينئر ٿي اهڙن عيوض وٺڻ لاءِ تيار آهن، بلڪ وٺي رهيا آهن، تن کان پاڻ بچائي، پيءَ ساريءَ قوم کي، سندن رحم تي ڇڏڻ، قوم فروشي نه ڇئبي ته پيو ڇا؟ ٿيندي ساڻن به اها جنگ! ان مان سيڪو انصاف وارو، مٿين بنهين فريقن مان، امتياز ڪري سگهندو ته ڪنهن ڇڱو وستو ورتو آهي؟

"خود تو مصنف باش اي دل، اين نکو يا آن نکو!"

هن کان اڳي اسان پنهنجن ياران وطن جي ڪيريڪٽر جو ٿورو ڪرشمو، مشتي از خروار' ۽ 'دانه از انبار' آفتاب ۾ وقت بوقت ڏيکاري چڪا آهيون، ته باوجود ليڊرن جي ايڪي ۽ اتحاد ۽ نهراءَ ۽ حڪومت انگريزيءَ جي ٻنهي، هنن ڇا ڇا هلت ڪئي آهي ۽ ڪيترو پنهنجي قول تي بيٺا ۽

Gul Hayat Institute

عمل ڪيائون ؟

اورنگزيب ۽ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن کان ته لنگهائي رکيو اٿن يا باقي ڪجهه ڇڏيو اٿن؟ "اهڙي نه سمي ڪئي نه سومري ڪئي."

بقر عيد ۾ جيڪي ظلم مسلمانن سان ڪيا اٿن، سي اخبارن ۾ موجود آهن. مگر افسوس جو هندو اخبارن ته انهن واقعن کان اک پوري، پر "الحق" ۽ "الامين" وارا به خاموش رهيا! نه ته ايڏا ظلم ۽ اهڙا واقعا اڄ تائين نه ڪنهن ڏٺا نه ٻڌا! جو هندو بلوائي، لکن هزارن جي عدد ۾، گڏجي سوين ڳوٺ ڦريا آهن. مرد ۽ معصوم ٻار ماريا اٿن، زالن جا ڪپڙا لٽا به لاهي ورتا اٿن، جي ننگيون آرهه ضلع ۾ پناه گزين اچي ٿيون آهن. هن بابت هيٺ به ڪجهه احوال آهي.

Gul Hayat Institute

جيڪي مسلمان هوم رول جي موافق آهن، تن جا ٽي قسم آهن!

هڪڙا تہ ڪن ڳالهين تي يوروپي آفيسرن کان ڪاوڙجي هوم رولي ٿيا آهن. ٻين هندن جي ڳڻڪن ۽ سندن حمايت ۽ پشت پناهيءَ جي ڀروسي تي ائين ڪيو آهي. ٽيان وري ان ڪري بہ آهن تہ هندوستان جي عالي دماغن مان اها وائي، موافقت جي نڪتي آهي تہ ضرور ان ۾ ڪو فائدو هوندو، يا سمجهيو اٿن تہ لڙ بکيڙي مان ضرور ڪجهہ نہ ڪجهہ ملي ٿو.

پهرين ٻن فرقن جا جواب مٿي اچي ويا آهن، تہ اها سندن غلطي آهي.

باقي اسان انهن عالي دماغن جو بہ آپريشن ڪيون تہ منجهن ڪو مغز بہ آهي يا رڳو دماغ عاليءَ ۽ دليل خالي اٿن. سنڌ جون هندو اخبارون بہ اسان کي انهن جو ڏس ڏيون ڏين تہ اوهان جا وڏا هوم رول ۾ راضي آهن، اوهان ڇا تي آهيو؟ اهي صاحب بہ آگرين تي ڳڻڻ جهڙا آهن، نہ فرشتا آهن نہ نبي. خطا ۽ نفسانيءَ کان اهي بہ خالي ناهن، تن ۾ بہ اختلاف آهي. "ٻنج هيڏي تہ ٻنج هوڏي!"

هندوستان يا پنجاب ۾، اگرچ سنڌ کان وڌيڪ تعليم آهي، پر تڏهن بہ اتي گهڻن ضلعن ۾ هوم رول جي مخالفت آهي، جو طرفين جون اخبارون مون وٽ اچن ٿيون. اهي وڏا

دماغ ڪير آهن: مسٽر جناح، مسٽر مظهرالحق، خانبهادر سرافراز حسين، مسٽر آل نبي، سيد نبي الله، مسٽر محمد شفيع، مسٽر علي رضا، مسٽر حسن امام، مسٽر علي امام، راجه محمود آباد ۽ پيا مسٽر محمد علي ۽ مسٽر شوڪت علي ته ويچارا بند ۾ آهن.

مسٽر محمد شفيع به سندن دين الاهيءَ کان مخوف ٿي ويو. باقي جيڪي سندن دليل سون وقت بوقت هوم رول جي تائيد ۾ روزانه 'همدم' يا ٻين اخبارن ۾ پڙهي ڏٺا آهن، سي اهڙا ڪمزور آهن، جي اسان ننڍڙن دماغن کي به نه ٿا وڻن. رڳو ڪکن تي ٻير اٿن!

انهن جو لب لباب، لنهن ڏينهن، مسٽر آل نبيءَ هڪ وڏي ميٽنگ ۾ ڏيکاريو آهي. جن تي هن وقت تبصرو ڪيون ٿا ته نبيءَ جي آل ۽ امت جو فيصلو ٿئي.

شاهه آباد جي فساد کان پوءِ هندن جي حالت ڏسي، آنريبل مسٽر علي رضا نه ليگ، بلڪ ڪائونسل کان به استعفا ڏيئي وارو آهي، ۽ مسلمانن کي موڪل ڏني اٿس ته هو 'ليگ' ۽ ڪانگريس جي اسڪيم جي بيشڪ مخالفت ڪن، جو آئنده هندن ۾ اعتبار ڪونه رهيو آهي.

هاڻي 5 لک گڏ ٿيا هئا، پوءِ 5 ڪروڙ گڏ ٿي مسلمانن کي ڦُريندا.

Gul Hayat Institute

نبيءَ جي آل ۽ اُمت

سندس تقرير تي تبصرو

(١)

پاڻ فرمائين ٿا ته شايد مون کي مسلمان سمجهندا ته مان به اهڙو آهيان، جو مسلمانن جي مفاد جي مد نظر نه رکي هندو پاڙن جي ترغيب تي، انهن جو تابع ٿيو آهيان، مگر مان مسلمان آهيان ۽ انهن جي بهبوديءَ جو طالب. تنهن کري پنهنجي تجربي جي زور تي چوان ٿو ته مسلمانن جو هن تحريڪ ۾ حصو نه وٺڻ سراسر نقصان آهي.

جواب

بيشڪ حضور! اوهان پاڻ به مسلمان آهيو ۽ اسم 'نبيءَ' جو اولاد ۽ آل. اوهان کي خير سان مسلمانن جي فائدن جو خيال به ضرور هوندو، مگر انسان خطا جو گهر به آهي. متان ان اجتهادي مسئلي ۾ خطا ڪئي هجيو.

هوم رول جي مخالفت ۾ ڪيئن مسلمانن جو نقصان ٿيندو، تنهن لاءِ دليل ڪونه ڏنو اٿو. تنهن ڪري اها اوهان جي دعويٰ بي دليل آهي، ۽ تجربو بي سود!

Gul Hayat Institute

(٢)

وري فرمائن ٿا ته هن وقت سرڪار کان مطالبو ڪجي

ٿو، سو ڇا آهي؟ ائين ناهي ته هوم رول ۽ ڪا قطعي 'خود حڪومت' گهرجي ٿي، جيتوڻيڪ ان جي اها ئي معني آهي، مگر ڪا هڪدم ملندي ڇا؟ ۽ ائين به نه آهي ته ان جي ملڻ سان هندو صاحب ڪو ان ٿي مسلط ٿي ويندا، ۽ مسلمانن کي فنا ڪري ڇڏيندا! اها غلط فهمي آهي. ڇو ته مسلمانن کي جيڪو هاڻي يوروپي آفيسرن جو سهارو آهي، پوءِ به سندن اهو رهندو ۽ طلب به اوتري ٿي ڪجي، جيتري لاءِ ملڪ ۽ مسلمان تيار آهن.

جواب

اسان جو عرض آهي ته سچ، اها خود حڪومت يڪدم نه ملندي، پر تيستائين اسان جا مسلمان ان جا اهل ٿي ويندا ڇا؟ ۽ جيڪڏهن خود حڪومت ملي ته پوءِ هندو ان تي ڇو نه مسلط ٿيندا. سُنهن ويهي ڏسندا ڇا يا مسلمانن کي به صلاح ڪندا ته وڏي ورهائي ڪٿون! يورپي آسري کي جڏهن هتئون جا هوم رولي به قبول ڪن ٿا ۽ ثابت آهي ته هن وقت به يورپي آفيسر هندن جي حمان ڪان حمايت ڪري نه ٿا سگهن، ته پوءِ وري ڇا ڪندا؟ سو پروسو به ڪار جهڙو نه ٿيو. ڇو ته اهو سڪن ناهي ته پوءِ به ايترا يورپي آفيسر رهن ۽ ايترو اختيار هجين. اسان کي نبيءَ جو اولاد پڌائي سگهندو ته ساڪ، يعني هندو ته برابر تيار آهن، مگر مسلمان ڪيئن تيار آهن ۽ ڪيتري لاءِ؟ تنهن جي تشريح ته ڪرڻ گهربي هئس. نه ته جيتري قدر اسين تيار آهيون، اوتري قدر سرڪار اسان کي حق ڏيندي ٿي وڃي، پوءِ هوم رول ڇه معني؟

(٣)

وري فرمائن ٿا ته هي ڪو باور ڪندو ته جي طاقتون

هڪ قوم کي خوشحال ۽ ذي علم بڻائي ٿيون سگهن، سي ٻيءَ قوم کي ميڻائي ڇڏينديون؟ يا هئن ڪو چئي سگهندو ته جئن ملڪ جي هيءَ گهڙ آهي ته تعليم جا دروازا ڪشادا ڪجن، زوري ۽ مفت تعليم، لازمي ڪجي ته ان مان مسلمانن کي نقصان پهچندو؟

جواب

اسان جو عرض آهي ته جناب من! هن ملڪ ۾ صديءَ تائين ٻه ساڳيون طاقتون هيون. پوءِ ڪيئن هڪ خوشحال قوم ذي علم ٿي وئي ۽ ٻيءَ کي ڪوڏر ڪلهي ٿي، رنبو هٿ ۾ آهيا ڏوٽي ان ۾ ڪنهن قوم جو قصور آهي، مگر ساڳيون قومون ساڳيون طاقتون موجود آهن، پوءِ فرق ڇو ٿيو؟ تنهن مان ثابت آهي ته اهو فرق هميشه هليو ايندو. زوري ۽ مفت تعليم ۾ به مسلمانن لاءِ فائدو ڪونهي، ڇو ته تعليم جون سڀ واڳون ٻيءَ قوم جي هٿ ۾ آهن، خرچ ڀاري آهي، ماستر ۽ ممتحن اهي آهن، تن ۾ مسلمان هرگز ڪامياب نه ٿيندا، جيستائين تعليم انهن جي هٿ ۾ نه ڏجي، ۽ ساڻن مخصوص رعايت نه ڪجي، تنهن لاءِ هوم رول حامي نه ٿيندو، بلڪ جيستائين ڪر ڪو ثالث باالخير اها ڳالهه ۽ ڪمي، خاص رعايت ساڻ پوري نه ڪري، تيستائين.

خير صلاح، مهر الله!

اهائي ڪمي اسان کي هوم رول وٺڻ کان مانع ٿئي ٿي. (1)

---

(1) هن بابت مسٽر پرگڙي صاحب جو سندس تقرير ۾ منطقي قول آهي ته: اها گهٽتائي تعليم جي پاڻ 'هوم رول' گهرڻ لاءِ سبب آهي، ۽ ان مان هوم رول جو ڪيس، ثابت آهي.

اسان جو عرض آهي ته جيڪڏهن اها گهٽتائي طرفين قوم ۾ هجي ها ته البت سندس ڪيس ثابت ٿئي ها، مگر فقط هڪ قوم جي گهٽتائيءَ کان سندس ڪيس ڏسمس ٿي ٿو وڃي. — بلبل

Gul Hayat Institute

پر جيڪڏهن اسان کي تعليم لاءِ سڀ سهنج به ڏني وڃن، ته به اسين اها وٺي ڪڏهن به نه پري سگهنداسون، حتي ڪه اسين هميشه پنهنجي جداگانه هستي ۽ قوميت قائم نه رکون ۽ جدا حق نه ٺهرايون؟ ورنه انهن جي پهلو به پهلو هلڻ ۾ ڪڏهن به مسلمان بامراد نه ٿيندا. ان لاءِ اسان جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن ڪو اسان جو سچو خيرخواه ٿئي ته تعليم جي به جدا جدا هنڊيا چاڙهائي، ۽ پوليٽيڪل ڪمن جي به. جئن اول مسلم ليگ جو نصب العين هو مدغم ٿين، مرگ مفاجات ۽ مقابلي ۾ بيهڻ ڪارے وارد!

(4)

وري فرمائن ٿا: جيڪڏهن محڪمهٔ مال جي مختلف کاتن ۾ ڏيهي ماڻهن کي وڏا عهدا ۽ وڏيون پگهارون ملنديون، "بشرطيڪ قابل ثابت ٿين" ته ڪو چوندو ته ان ۾ مسلمانن کي نقصان ٿيندو؟

جواب

ان بابت اسان وڏي واڪي عرض ڪنداسين ته بيشڪ مسلمانن کي نقصان پهچندو. "او" جناب جي بشرطيڪ واري شرط ڪري ته جيڪڏهن "قابل ثابت ٿين"، پيڙي انهن لفظن ۾ پڌل آهي. اسان وٽ جناب جهڙو هڪ قابل هوندو ته حريفن وٽ اهڙا هزار آهن، پوءِ ڪئن اهو لولو ڪانون ڪان بچندو، ۽ اسان کي وڏا عهدا ملندا.

این خیال است و محال و ست و جنون

(5)

سندن فرمان آهي ته جيڪڏهن هي کهڙ ڪجي ته اسان کي به فوجي نوڪرين ۾ ڪميشنڊ جون جايون ملن، اسين ڪرنيل جرنيل ٿيون ته ان ۾ به مسلمانن کي ڪو نقصان آهي ڇا؟

Gul Hayat Institute

جواب

اسين چونداسين ته بيشڪ، ڇو ته ان ۾ به جناب جي بشرطيڪ جو شرط علميت پيل آهي. نه ته سر ڪپائڻ لاءِ هوند اسان جا پائر بيشڪ اسان کي اڳي ڪن، سو جيڪڏهن ڪرنيلي جرنيلي اسان جا سرويچ مسلمان ڪرڇون لڙڪائڻ ۽ فقط اهو صيغو انهن لاءِ مفيد به ٿئي، مگر اتي به بشرطيڪ جو دم لڳل آهي ته پوءِ مسلمانن جون اهي ٻُي ٽي ڏاڙهيون!

(6)

وري فرمائن ٿا، جيڪڏهن هٿيارن جو قانون رد ٿي وڃي، جنهن ڪان اسان جي نسلن جون بهادريون ۽ جراتون ناس ٿي ويون آهن ته ڇا اهو به مسلمانن لاءِ مضر آهي؟

جواب

اسين عرض ڪنداسين ته هائو جناب! بهادري ۽ جرات جيهل ۾ آهي، اها اسان وٽ موجود آهي. جي هٿيار ناهن ته اسان جا مسلمان لٺين ۽ ڪهاڙين ڪان به اهو ڪم وٺن ٿا. جيڪڏهن هٿيارن جي بندش لٿي ته پوءِ وري اسان جي پائرن، ڪڇي پنڌيءَ جو خير ڪونهين. ڇهڙو سنڌ ۾ جهل ۽ ذڪر ۽ پوڏن ۽ سوڪن جو حال آهي، جو بندش سان به سوين خون ٿين ٿا، ڏاڙا لڳن ٿا، پوءِ جي بندش لٿي ته جٽ پوڪ جو ڪم به ڇڏي ڏيندا ۽ سٹين پائرن تي ڪندا هٿيار آزمائي، جنهن ۾ طرفين کي نقصان. هو ڦاسيءَ تي چڙهندا ۽ اسان جي پائرن جو گورو گنگا تي. هن سان ته وڌيڪ بي امني ۽ فساد ٿيندو. هان، مگر ٻين پاسن جا هندو، سنڌ جي مسلمانن جهڙا ڪم ٿا رکن، جن جو احوال "آفتاب" 20- آڪٽوبر ۾ ڏنل آهي ته ڪئن ٿا مسلمانن کي بيگناه اسلامي فرض ادا ڪندي،

Gul Hayat Institute

ڪُڏن جي هٿيار ملين ته پوءِ مسلمانن کي به ملڪ بهشتن ڏي اماڻيندي ڍڪجي پوندا.

غرض ته عام هٿيار ماڻهن باعث، فساد ۽ بي امني جو ڏيندو. باقي لائق ماڻهن لاءِ وستو ڪليل آهي، ڪين سعافيون ۽ ليسن مليل آهن. سنڌ جا هندو هٿيار ڪمائي سگهندا، جو اهڙي گهر ڏنا ڪن، نه ته سنڌن هٿيار، سنڌن لاءِ جوکو ڏيندو!

(7)

وري واپار جي محصولن لاهڻ ۽ حرفت صنعت کي ترقي وٺائڻ لاءِ به فرمايو اٿن ته مسلمان ڪاسبين کي هتان فائدو ڏيندو يا نقصان؟

جواب

ان بابت به اسان جو عرض آهي ته "نيا گو ڀار پينگهي ۾ پڌرو". جهڙو هينئر هنر ۽ واپار ۾، بلڪ پوک ۾ مسلمانن کي ڪتو ڪلهي ڏي آهي، پوءِ به اهو ئي حال ڏيندن، ڇو ته سنڌن گذران قرض تي آهي. اهي وسائل به سڀ هو قرض مان پورا ڪندا، جن تي وياج باري، ساري عمر خواري، سدائين رلي ڪلهي تي ۽ ڪلمون نبيءَ تي!

Gul Hayat Institute

(8)

وري فرمائن ٿا: جيڪڏهن خواهش ڪجي ته ملڪ کي حڪومت ۾ وڌيڪ حصو ملي ته ڇا مسلمانن کي ڪجهه به ڪين ملندو؟

جواب

اسان چئون ٿا 'همان ڪاسه همان آش'، ڏوڙ ملندو! جن ۾ لياقت علميت آهي ئي ڪانه. جيڪي وري لياقت حاصل

ڪن ٿا، ته انهن جو نمبر ايترو گهٽ آهي، جو قيامت تائين وارو نه ٿو اچين. ڪو آفيسر مهرباني ٿو ڪري ته ٻڪاو پئجي ٿي وڃي، ٻيءَ ڪيئن مسلمانن کي حڪومت جو حصو ملندو. جيستائين ساڻن خاص رعايت نه ڪجي، ۽ هوم رول اها رعايت ڪڏهن منظور نه ڪندو.

(9)

ٻيءَ فرمايو اٿن ته اهي حق آهن، جي ڪانگريس ۽ ليگ ڪڏجي گهرن ٿا. ٻيءَ جيڪا ڳالهه ڪانگريس گهرندي، سا مسلم ليگ گهري ته ان ۾ هن پنهنجي قومي وقار کي وڃايو ڇا؟ ۽ پنهنجي عزت ڪانگريس کي وڪڻي ڇا؟ اهو غلط آهي.

جواب

امان جو چوڻ آهي ته جناب، جنهن بابت اسين هرهڪ فقري تي جواب ڏيندا آيا آهيون ۽ اسين چئون ٿا ته ڪانگريس پنهنجي لياقت ۽ وت آهر گهري، مسلم ليگ پنهنجي وت آهر. پر جيڪڏهن چڙي باز سان اڏامندي، ته پنهنجو وقار نه وڃائيندي ته پيو ڇا؟ تڏهن ڇا لاءِ مسلم ليگ نهي هئي؟ يا نهڻ ڪان ٻيءَ يڪدم اهڙي معراج تي چڙهي وئي جو يڪدم ڪانگريس سان ڪلهو هڏيائين ۽ "تو من شدي، من تو شدم" تي وئي! ان ڪري گهٽا اهل راءِ ۽ مبصر مسلم ليگ جي ان روش کان ناراض آهن. هي آهن عالي دماغن ۽ وڏن مغزن جا دليل ۽ رايا!

اڇا ڪجهه سندن دليل هئا، مگر خاص مٿي اچي ويا. ٻين جو به اهو نمونو سمجهڻ گهرجي ته وڳو لفاظي ۽ چالاڪي آهي، عمدو دليل ڪونهين، جو دل سان لڳي.

لناسب اعداد 30 في صديءَ تي خوشي ڏيکاري اٿس،

Gul Hayat Institute

سا بہ تي ماري هندوستان جي آدم شماريءَ ۾. باقي 'سنڌ' ۾ تہ انهيءَ تعداد سان، مسلمانن جي ٽنگ ڪجهي پوندي! بلڪ ٻين هندن تي هينئر 30 جي بجاءِ 40 في صدي آهي، سا اڃان ڏه بہ گهٽائي ٿو. افسوس تہ اهو آهي جو اسان جا وڏا مغز مسلمان، يا تہ ڪجهہ نہ ڪن، جي ڪن تہ حد کان زياده، يا، ”بي نمڪي، يا شوروا شوري“. وڌيڪ افسوس تہ اهو بہ جو هندن پيشوائيءَ سان، گويا اڄ ڪلهہ اسان جا اهي ئي امام آهن. ڪو مورتي پوڄا ۾ ديوي بسنتي مائيءَ جا چرن ٿو چمي، ان کي ڳان جا هار ٿو پهرائي، ڪو پنهنجي جلسي جو آغاز 'بندي ماترم' جي بسم الله سان ٿو ڪري. اسان جي عالي دماغ، آنريبل حسن امام تہ يا حسين ڪري ڇڏي!

ڇا؟- ڇي، ڪلڪتي مان ڦيرائي جي ڪانگريس سندس صوبہ بهار ۾ ڪن، تہ يڪدم 30 هـزار نقد، ان ديويءَ تي ٻل چاڙهيندو. اهڙو ڪو غضب! جو امام مهديءَ جي نزول تي بہ هوند ڪو مومن-مسلمان ايڏي قرباني نہ ڪري. مسلمانن جي احتجاجن ۽ مفلسيءَ جا هو حال، اسان جي امامن جا هو ٽوپا. ”ڪاٿي چوو سچا، ڪاٿي ڀور سچا!“ اسان وٽ ان جسي ڏين ڀتي هجي، تہ بہ هوند ايڊوڪيشنل ڪانفرنس جو ڏام ڌوم سان جلسو ڪري ڏيکارون.

غرض تہ مون ڇرٽي ڪرئي، پنهنجي ناقص عقل موجب، ڏاڍو ان تي مٺو هنيو آهي. جيڪڏهن سبز باغ مان هڪ ٽاري سائي، يا ڪو گل پوئو ڏسڻ ۾ اچي ها تہ منهنجو نالوا ڪي

نوٽ:- هندوستان جي عالمن فتوى ڏني آهي تہ مسلمان ڪي اهڙا ڪم ڪرڻ شرڪ ۽ گمراهي جو مرتڪب ٿا ڪن، جهڙو مورتين کي گلن جا هار پهرائڻ ۽ غير قومي رسمن جي تشبيه ۾ شرڪت ڪرڻ.

—— بلبل

Gul Hayat Institute

ٿي "بلبل" آهي، هوند جهٽ پٽ ٽپ ڏيئي، ٻک وجهانس ها. مگر خزان ٿي خزان، خار ٿي خار نظر ٿا اچن، تنهن ڪري سنهنجو عرض آهي ته هن بابت مون ۽ آفتاب جي خاطن، ڏاڍو گهڻو لکيو آهي، ته اسين في الحال ۽ بالفعل هوم رول جي لائق نه آهيون ۽ نه ان کي خراب ٿا چئون ۽ نه گهرندڙن کي، ڇو ته هي راين جا اختلاف آهن. هڪڙا هونءَ ته هڪڙا هيئن! جيڪڏهن هوم رول هندن جي 'ها ها' سان ملي ويو ۽ ان سان ڪو اسان کي فائدو پهتو ته اسان جو اعتراض غائب! ۽ جي ڪو نقصان پهتو ته پوءِ سوافقن کي هڻن ڇوڻ لاءِ اسان کي وجهه ملندو ته بابا! "ڪردني خيوش آمدني پيش!" هاڻي لوڙيو! ۽ اسان کي پڪارڻ لاءِ ٻه سبب ملندو ته اسين اوهين مخالف هئاسين، تنهن ڪري سلامتيءَ جو رستو اهو آهي ته بالفعل جداگانه تيڻ جي مخالفت ڪرڻ اسان جي مناسب حال آهي، پوءِ ڪٿن اسان جا ڀاڳ!

—

پڇاڙيءَ ۾ اسين هي ظاهر ڪرڻ به مناسب ٿا ڄاڻون ته هندوستان جا جيڪي به مدبر ۽ وڏا مغز ڪونجن ٿا، جن جي پيروي لاءِ اسان جو آنريبل مسٽر پرگڙي صاحب ۽ ٻيا پائر هندو، اسان کي ڏس ڏين ٿا، ۽ ڪن جا هڪ طرف وايا 'الامين' پنهنجي سپليمينٽ ۾ ڏيکاريا آهن. سي به هندو اخبارن جي اقتباس سان. ڪن سان تمام گهٽا صاحب، راجه محمودآباد واري تائين اهل تشيعه آهن ۽ سٽر جنها به ٻئي فرقي جو آهي، جهڙا بوري ۽ خوجا! پوءِ سيٺي کي روشن آهي ته خود مسلمانن جي فرقن ۾، پاڻ ۾ ڪيڏانهون اختلاف ۽ پيائي ۽ بغض ۽ نفاق آهن. پوءِ اهڙن جي پٺيءَ ويچارا 'سنڌي سني' ڪيئن لڳن! هنن کي نه تعليم ۽ دولت جام آهي ۽ سندن فرقو به ٻيو. سي عام راين

Gul Hayat Institute

۽ حاجتن، خصوصاً اهل سنڌ جي ڪهڙي پرواهه رکندا؟ جن جي ڳچين تي اسين لڳون ۽ پنهنجي سفيد سياهه جو مالڪ انهن کي سمجهون. خدا هر ڪنهن کي پنهنجو عقل ۽ سمجهه ڏني آهي، نفعو نقصان جاچي سگهي ٿو. هنن جا ۽ اسان جا رايا، عام طرح پبلڪ اڳيان ظاهر ٿي چڪا آهن، هاڻي سڀ ڪو امتياز ڪري سگهي ٿو- هرون پرون، مسلمان اهڙا نپٽ ڪين آهن، جو پنهنجو نفعو نقصان نه سڃاڻن، يا حاڪمن جي رڳو خوشامد ڪن. 'الامين' جيڪي قول موافق، پنهنجي چوپڙيءَ ۾ ڏيکاريا آهن، ته وري مخالفن جا به ڏيکارڻ گهربا هوس. ڪيس 'امين' تي هئي پهلو قوم جي اڳيان رکڻ گهربا هئا، انهين نه ته رڳو پنهنجن دوستن جي پيرويءَ تي، يڪ طرفي ڊگري صادر ڪرڻ گهرجي ها، جن ڪان مسلمانن جا جهڳا ناس تي ويا آهن!

Gul Hayat Institute

هندن جي مسلمانن سان افسوسناڪ هلت جا ڪي ٿورا مثال

هندوستان ۾

1- الھ آباد ميونسپالٽيءَ ۾، جڏهن مسلمانن کي اڳئين ڪان وڌيڪ، سندن اعداد مقرر ڪيل موجب جايون مليون، تڏهن ڪيترن هندن استعفائون ڏنيون ۽ ايڏو ته گوڙ ڪيائون جو خود حاڪم به تنگ ٿي ويا. ڪيترو کين سمجهايائون ته ان ۾ اوهان جو ڪهڙو نقصان آهي! رڳو مسلمانن کي ڪجهه فائدو ٿيو، ته ڇا ٿيو؟ ته به هرگز نه مڙيا، سو نه مڙيا.

هاڻي وري هيءَ حرڪت شروع ڪئي اٿن، ته جڏهن ڪا جاءِ، ميمبريءَ جي خالي ٿي ٿئي، ته اتي جهٽ ڪونه ڪو گٺڪ هندو اميدوار ٿو بيهي ته متان مسلمان اها جاءِ کٽي وڃي. پوءِ ويچاري مسلمان جي ان سان ڇا دال ڳرندي؟ سو اها جاءِ کٽي ڪو وقت رهي وري استعفا ڏئي ٿو وڃي، وري ڪو ٻي جاءِ خالي ٿيڻ تي مسلمان ٿو منيري ته بعضي استعفا وارا وري اميدوار ٿا بيهن، جنهن تي اتي جي ڊپٽي ڪمشنر ريمارڪ ڪيو ته استعفا ڏيندڙ وري ميمبر نه ٿا ٿي سگهن! ڪو ته انهن معزز ماڻهن کي پنهنجي ڪيريڪٽر جو لحاظ رکڻ گهرجي.

غرض ته الهه آباد جي ميونسپالٽيءَ ۾ اهڙو ته هندو پائرن مسلمانن کي تنگ ڪيو آهي، جو ڇا چئجي؟ پوءِ کهڙي منهن سان ٿا چون ته اسين مسلمانن لاءِ سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار آهيون ۽ قرباني ڪنداسين: سو بيشڪ مسلمانن کي قرباني ڪيو اٿن ۽ قربانين تي ڪين لٽيو اٿن.

2- ڪانپور جي برينڊ گرائونڊ تي هندن فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ته اتي مسلمان، هرگز جنازي جي نماز نه پڙهن.

3- بيائو ضلعي اجمير ۾، هي حڪم جاري ڪرايو اٿن ته مسلمان عقيقه يا قرباني ڪرڻ لاءِ ٻڪريون نه پائين.

4- جبلپور جي هڪ مسجد اڳيان، زورمٽس ڪري، تراويحن جي وقت باجا ۽ ٺمچر شروع ڪيائون. چوڻ سان به نه مڙيا، نيٺ اتي مسلمانن تراويحون پڙهڻ ڇڏي ڏنيون!

5- بنگال ۾ شب رات جي جلوس جي رخصت، مسلمانن کي نه ملي، جو اتي هندو صاحب سپرنٽيڊنٽ هو.

6- بنگال جي ڪونسل ۾ سر سنها، جمع جي نماز جي مخالفت ڪئي، جو اهو بل ناپاس ٿيو.

7- گنڊيل صوبي ۾، پيران ڪلير شريف ڏي، سڙڪ ٺاهڻ لاءِ هندن مخالفت ڪئي. اها رٿ بحال ٿي، جتي هزارن ماڻهن جي آمدرفت آهي.

8- خود بنگال سرڪار جي سخت تاڪيد هوندي، هندن مسلمانن کي ڪلارڪيءَ جون جايون ڏيڻ نه گهريون، جو نيٺ سرڪار لاچار ٿي زوري ڪاروائي ڪئي.

9- جي هندو ميمبر، مسلمانن جي مشترڪ ووٽن سان ڪونسلن ۾ ويا، تن ڪڏهن به مسلمانن جي فائدي ۾ نه ڳالهايو!

Gul Hayat Institute

10ـ چندوسيءَ شهر ۾ هندن، لٺين جي زور سان، محفل ميلاد بند ڪرائي.

11ـ بوامي يا ڪو ٻيو شهر، مون کي ياد نه ٿو اچي، اتي مسجد جي اڳيان لٺ لڳي، ۽ هندن ٽي ڏينهن برابر هٽ تاڙ ڪئي، جن جي نهراءُ لاءِ واجد محمود آباد ويو هو.

12ـ هاٿي تازو نواب گنج، ضلعي بريليءَ ۾، هندن، قرآن ڪريم جي ورقن سان، راوڻ ٺاهي، ان کي باهه ڏني؛ ڪي ڪاغذ سڙيا، ڪي وستن تي اڏ سڙيا، بي رليا ۽ لتاڙيا. مسلمانن ان تي فرياد ڪيو، تنهن تي سپرنٽينڊنٽ پوليس، جي اهي ڪاغذ هٿ ڪري، هندن تي 295 سيڪشن هيٺ ڪيس ڪيو آهي. ان ڪان بريليءَ جي مسلمانن ۾ ڏاڍو جوش خروش آهي.

ـ ٻيو ته عاشورن جي رات، هڪ مسجد ۾ مٽل موٽر ٻن اچلائي ويا.

13ـ اڙدو زبان جي مخالفت نه وڳو مسٽر مالويءَ چنتامنيءَ ڪئي، پر مسٽر گانڌي به ساڻس همراهه ٿيو ۽ چيائون ته جيستائين مسلمان هندي ناگري نه سکن، تيستائين ڪين اڙدوءَ جي اجازت نه ڏجي.

14 لاهور ۽ ٻين شهرن ۾ هندو مسلمانن کي جايون به مسواڙ تي نه ٿا ڏين.

15ـ بقر عيد جا فساد ۽ بلوا، طوالت ڪري ڇڏيا آهن، جي 'آفتاب' ۾ ڏيکاريل آهن، ته ڪهڙي زور زبر مارڪٽ ۽ اقت مارڻ سان مسلمانن کي مذهبي فرض تان دستبردار ٿا ڪرائين.

Gul Hayat Institute

سنڌ ۾

هاڻي وري اچو سنڌ سونهاريءَ تي، ته مسلمانن جي مقامن مقبرن، مسجدن جو ڪو لحاظ نه ٿو ڪيو وڃي. ڪيئي اهڙيون جايون، ميونسپالٽين گهي ڇڏيون، مسلمانن جي ذوو به ڪانه هليا جتي ميونسپالٽين جو وجود آهي، اتي به هندو، مسجدن ۽ مقامن سان ڏاڍي ڪونس ڪيو وينا آهن. ڪو مسلمان ڪيچي ڪونه ٿو سگهي، نه ته ميون ٿيون پنجنس! نوڪرين ۾ سندن تنگ دلي اها آهي جو ڪنهن مسلمان کي نه ٿا سهن! ڪيترا ڪاتا سمورا، سندن زير اثر آهن، جتي مسلمانن کي پير پائڻ نه ٿا ڏين.

غرض ته ڪيترا حوالا ڏجن! مسلماني اخبارون هميشه اهي سور پنهنديون ٿيون اچن، مگر هن وقت 'الامين' جي قومي مصيبتن ڪان اک پوريل آهي، سا رڳو هوم رول جي ڳنٽيءَ ۾ آهي يا ڳارين ڏيڻ ۽ مشغول ۽ مسخري ڪرڻ ۾ مصروف. ان طرح 'الحق' هن وقت خاموش، 'تقيه' اختيار ڪيل، تڏهن به هن اڳي ٿي اهڙا ڪيئي واقعا ڏيکاريا آهن، جنهن لاءِ سيکت به آئي انس، تنهن هوندي به ڪو شخص انهن سچن واقعن ڪان انڪار ڪري نه سگهندو. پوءِ اهڙن پاڻن تي ڪهڙو اعتبار ڪبو. پنهنجي تعليم جو هي حال آهي، تڏهن ڪئن اسين مسلمان هوم رول گهري ٿا سگهون. وياج خورن ڌار مسلمانن کي دغائن ۽ فريبن سان، اهڙو ته پيڙي ڇڏيو آهي، جو ڪن ڏينهن جا مهمان آهن. سول ڪورٽن جي تيز ڇري وهندڙ آهي، جو وياجن ۾ لکن جون ملڪيتون، تيز رفتار سان وڃي رهيون آهن، ۽ ڊگريون جاري ٿي رهيون آهن، هيڪوڻ جي ڌوڻ. اجا به شڪر جو انگريز سرڪار جي حڪومت آهي، جنهن جي دٻدٻي ۽ عدل انصاف ڪان ملڪ جو ڪجهه بچاءُ ۽ امن آهي، نه ته قومون،

هڪ ٻين سان هوند ڪين گهٽائن.

شاهه آباد، الهه آباد، بدايون، دهلي ۽ ٻين شهرن، بهار جي صوبي ۾، جيڪي، هندو ڪري گذريا آهن، سي بيان کان ٻاهر آهن، جن جي ٻڌڻ سان لنگ، ٿا ڪانبارجن. اتي ڦرلٽ برابر چار هفتا هلي، ڏيڍ سو ڪن ڳوٺ، 2700 گهر ڦري اجاڙ ڪري ڇڏيا اٿن - گهر، پٽيون، دروازا ڍاهي، ڪيڏي، مال، زر، زيور، ڪپڙو، لٽو، سڀ ڦري ويا. رڳو لڪرن جا ڍانچو به ٻڳائون. هڪ داڻو ان جو به گهرن ۾ نه ڇڏيائون. پر سرڪار جي دست اندازيءَ ۽ بندوبست جي ڪري ۽ پوليس ۽ پلٽڻ جي ڪري، سس مس اهو فساد جهڪو ٿيو. ان جي جاچ لاءِ، هڪ اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ، ٽي انسپيڪٽر، ٻارنهن سب انسپيڪٽر رکيا هئائون، جن جاچون ڪري رپورٽون ڪيون. تنهن کان سواءِ قومن جا ليڊر وڏا وڏا هندو مسلمان، پڻ رپورٽون پيا ڏاهين. انهيءَ جاچ سان ڏاڍي گهري سازش جو پتو پيو اٿن، جو ظاهر ٿيو آهي ته عيد کان اڳيئي ڪيترين دست خطي چٺيون ورهايل هيون، جن ۾ لکيل هو ته: هندن کي جيئن پڄي تيئن گئوهتيا بند ڪرائين! ۽ هڪ هڪ هندو، هن چٺيءَ جا پنج پنج نقل لکي اڳتي روانا ڪري، نه ته ان تي ڏهن ڳئن جي هتيا جو پاپ پوندو. انهن چٺين مٿان لکيل هو ته ”جئي مهابير - جئي جرمن“، ۽ هي به لکيو هئائون ته فوج کان نه ڏڄجو، سرڪاري فوج ۽ پوليس سڀ جنگ تي آهي ۽ سرڪار وٽ سامان باروت به ڪونهي، تنهن ڪري اوهان بي ڊپا ٿي لٽيو، ڦريو.

اڃا اميد ته گهڻيون ڳالهيون کلنديون. چون ٿا ته ان سازش ۾ وڏا وڏا هندو زميندار ۽ بينئل شامل هئا. مگر هاڻي ڪي ڪي ليڊر، هندو فسادين کي ڌڪار سان ڏسي رهيا آهن

Gul Hayat Institute

۽ مسلمانن سان همدردي پيا ڪن. سنڌن لاءِ چندا ڪيا اٿن. سرڪار پڙهو گهمايو آهي ته جنهن جو جيترو نقصان ٿيو آهي، سو مهيني اندر اچي لڳائي ته ان کي عيوضو ڏياربو. انهن ملڪن ۾ 'قانون حفاظت هند' وڌايو ويو آهي ۽ گرفتاريون ٿي رهيون آهن.

اسان وٽ تمام تفصيل سان اخبارن ۾ بيان آيل آهن، مگر مختصر لکيو اٿئون، جئن هندو صاحب ڏسن ۽ پنهنجي گريبان ۾ نهارن ته انهن افعالن سان سوراج ٿا گهرن. پر مجال جو هڪ هندو اخبار به ڪو اهڙو احوال لکيو هجي.

ٿورو گهڻو محرم تي جيڪڏهن ڪنهن مسلمان يا فوجي ماڻهن، ٿوري اگرائي ڪئي آهي ته اها به لکي اٿن. مگر هندن جو ايذا ناحق ڪيا آهن، تنهنجو پڪو به ڪونه ڪيائون. نه ته اڙدو اخبارون اٿين ٿيون لکن ته غدر ۾ به ايترو ۽ اهڙو بلوو ڪونه ٿيو هو، جو لکها هندو پيادل، گهوڙن ۽ هاٿين تي سوار بلوائي جدا، اهي سڀ گڏ هئا ۽ برابر پئي مسلمانن کي لٽيائون قريائون. جن جا گهر ترڙ، جايون جڳهيون ڊاهي، مٽيءَ جا ڍير ڪري ڇڏيا اٿن. جي سرڪار جو هٿ نه پهچي ته هوند الائي ڇا ڪن ها. هاڻي سس سس خير خيرائي ٿي آهي، پر ڪيس هلندڙ آهن ۽ ڪين خوب سزائون ملي رهيون آهن.

وزير هند لاءِ اهو مثال بس آهي ته هندن ۾ هيءَ فضيلت آهي جو سندس مهمانيءَ لاءِ هي مسالو گڏ ڪري رکيو اٿن. اميد ته اهڙن احوالن پڌڻ کان پوءِ هوند وزير هند هيڏي اچڻ جي وائي به ڪين واري ها ته چڱو. پر هاڻي ته اچي نڪتو سو ٺهيو. اهي احوال ڪانئس ڳجها نه رهندا.

هندن کي نه آوهين هوم رول، بلڪ ڊبل رول هٿ ۾ آهي. پوءِ پيو ڇا ٿا گهرن؟

جيڪڏهن سنڌ مان ڪمشنر جي اختياري ڪسائي، گورنر ان ڪونسل بمبئيءَ سان لاڳاپون ته باقي به مسلمانن جو آسرو ڇنو. ڪنهن نه ڪنهن مهل سندن پرگهور ٿيندي هئي، سا به ويندي، پوءِ مسلمانن ڪي ڪر به نصيب نه ٿيندو.

Gul Hayat Institute

مسٽر گوکلي جي اسڪيم ۾ اصلاح

هاڻي مسٽر گوکلي جي اسڪيم به ناظرين جي پيش ڪريون، جا هن مصلحت وقت موجب پيش ڪئي هئي. ان لاءِ به چوڻ ۾ اچي ٿو ته هن به سرڪاري آفيسرن جي چوڻ تي اُئين لکيو هو. جڏهن اهڙو شخص به اعتراض کان نه بچيو، تڏهن اسين ڇا آهيون. نه ته ڪنهن کي طاقت ڪانهي جو اسان جي راءِ کي ڪنهن به طرح هرون ڀرون پنهنجي مرضي تي آڻي، توڻيڪ ڪو آفيسر يا ليڊر ڇو نه هجي.

مسٽر موصوف، هندستان جي اصلاح جي اسڪيم ٺاهي سر آغا خان جي حوالي ڪري ڇڏي هئي ته مناسب وقت تي هن کي ڇاپائي پڌرو ڪجاءِ. شايد آغا صاحب پڌري ڪئي هوندي ـــ ان جو چوڻ آهي ته هرهڪ صوبي ۾ گورنر هجي، جنهن جي مقرري ولايت مان ٿئي، ان کي انتظامي ڪائونسل ملي، جنهن ۾ ٽي انگريز ۽ ٽي ڏيهي ميمبر هجن. هندستاني سولين به ان ۾ هئڻ گهرجن، مگر ان لاءِ ڪا خاص جاءِ نه هجي. قانوني ڪائونسلن ۾ 75 کان 100 تائين ميمبر هئڻ گهرجن، جن جي پنجين پتي چونڊيل هجن. چونڊ جو طريقو به ڏيکاريو اٿس ۽ چيو اٿس ته مسلمانن کي جدا چونڊ ملڻ گهرجي، سرڪار ڪنهن کي نه چوندي، سواءِ ڪنهن خاص ضرورت جي، البت ڪي سرڪاري ميمبر گورنر چوندي، صوبن جي ڪونسلن کي قاعدي ٺاهڻ جو اختيار ملي. انهن جي منظوريءَ کان

Gul Hayat Institute

ڪان سواءِ ڪابہ نئين ٽيڪس نہ وجهڻ گهرجي. انتظامي ڪونسلن جي ميمبرن جي مقرري، قانوني ڪونسلن جي ميمبرن جي راين تي نہ هجي. سڀ ڪنهن قانون لاءِ گورنر کي منظور نامنظور ڪرڻ جو اختيار هجي.

اندروني معاملن ۾ هرڪنهن صوبي جي سرڪار آزاد رهي، مگر ماليانہ رقم مٿي موڪليندو رهي. ڊويزنل ڪمشنر جا عهدا ڪيڊي ڇڏجن. هرهڪ ضلعي ۾ ڪونسل مقرر ڪجي، جا ڪليڪٽرن کي ڪمشنرن جهڙا اختيار هجن. هرهڪ ڳوٺ ۾ سرڪار جي پاران پنچات مقرر هجي، اُنهون جو سڀ انتظام اها ڪري.* وائسراءِ جي انتظامي ڪونسل ۾ بالفعل ڇهہ ميمبر هجن، جن ۾ ٻہ هندستاني ميمبر هجن. هينئر وائسراءِ جي ڪونسل ۾ سرڪاري ميمبرن جو زيادهہ تعداد آهي. اهي ڪو اهڙو قانون نہ ٺاهين، جن کي صوبن جي ڪونسلن رد ڪيو هجي. وائسراءِ جي ڪونسل جو نالو آل انڊيا مجلس رکيو وڃي. فوج ۽ ٻيڙن جي نسبت ان کي زيادهہ اختيار هجن. هندستان لاءِ جدا ٻيڙو مقرر ٿئي. وزير هند جا مالي اختيار گهٽ ڪجن. سندس ڪونسل ڪيڊي ڇڏجي. ڏيهن کي فوج ۾ ڪميشن عهدا ملن،

---

* نوٽ: سنڌ جي ستارن ۾، ليڊرن کي وات ۾ مڱ هئا ڇا؟ مسٽر پرگڙي کي بہ اها ڳالهہ نٿي سمجهي تہ سول ۾ مسلمانن سان رڻ پريل آهي. جهڳڙا ٽس تي ويا ماٺ. ملڪيتون وڃي رهيون آهن، تن ڪـي ڪو پنجو اچي. سول ڪورٽون ڪيڊي ڇڏجن، اهي اختيار پنچاتي ڪورٽن کي سان يا رکو ڪاهہ ڪمشنر تي، جو مسلمانن کي نوڪريون ڏو ڏئي. سول وارن جي دانهن ڇهہ نہ ڪيان. جنهن ۾ رکو مسلمانن سان ناحق ٿو ٿئي — ڇو تہ سنڌ سان، قانون انتقال اراضي پنجاب يعني آڪٽ 13، 1900ع ٿا لاڳائن تہ زمينون نہ وڪروڻين، نہ نيلام ٿين، نہ ضبط ٿين. ڄاڏي ڪائي جهار، تاڏي ڳوهر ڳوڙوئي نہ هٺن.'

Gul Hayat Institute

جرمن جي اڀرندي آفريڪا جنگ کان پوءِ هندستان مان لائجي، جتي هو پنهنجي نو آبادي قائم ڪرائي.

مٿين اسڪيم ۾ ڪهڙي گهٽتائي آهي. جڏهن اسان جا پائر مسٽر گوکلي کي به پنهنجو پورو ۽ سچو رشي ۽ پيشوا مڃن ٿا ته پوءِ ان جي رٿ جي چو پنيرائي نٿا ڪن. مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جي اصلاح جا مٿا سيد آل بني جي تقرير ۾ جواب سان ڏنل آهن، نه ته جئن سرڪار پاڻان به وچـي ٿي هٿ ڏگهيريندي تهڙو پاڻ به آهستي، نياز نرميءَ سان مناسب وقت تي عرض معروض ڪندا وڃن، جنهن ۾ هندو مسلمانن جو ڀلو هجي. ڪابه ترڪي نه ٿي آگريون پنهنجي وات ۾ وجهڻ نه گهري ته بس لڙ ٿي نه ٿئي. ڪي وري چون ٿا ته اها اسڪيم مسٽر گوکلي ڪنهن آفيسر جي چوڻ تي لکي هئي، مگر هاڻي هجي ها ته جيڪر اها راءِ بدلائي ها. اسين چئون ٿا ته هاڻي به جيڪڏهن اها اسڪيم منظور ٿئي ته هندستان کي نهايت شڪرگذاري ڪرڻ گهرجي.

اسان جو مطلب ڇا آهي؟

جيڪڏهن اسان جي پائرن اسان جي هيتري ڏنوڻ مان کين سمجهيو آهي ۽ سنڌواسي مورخه 12- آڪٽومبر 1917ع جي ايڊيٽوريل ۾ سوال ڪيل آهي ته هي جو مسلمانن ٺهرائڻ ڪيو آهي ته سنڌ جي مسلمانن کي هڙم رول ڪونه گهرجي، سي مهرباني ڪري ٻڌائيندا ته سندن مطلب ڇا آهي؟ هاڻوڪو نمونو کين پسند آهي ۽ ان ۾ ڪي به سڌارا نه هئڻ گهرجن. يعني اهي سڌارا نه گهرجن ڇا؟

(الف) هند وزير جي ڪونسل ڪڏي نه ڇڏڻ گهرجي. اها هميشه قائم رکجي ڇا؟

(پ) امپريل ڪونسل ۾ وڌيڪ ميمبر نه هئڻ گهرجن؟

Gul Hayat Institute

(ج) پراونشل ڪونسل ۾ وڌيڪ ميمبر نه هئڻ ۾ مڪاني سرڪارين کي وڌيڪ اختياري ملڻ خوشامندڙين جي سڌ نه ڇنبي؟

(د) هرهڪ ايگزيڪيوٽو ڪونسل ۾ گهٽ ۾ گهٽ به هندواسي ميمبر هجڻ ڪير نه چاهيندو؟

اسان جو جواب

(الف) ان جو سڌو اثر اسان عام مسلمانن سنڌ تي نه ٿو پوي، هجي نه ڇا، نه هجي ته ڇا؟ وزير يا وائسراء مڙئي هڪ ميشن آهي. جهڙي ڇالي تهڙي پڇي.

(ب) هن ۾ به وڌيڪ ميمبرن جو هئڻ نه هئڻ اسان لاءِ مفيد نه آهي. ان ڪونسل ۾ انتظامي ۽ مالي طاقت غير سرڪاري عنصر کي وڌ ملڻ ڪري مسلمانن کي فائدو نه آهي، جو نه انهن کي اهڙا عيوضي ملي سگهندا نه آهن، جو غير قومن جي عيوضين کان مجارٽي ڪٺي سگهن. غير ملڪ جا مسلمان جيڪڏهن بعضي اهڙا آهن ته اهي به سنڌن رنگ ۾ رڱيل آهن. اسان کي انهن تي اعتبار ڪونهي، جو پنهنجي ملڪ جا سوچارڙي تعليم ۽ هوش وارا به اسان جي ڏوري ۾ نه آهن، جيڪو ڏاڍو سو گابو، اهو مثال ٿيندو ڪونسلن ۾.

(ج) هن ۾ ميمبر وڌيڪ ٿين يا گهٽ، سا هڪ جهڙي ڳالهه آهي. مڪاني سرڪار کان اختيار ڪسجي ڪونسل کي ملندا ته اتي اسان جي پوري سچن عيوضين نه ملڻ ڪري جيڪي فائدا بعضي اسان کي مڪاني سرڪار کان قسمت سان ملي وڃن ٿا، تنهن جي اميد منقطع.

(د) انهن ٻن ميمبرن ۾ اسان کي اميد ڪانهي ته ڪو اسان جي عيوضي ٿيندو، جي ٿيو ته به، اڻ هئڻ جهڙو، جنهن

سان فائدو نہ ٿي سگهندو. غرض تہ جن تعليم ۾ اسين ڪاٺ جون پتليون آهيون، تيئن ميمبرين ۾ ميٽ جا بوتا. اٺ جي لاهي ڪي بہ لعنت، چاڙهي ڪي بہ. اهڙيءَ طرح فوجي ڪميشن، عهدن ملڻ ۽ هٿيارن جي آزادي ۽ حرفت صنعت لاءِ تہ آنريبل مسٽر آل نبي جي تقرير ۾ جواب ڏنا اٿئون. باقي جيڪا وڏي ۾ وڏي ڳالهہ آهي هرهڪ کاتي جي نوڪرين ۽ عهدن جي، سا تہ اسان جا پائر زبان تي ئي نہ ٿا آڻين، جنهن جو اسان کي خوف آهي. باقي ڇا کين پنهنجو مطلب پڌايون تہ ڇا اهڙا سست آهيون، ڪم نصيب آهيون، ڪم علم آهيون. اتفاق، حميت، قوميت، ديانتداري، سچائي، ايثار، سخا، حب الوطني، اسان ۾ گهٽ ڪري ڪانهين، پوءِ اسين ڇا تپون ۽ نچون. بهرحال پنهنجي ڪوٺي قسمت تي صابر ۽ شاڪر رهي موجوده انتظام تي بالفعل ڪفايت ڪرڻ چڱو ٿا سمجهون. جڏهن اهڙا ڏياسين تڏهن ڪجهہ گهرنداسين. مگر اسين نہ هوم رول کي خراب ٿا سمجهون، نہ گهرندڙن کي. البت گهرڻ جو طريقو ناپسند اٿئون. ڇو تہ شور شر، زور زبر جو اهڙو اثر ٿيو آهي، جو هاڻي ڪاليج جا ڇوڪرا اسٽرائيڪ ڪن ٿا. ان بابت اسان جيڪر حڪومت کي بہ ڏورابو ڏيون تہ هن پاڻ رعيت کي اهڙو رستو ڏيکاريو آهي، تہ جيڪو لڙ بکيڙو ڪري، تنهن کي ملي ــــ ۽ اسان ۾ اجا ايڏي طاقت ڪانهي، نہ لڙ بکيڙي کي پسند ٿا ڪريون. غرض تہ هي اختلاف راءِ آهي. ڪو ڪنهن کي پنهنجيءَ راءِ تي آڻڻ لاءِ مجبور ڪري نٿو سگهي. جيئن ٿيڻو هوندو، ائين ٿيندو. دنيا ۾ اختلاف موجود آهي، ۽ رهندو، مگر اتحاد ۽ مروت کي نہ ڇڏجي. اسان جي پائرن جون ڏاڍ مڙسيون ۽ ظلم جا مثال، جي هن بقرعيد ۽ دسهڙي تي ٿي گذريا آهن، سي ظاهر آهن تہ کهڙو مسلمانن سان ناحق ڪيو اٿن ۽ کين مذهبي فرض کان روڪي رهيا آهن.

غرض ته مسلمانن لاءِ هي سخت وقت آهي. ڇا ڪن ۽ ڪاڏي وڃن؟ خبر ئي نٿي پوي ته هي زمانو ڪيئن هلي رهيو آهي، ۽ ڪيئن هلندو. بقول اڪبر:

ڪوئي هنس رها هے، ڪوئي رو رها هے،
ڪوئي پا رها هے، ڪوئي کهو رها هے،
ڪوئي تاڪ مين هے، ڪسي ڪو هے غفلت،
ڪوئي جاگتا هے، ڪوئي سو رها هے،
اسي سوچ مين مئن تو رهتا هون اڪبر،
يه ڪيون هو رها هے يه ڪيا هو رها هے!

گرچه از آتش دل چون خم مئی در جوشم
مهر برلب زده خون ميخورم و خاموشم

وري به شڪر آهي جو هندو پاڻ مسلمانن کي ساري لتاڙي نيت مٿن رحم ڪيو ۽ پشيمان ٿيا، ۽ گهڻين جاين تي هندن مسلمانن جي جلوس محرم تي شربت جون سبيلون جاري ڪيون، ۽ مسلمانن وري دسهري جي جلوس تي لمليٽ سوڊا، پان بيڙي سوپاري جي خدمت ڪئي، ۽ هڪ ٻين سان همدردي ۽ تعظيم ۽ برادري وانگر پيش آيا، جي اصلي ائين ڪن ها ته ڪيڏو نه سندن ڪر مٿي ٿئي ها، ۽ ڪيڏي نيڪي نڪري ها ۽ خود وزير هند يا ٻيا آفيسر هندو مسلمانن جو اهڙو ايڪو ۽ اتحاد ڏسي ڪيڏي اثر وارا ٿين ها. مگر ٻچاڙيءَ ۾ جو ڪير قولڙين سان ڏنائون، سو به غنيمت! اميد ته هن ڪان پوءِ ٻيئي قومون، اڳي وانگر بلڪ زيادهه پاڻ ۾ ڪم ڪندا ۽ پاڻ تي هلندا ته ڪهڙو نه چڱو ٿيندو، ۽ هي به مرهائي جي ڳالهه آهي ته سنڌ ۾ اهڙا لڙ بکيڙا ۽ فساد فتنا نه آهن، فقط عقلي ۽ قلمي نوڪ جهوڪ نوڪرين ۽ حقن تي ٿئي ٿي. وڏيڪ

بدمزگي ڪانهين، ڇو ته هت مسلمانن جو عدد وڌيڪ آهي، جنهن لاءِ ڏٺيءَ جا شڪرانا ڇٽبا. 'هوم رول' جي معنيٰ سچي آهي به "گهرو حڪومت'. جڏهن اسان گهرو معاملن ۾ يڪمشت ٿي ڪير ڪندا ڏيون، تڏهن پوءِ ملڪي معاملن ۾ حڪومت ۾ هٿ وجهون. نه ته ائين چئبو ته "هنوز دهلي دور است".
شڪر جو مسٽر چاگلا اجا تنهن ڏينهن حيدرآباد جي پراونشل ڪانفرنس ۾ ان امر تي هندو ڀائرن جو ڪجهه نه ڪجهه ڌيان ڇڪايو، مگر اسان جي رئيس کي ڪابه ويس نٿي اچي.

هن اخباري اسٽاف ۾ اهڙا ته درندہ گزندہ ڏاريا آهن، جي حق ڇوٽ تي اشرافن جي پڳن لاهڻ لاءِ تيار ٿا وهن، جنهن لاءِ مخالف راءِ وارن کي ٿڌي دل سان سمجهائڻ جي بجاءِ گاريون ٿي ٺوڪون ڏيون لڪجن. واه فضيلت! مخالف راءِ جا سياڻا ماڻهو ائين ڪين چوندا ته دشنام دهد اگر خسيسي چاره نبود بجز شنيدن. گر پائي ڪسي سگي گزيده باسگم نتران عوض گزيدن.

هڪ مصر صاحب جو قند مصري

آنريبل پنڊت گوڪرن ناٿ مصر جي تنهن ڏينهن سيتاپور جي ساليانه پراونشل ڪانفرنس جي جلسي ۾ پنهنجي پريزيڊنشل ائڊريس پڙهي هئي، تنهن ۾ هي فقرو به هو ته اسين هوم رول جو ٿا گهرون. ان جو نالو اسين قند مصري رکي ڪيميڪل جي وسيلي تپاسڻ ٿا گهرون ته منجهس ائسڊ ته ڪانهين، ڇو ته انهن اسپيڪر صاحبن جي ظاهر ۾ ته ڏاڍي مٺي زبان هوندي آهي، پر اندر ۾ مڙئي تيزاب اٿن، جو ڪه مسلمانن لاءِ مفيد نه آهي. غالباً هرهڪ صاحب جي جادو بيانيءَ ۾ پنهنجو اثر آهي، بلڪ خواهه ڪانگريس ۽ ليگ جي اسڪيم ۾ اهڙو رولو ۽ پرلو

آهي، جو تمام باريڪ بينيءَ کان سواءِ ان جي تهہ کي ڀڄي نٿو سگهي. اير ڦير ۾ ماڳيون ئي ڳالهيون ڪن ٿا، پر سيڪو پنهنجي منڍي پائوڊر سان اها اگري دوا ويڙهي پوليٽيڪل مريض کي ڪاوائڻ گهري ٿو تہ بلا دريغ ڳهي وڃن. بلفعل تہ منهن ڪوڙو نہ ڪن، جي ڪائي ويا تہ پاٽيهي پيا ياد ڪندا.

سنڌ ۾ بہ ڪيترن مسلمانن ڪان چالاڪي سان مسٽر گانڌيءَ جي مسودي عريضي کي صحيحون پيا وٺن، سو سنڌ جي سربرآوردہ مسلمانن کي حق آهي تہ آفيسرن کي اهڙو احوال ٻڌائن تہ مسلمانن جون صحيحون ضرور پنهنلائڻ کي هونديون نہ تہ هو اهڙي نازڪ ڳالهين جو ڪيئن ٿا مطلب سمجهن، ۽ صحيحون ڪن. ۽ نہ وري سنڌ جي موجودہ نظام حڪومت ۾ اسين مسلمان سنڌ جا ڪو پيو ڦير ڦار ڪرڻ ٿا گهرون، جهڙا اسان جا پائر وٺي رهيا آهن. اول هو سول ڪورٽن جي پاڙ پٽائن تہ پوءِ مسلمان بہ ڪمشنر جي اختيارين ڪسڻ ۾ ساٿ شامل ٿين: مگر ڪين هڪڙوئي مسلمان سنڌ جو صوبو ۽ عيوضي هٿ آيو آهي، پين جي کهڙي ڪاٺ اٿن، جو تہ الاسين بہ پين سيني کي "ايرا غيرا نٿو خيرا" تي پائني. فقط پاڻ کي اها ڏيڏري سندو لڳڻ ڪري حور تي سمجهي.

Gul Hayat Institute

آمديم بر سر مطلب

(1)

اسين هوم رول ڇو ٿا گهرون؟

مٿئين فقري ۾ پنڊت صاحب فرمايو آهي تہ موجودہ حڪومتي سرشتو اسان کي قابل ۽ تيار ڏيڻ جو وجهہ ئي نٿو ڏئي. ڪنهن بہ شخص تي جهالت ۽ ڪم علميءَ جو الزام نٿو

آڻي سگهجي، جيستائين ان کي تعليم حاصل ڪرڻ جو وجهه نہ ڏنو ويو آهي.

صديءَ جي چوٿائيءَ کان وٺي اسين دانهون ڪندا ٿا اچون، مگر سرڪار ٻڌيئي نٿي. تنهنڪري اسين ان ڪوتاهيءَ جي سموري پاڙ پٽڻ ٿا گهرون ۽ آن جي بجاءِ مريض قوم جو علاج ڪرڻ ٿا گهرون ـــ تنهنڪري ٿا چئون تہ ”اسان کي هوم رول گهرجي“

جواب

حضورا اوهان تہ بلڪل قابل ۽ تيار ٿي ويا آهيو. اوهان تي تہ جهالت ۽ ڪمي تعليم جو الزام اچي ئي نٿو سگهي. اوهان کي تعليم ڪاتي اهڙو وجهہ ڏنو جو مسلمانن جو لوڪل بہ ريڙهي پنهنجي قبضي ۾ ڪيو، بلڪ تعليم جون واڳون هر طرح اوهان جي هٿ اچي ويون، جو هينئر سرڪار کي ڳاٽي مان اچي ورتو اٿو. پر حال تہ اسان مسلمانن جا، جو اها حالت اسان سان لاڳو آهي، مگر ان ۾ اسانجو قصور بہ آهي، جو اسان اول مغربي تعليم جي پرائڻ کان ڇرڪياسي. جڏهن مٿو پٽ سان لڳو، ۽ پاڻي سر کان مٿي اڀکهي ويو، تڏهن ڦٿڪڻ جي ڪئي اٿون. مگر سرڪار جا اوهان جي اڳيئي اک ڏٺي آهي، سو هاڻي ڪيئن اسان کي اهڙو وجهہ ڏيندي، يا اوهان هوم رول کان پوءِ پنهنجي متصرفي ڇڏي ڪيئن اسان تي ايڏو ايثار فرمائيندو جو خلاصو اسان کي تعليم جي واڳ ڏيندو، سا ڳالهہ تہ دل سان لڳي ئي نٿي، جو اوهان جي اڄ تائين هلت مان اسان کي ڪوڏي جو بہ اعتبار پڙ ڪين پيو آهي. سنڌ ۾ تہ سال منجهہ سڄا اٺ مهينا رنڍڪ وجهي ڇڏي اٿن، يعني جولاءِ کان پوءِ مارچ تائين ڪوبہ شاگرد انگريزي اسڪولن ۾ نہ وڃي. هن جو اثر وڃو

Gul Hayat Institute

مسلمانن تي پيو آهي: تعليم ڪاٽي جي ساري مشن رڳو مسلمانن جي رنڊڪ ۽ روڪ لاءِ وهي ٿي.

پاڻ ته خير سان فرمايو ٿا ته جيڪڏهن پيسا اسان جي هٿ آيا ته جيئن سرڪار هينئر اجاين ڪمن تي ڪپائي ٿي ڇڏي، تيئن اسين هوند اهي به تعليم تي ڪپايون، مگر اسان کي تعليم ۾ پاڻ سان گڏ وڪ ڪٽائيندو سا ته دعا دل سان ٿي نٿي لڳي، پر جي ڪٿي اها دِيا به پاليو ته اسين اوهان جي وٽي ڪيئن پري سگهنداسين ۽ ڪيئن پنهنجي مليل پتي موجب عهدا وٺي سگهنداسين. هاڻي ٿي مسلمان اٿي ۾ لوڻ آهن — پوءِ اسان جا پاٽر اٿي ۾ اوڻ وجهڻ کي پسند ڪندا، جو سندن نيچرل طبع جي برخلاف آهي.

سوز دل و اشڪ روان و آه سحر و نالهٔ شب،
ايـن همـه از اثـر لطف شمـاـي بينم.

(2)

پوءِ صنعت ۽ حرفت بابت شڪايت ڪئي اٿن ته سرڪار ان لاءِ به ڪجهه نه ڪيو. حڪومت اسان جي هٿ ٿيندي ته اسين ان ۾ ملڪ جي ماڻهن کي سکيا ڏيئي، آسودي حال ڪنداسين.

Gul Hayat Institute

جواب

اها ڳالهه بيشڪ سچ جي لائق آهي ته هنرن ۽ ڪسبن ۾ مسلمانن کي ڪجهه بڙ پوندو، مگر انهن کان جهالت ۽ غلاميءَ جو طوق ته نه نڪري سگهندو، پوءِ مفتوح قوم جي غلاميءَ کان فاتح قوم ثالث باالخير جي غلامي چڱي ڪينهي. اگرچه هاڻي به ڪسر ڪانه رهي آهي، پر نوم غلامي کان سارو غلام ٿيڻ ڪير پسند ڪندو. تنهن کان سواءِ مسلمانن کي قرض جي عادت ۽ شاهوڪارن کي وياج ۽ ٺڳي جي عادت، سا

مسلمانن کي ڪنهن به حال سان سانو ڪرڻ نه ڏيندي. ان لاءِ ته اپاءُ ئي ڪونه ٿا ڪريو.

(3)

وري پوک جي ذڪر ڪندي فرمايو اٿن ته هن وقت ڪڙمين ۽ زميندارن جي ابتر حالت آهي. انهن کي روز بروز وچن ڏيلون وڌنديون، پيون چڪون ڇيڙيون به ڏاڍيون اٿس، جنهنڪري سا تنئي نه ٿاه انهن لاءِ به چڱو بندوبست ٿيندو وغيره.

جواب

اوهان جي دهن گلاب، بيشڪ هن وقت زميندارن، ڏان ۽ پين چڪن جا ٻاري بار آهن، سي هوند خود حڪومت ۾ ڪجهه هلڪا ٿي سگهن، مگر ڏيتي ليتي ۽ وياجن وٽن يا سول ڪورٽن جي سوڙهي گهٽ جو ڪهڙو علاج ٿيندو، ۽ زميندارن جي قسمت، جا ترت ۽ مقامي آفيسرن جي هٿ ۾ رهي ٿي، سي آفيسر ڪهڙي قوم جا ٿيندا، جنهن جو علاج ته پنڊت صاحب ڏسيوئي ڪونه، سو ته سندس ويدڪ ۾ به ڪونه هوندو. جي زميندارن تان ڪجهه ڏيل جو بار لٿو ۽ آسودا به ٿيا، پر سندن مٿان آفيسر ڪير ٿيندا ۽ سول معاملن ۾ ڪهڙي ترميم ٿيندي. جي لٿي پٿي سا گيا گين ۽ ساگيا ڪهاڙا ته ان جو مثال ائين ڪين ٿيندو ته تپ ۽ ڪنگهه جو علاج ڪري وري دق ۽ سلهه ۾ مبتلا ڪري ڇڏجي. اسان کي بلڪل اميد ڪانهي، بلڪ وڪڻ غلط آهي ته هوم رول ۾ مسلمان سيڪنهن ڪاتن جا ايترا آفيسر ٿيندا، جيتري اسان کي گهرج آهي، ۽ جن ڪري اسين حريفن جي زد کان بچي سگهون يا ڏيتي ليتي جي فريبن ۽ سول جي انتظام ۾ اهڙو ڦير ڪبو، جنهن کان

مسلمان زير بار نہ ٿين. باقي ٻيا دلاسا ميمبرين وغيرھ جا اسان لاءِ ڪهڙو فائدو ڪندا، تـن ۾ بہ اسين ٺڳيل رهنداسين. ويڌڪ ۾ پنڊت صاحب ڏٺو هوندو تہ مرض جي علاج ڪـان وڌيڪ سبب مرض جو ازالہ ڪرڻ مفيد آهي؛ تنهن جو تہ ڏس ئي نٿو ملي، نہ تہ مسلمان قرض تي ائين ڪڏهن ٿا اچن، جيئن ٻڪري ٺاريءَ تي ۽ ٻوءِ سول مان هيئن چوندا ٿا نڪرن.

پدرم روضہء رضوان بـدو گندم بفروخت،
نا خلف باشم گـر مـــن بجوي نفروشم.

(4)

آخر ۾ فرمايو اٿـن تـہ جيستائين وڏين ٻگهارن وارا ڪمشنر موجود آهن، ۽ جيستائين يورپي سولين عملدار هوندا، جي گهپل ناٽو ٿا چڪن، تيستائين ملڪ جو چاڙهو ڪونهي، نہ تہ ڏيهي ماڻهو بلڪل ٿورين پگهارن سان بخوبي ڪم ڪري سگهندا. هوم رول ۾ اهو فائدو ٿيندو جو پئسن جي بچت پين چڱن ڪمن ۾ ڪتب آئبي نـہ تـہ هيستائين پبلڪ سروس ڪميشن جي رپورٽ مان بہ ٻوٽو ڪونہ پريو، ۽ ديسين لاءِ عهدن جي ونڊ وريچ ڪانہ ٿي.

جواب

پنڊت صاحب نيٺ ڦري ڦري آخرين مدعا تي اچي بيٺا، جنهن جي اسان کي ملڪ الموت واري ڦقڙي آهي تہ جيڪڏهن انهن وڏن عهدن تي غير سول سروس ڏيهي ماڻهو ٿيا تہ ان ۾ مسلمانن کي ٻڙي بہ نصيب نہ ٿيندي، چو تہ جيڪي بہ مسلمان هوم رولي آهن، سي سڀ آنريبل يا وڪيل، واپاري ۽ غير نوڪري پيشہ، تن کي نہ فقط آنر گهرجي، پر ٻيا عام مسلمان ويچارا، جي رڳو بيل آهـن ۽ تعليم ۾ هيٺرو پست

آهن ۽ نوڪرين جي خواهان، جن جي مساوي هجڻ ڪري مسلمانن جو بچاءُ جي حق وسي تي سگهي، تن ڪي ڪيئن ايڏا عهدا ملندا، توڙي عدد مقرر ڪري ڏين. لياقت ۽ امتحانن جي معيار تان اسان جا پائر ڪڏهن نه دستبردار ٿيندا، جو هاٿي پيا ڪرڪن ڪنجهن. آخر معاملو اتي اچي بيهندو، جو مسلمان ساڳي ڍودي ۽ ٿوم جا مالڪ، جن ڪان اسانجا وڏا پيٽ ۽ وڏا ممز بيپرواهه آهن، ۽ وات ڏينهن جن جو وظيفو آهي "هم رول" "هوم رول". اسين ٿا چئون تـه الله ۽ رسول الله ۽ رسول صلعم.

دلبر آسايش ما مصلحت وقت نـديـد،
ورنه از جانب ما دل نگرانـي دانست.

مائي ديـويءَ جـي وچن جـو وستار.

اڳوپوءِ مائي بسنتي ديويءَ جي ٻول جي به تول ڪري ڇڏيون، جنهن الله آباد جي ادريس جي جواب ۾ ٻوليو هو ته "اسين چائي چم ڪان هوم رول جو حق رکون ٿا، تڏهن گهرون ٿا." اهو ٻول مائي صاحبه نچاٽان ڪيئن ٻوليو آهي. چائيچم ڪان ماٺهو آزاديءَ جو حق ته رکي ٿو، پر حڪومت جو اڌڪاري ڪيئن ٿي سگهي ٿو، جي پنهنجي قوم جـي ڳالهه ڪئي اٿس ته هو بيشڪ فاتح قوم مان آهي؛ هينئر ان جـو هر ٻار حڪومت لاءِ ٿو ڄمي، پر جي هندڪي جوڻ ۽ ويس ۾ اهو واڪ ڏنو اٿس ته غلط. افسوس ته اسان جا خود غرض پائر آزادي ۽ حڪومت جو فرق ڄاڻن ٿي نٿا. هت هو آزادي ۽ حڪومت کي گڏايو وجهن، نه ته پنهي ۾ مغائرت عظيم آهي. مسٽر پرگڙي ۽ پيا مسلمان به انهن جي پيروي لي ان غلطيءَ جو شڪار ٿيل آهن. هندستان سائين غنيمن جي ڪاهن جـو

آماجگاهه رهيو آهي. هن ڪڏهن خواب ۾ به حڪومت نه ڏٺي آهي. ڪڏهن به مٽائونس ترار ۽ ڪاهه نه لٿي آهي. ڪڏهن ڪنهن جي هٿ ته ڪڏهن ڪنهن جي. پوين ڏهن صدين ۾ ته مسلمانن جي قبضي ۾ رهيو آهي. نيٺ انگريز سرڪار جي هٿ اچي ايترو امن لڌو اٿس، ۽ ڪاهن کان بچيو آهي. پوءِ ڪيئن مائي صاحبه هندين کي چائي چم کان هم ورل جو حُليو تي پهرائي. اجا مسلمان اهڙو ڍيڪ ڏٺي وٺن ته ٺهيو، پر هندي ڪيئن اهڙي هام هڻي سگهن، سو ته مائي چاڙي مائي جي قيام. چا نه لسان‌العصر حضرت اڪبر فرمايو آهي:

کالج مين هوچکا هے جب امتحان همارا،
سيکها زبان نے کهنا هندوستان همارا.
رقبه کو کم سمجھ کر، اکبرؔ يه بول اٹهي،
هندوستان کيسا، سارا جهان همارا.
هر گوشهء جهان سے ليکن صدا يه اٹهي،
جو کچهه هي سب خدا کا وهم و گمان همارا.

مائي سروجني دبوي نمبر ٽئو

مائي سروجني به ساڳو سر آلاپي وهي آهي ته هوم رول اسانجو حق آهي، جو اڪبر جي ڏينهن ۾ سڀ وڏا عهدا ۽ اندروني اختيار هندن کي هئا. هن مائي ته مسلمانن کي ئــي ڪيدي چڏيو. هوم رول جو حق رڳو هندن لاءِ ثابت ڪيائين: پوءِ اسان کي هندو صاحب چو ٿا گهيلين ته اٿي هوم رول گهرو. مائي ته اسان کي پير ئي ڪوڙڻ نٿي ڏئي. اها تاريخ وري مائي صاحبه الائي ڪٿان پڙهي آهي ته اڪبر جي ڏينهن ۾ سارو اختيار هندن کي هو. تڏهن مسلمان رڳو لالا واهه جا چيڙا هئا چا؟ هي به چيو اٿس ته پوءِ ان هڪ طرفي لاڙي کان

Gul Hayat Institute

مغلن جي سلطنت کي ڪو صدمو پهتو ڇا؟ واهه، سائي صاحب! مغلن جي حڪومت جي پيڙي پڙيائي اڪبر جي پاليسيءَ ڪان، پيو اسان ته ڪونه پڙهيو آهي ته هندو مسلمانن ڪان وڏيڪ وڏن وڏن عهدن تي هئا ۽ سارو اختيار مختيار سندن هو. اندروني اختيار جي اسان کي خبر ناهي، جو راڻيون البت هندواڻيون هيون، پر تڏهن به مسلمانن جي بادشاهيءَ ۾ مسلمان ئي اختيار مختار هئا ۽ هندو به بيشڪ اعتبار وارن وڏن عهدن تي هئا. پوءِ ڪيئن وڳو مائي مُسلن کي ڇڏي (جن 13 سو سال راڄ هلايو). وڳو هندن لاءِ هوم رول جو حق قائم ٿي ڪري؟ ائين سهي، پر مسلمانن جي جند ڇڏن ته به ڇڳو. باقي اها سندس صلاح سهڻي آهي ته ايڪتا ڪان سواءِ سوراج نه ملندو. سو هندو مسلمانن کي پاڻ ۾ ايڪتا ڪرڻ گهرجي، جو سيڻي ڏکن جو علاج اهو اٿو. هاڻي ڏسون ته مائي جو اهو اپديش ڪيئن ٿا اسان جا پائر ڪن لائن، نه ته سندن کهڻي هڪ آهي ته رهڻي بي. وري پڻي هڪ صاحب، ديويءَ جي ڇاڙتي، سنيهو پيغو آهي ته خان بهادر ۽ آنرري مئجسٽريٽ مٽان وزير هند کي هلائڻ ڏيو، نه صاحب بهادر، خان ۽ هانري ڪين ويندا. پلي ته راءِ ۽ راڻا وڃن، انهن جو ٿي پيٽ گهاٽو.

Gul Hayat Institute

هائوس ٽئڪس ۽ مسلمان ۽ آفيسرن تي اجايو بهتان.

هائوس ٽئڪس تي جو اسان جي هندو پائرن ايڏو لڙ بکيڙو ڪري آسمان مٿي تي کنيو آهي، ۽ لوڪل يوروپي آفيسرن کي ننڍڻ شروع ڪيو ۽ بمبئي گورنمينٽ ڏي ڊيپوٽيشن وٺي ويا، ٽن ڪو اهو خيال ڪيو ته انهن يوروپي آفيسرن جو اُن ۾ ڪهڙو ذاتي غرض آهي ۽ سرڪار کي ان ۾ ڪهڙو

فائدو آهي. اهي پئسا وري به ته ڳوٺن ۽ شهرن جي آرام ۽ صحت لاءِ ڪم ايندا، يا سرڪاري خزاني ۾ داخل ٿيندا سرڪاري آفيسر رڳو اهو ڏسڻ ٿا گهرن ته هي ماڻهو، جو هيتري قدرسوراج جا خواهشمند آهن، ۽ رات ڏينهن پنهنجي ۽ سرڪار جي ننڊ ڦٽائي ڇڏي اٿن، سي پنهنجي ڳوٺن ۽ ماڻهن جي صفائي ۽ آرام صحت لاءِ پاڻون ڪا قرباني به ڪري سگهن ٿا يا رڳو مفت ۾ خود حڪومت ماڻي سرڪاري قرض يا گرانٽ تي گذارڻ ٿا گهرن — مگر جنهن حال سان هو ايتري آزمائش ۾ هوش ڪان نڪري ويا آهن ته پوءِ هوم رول ۾ ڏوڙ ڪو فائدو ملڪ ۽ ماڻهن جو چاهيندا، جن کي ايترو حوصلو ۽ ٿوري قرباني ڪرڻ يا ڪس ڪائڻ جي سگهه ڪانهين، نه ته سرڪار ڪان حڪومت جي واڳون وٺڻ لاءِ تيار آهن ۽ ان جي قيمت ۾ رڳو ڪين جهڙي ٽئڪس ڪان به ٿا ڪيٻائين. پاڻ جڏهن ڏهاڪي ڪن رپين ڏيڻ لاءِ ايترو بيزار ٿي پيا آهن، ته سرڪار لکن ڪروڙن جي حڪومت انهن کي ائين ڪٿي ڏيندي. نه ته هي سرڪار جي مهرباني ۽ فياضي بس نه آهي، ته جئن جئن ملڪ خود حڪومت هلائڻ لاءِ تيار ٿيندو ٿو وڃي، تئن تئن هو درجي وارا اهڙا اختيار ڏيندي ٿي وڃي؛ جيڪا خود حڪومت جي اصل معنيٰ آهي، سا اها جا اسان کي گهڻو ڪري ملي وئي آهي، جهڙو ميونسپل ۽ لوڪل جا اختيارات، عدالتي پاور ۽ ڪائونسل ۾ ميمبرن جو واڌارو. مگر جيڪڏهن هوم رول جي اها معنيٰ آهي ته اصل سموري حڪومت لشڪر خزانن، ملڪ جي واڳن ڏيڻ سان ڪٽي سونپن ته اها ناداني نه چئبي ۽ ائين ممڪن آهي؟

بلڪل نه، مسلمانن کي اسان جا پائر قسلائن ٿا ته هرهڪ ڳالهه ۾ ماڻن شامل ٿين ته سندن ڳالهه اڳي ٿئي. پوءِ، مسلمان دوزخ وڃن يا بهشت. هائوس ٽئڪس يا هوم رول

Gul Hayat Institute

جي گهرڻ ۾ جيڪڏهن مسلمانن جي طرفان ڪا جماعت يا ڪي ماڻهو پڪارن ٿا ته انهن لاءِ لکجي ٿو ته هي جماعت بيقاعدي آهي ۽ رڳو ڪي عام ماڻهو هئا. مگر جيڪڏهن ڪي ساڳيا مسلمان هندو پائرن جي فيور ۾ ڳالهائين ٿا ته انهن جا نالا لکجن ٿا، نه ميان تاجل خان، ميان پنجل خان، حاجي ڪرڙ خان، وڏيرو ڪيڙ خان، سو ڇا سبب؟ سندن طرفان ڳالهائين سي خان ۽ وڏيرا، جيڪي اسان جي طرف ٿين سي ٿيا اجايا سجايا عام ماڻهو، هاري ۽ ناري! پيو اسان جا پائر نه اسان کي نوڪرين ۽ عهدن ۾ ٿا سهن، نه انهن آفيسرن کي پسند ٿا ڪن، جي اسان کي وقت سر ياد ڪن ٿا. ان ڪري هاڻي مسٽر لارينس کي اسان جي پائرن پرائيويٽ طرح اورنگزيب جو خطاب ڏنو آهي، ۽ پڻ هڪ هندو صاحب هڇا جا لفظ لکيا اٿس، ته ڇو مسٽر عطا محمد کي ڊپٽي سپريڊنٽ ڪيائون، سو به ويچارو پوئتي موٽيو. حال هي آهي جو هن صاحب جيڪڏهن ڪي جايون مسلمانن کي ڏنيون آهن ته هندن کي به برابر ڏيندو ٿو اچي. البت ائين نه ڪيو اٿس ته اڪبر وانگي سمورو هندن تي ليٽي پوي. اورنگزيب ويچارو عادل، امين، پرهيزگار بادشاهه هو، مگر هن پنهنجي ڏاڏي اڪبر جي هڪ طرفي پاليسي سلطنت جي لاءِ خوفناڪ ڄاتي؛ تنهنڪري وچڙي پاليسي ورتائين، تنهنڪري هندو ڪانئس ناراض ٿي پيا، جي اڄا تائين ڪيس گلا سان ياد ڪندا ٿا اچن. اهڙي طرح اڳي نوڪرين ۾ جو سمورو سندن ٺيڪو هو، مگر هاڻي جو ڪجهه مسلمانن کي به وارو ملڻ شروع ٿيو آهي ته مسٽر لارينس اورنگزيب ٿي پيو آهي! مگر اسين نه چئون ٿا ته اهڙو عادل، امين، خانداني يورپي آفيسر بيشڪ اهڙي نالي وڪڻ لائق آهي — مگر نه شيواجي، نه نانا پائي! مطلب ته جڏهن اسان جي پائرن جو ايڏو تنگ حوصلو آهي، تڏهن نه مسلمان ساڻن

Gul Hayat Institute

متفق راءِ ڏيندا، نه سرڪار کين هوم رول ڏيندي، جنهن جي هو بي محل ۽ بيجا تقاضا ڪري رهيا آهن. اسان کي به اسان جا پاڻر يا ڪي خود غرض مسلمان اهو عتاب ڏيندا آهن، ته اسين يورپي آفيسرن جي خوشامد ٿا ڪريون، ۽ پنهنجي لالچ يا فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي قوم ۽ ملڪ جي پيڙي ٿا پٽيون. مگر اها انهن جي بلڪل غلط فهمي آهي. سچي پچي ڳالهه ڪرڻ، چڱي شيءِ کي چڱو چوڻ، مدي کي مدو سڏڻ، خوشامد نه آهي. قوم ۽ ملڪ جي نقصان ڪندي پنهنجو فائدو ڳولڻ نالائقي آهي، ۽ ٻين جي فائدي سان گڏ پنهنجو فائدو چاهڻ عقلمندي ۽ انصاف آهي. اسين يقين سان وسهون ٿا ته مسلمان اڃا هوم رول لاءِ تيار نه آهن. هندن جي نسبت هنن تي انگريز حڪمران صد بار وڌيڪ آهن، بلڪ هندو ۽ مسلمانن لاءِ هو چڱا آهن. هائوس ٽئڪس ۾ جيڪڏهن ڪو ٿورو گهڻو بار مسلمانن تي پئجي ويو ته هو ان ڪري وري ٻين بارن ۽ آزاون کان ڇٽي پوندا ۽ سراسري فائدي ۾ رهندا، ۽ هائوس ٽئڪس جي مخالفت ۾ آسودن هندن جو بار به مٿن ورهائجي ويندو، جو هن کان اڳي سيمي ميونسپل محصولن جو سمورو بار غريبن ۽ مسلمانن تي آهي. آسودا بيمٽل ماڻهو، خصوصاً ڪامورا، هرطرح ڇٽل آهن. مسلمان پاڻ تان پيا بار لهرائين يا جهڙي طرح روهڙي وارن ڪيو آهي اهڙي رول لهرائين. مگر افسوس ته مسلمان ويچارڙا پوروڙا آهن سي چالاڪ تر جي چنبن ۾ اچي، پنهنجو نفعو نقصان نه سمجهي پنهنجي پيرن تي پاڻ ڪهاڙو هڻيون اچن. يورپي آفيسر ويچارا رعيت جي خير خواهيءَ لاءِ مٿا ڪٽا پيا هڻن. سنڌن ڪرڻون ڪاوڙون پيا سهن. پنهنجون گلائون پنهنجي ڪنن سان وينا ٻڌن ۽ اکين سان پيا ڏسن ـــ تڏهن به جيڪو مٿن فرض آهي، تنهن کان نٽا مڙن. ۽ رعيت کي سيکارين ٿا ته هئڻ قرباني ڪرڻ، ۽ ٿوري ڪس ڪاڻ سان پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن جو

Gul Hayat Institute

پلو ڪري سگهي ٿا ۽ خوديا وري (سيلف هيلپ) هن ڪي چئبو آهي. مگر اسان جا پائر ان ڪي ظلم ٿا سمجهن، زور ٿا چاڻن، فريادون ٿا ڪن. جڏهن سنڌن هي حال آهي ته هو هوم رول کهڙي منهن سان ٿا گهرن ۽ ڪيئن پاڻ کي لائق ٿا سمجهن. افسوس، صد افسوس!

مسٽر هوليڊر جي ملاقات

حيدرآباد جي سنڌ پراونشل ڪانفرنس ۾ گهڻن صاحبن تقريرون ڪيون آهن. جڏهن ته آزادي آهي، تڏهن سڀڪنهن کي اختيار آهي ته جيئن وڻيس تيئن چوي. ڪن صاحبن ته حد کان به وڌيڪ وک وڌائي رکي آهي. صاحبلوڪن کي گهڻ وڌ ڳالهايو اٿن. مگر اسان کي پنهنجي ڀائرن جي چالاڪيءَ تي عجب ٿو لڳي ته ڪيئن زباني لغو پنهنجي مرضيءَ تي ٿا اڏائن. مسٽر مرليڌر ته هڪ زميندار، ميونسپالٽي ۽ لوڪلبورڊ ميمبر جي ملاقات عجب پيرايه ۾ لکي آهي. اسان کي ته اهڙي قسم جو ڪو ميمبر ڪونه سجهي، جو اهڙو چٽ نپٽ هجي، جو ديوان صاحب سان اهڙي گفتگو ڪري. تنهن کان پوءِ هن چوڻ سان ته ديوان حد ڪري ڇڏي ته مسلمانن کي ڊپٽي ڪليڪٽريون ان ڪري ٿيون ملن ته "مسلمان گورن جي هٿ ۾ رهن، ۽ هندن ۾ جوش ٿئي، ۽ ان تي هڪ هندو اخبار به اعتراض ڪونه ورتو آهي." بس هاڻي رڳو ان لفظن سان ديوان صاحب جي راست گوئي معلوم ٿئي ٿي. هي کهڙو نه بيجا قياس آهي ته گورا پنهنجي هٿ ۾ آڻڻ ۽ هندن کي جوش ڏيارڻ لاءِ مسلمانن کي ٿا ڊپٽي ڪن. واهه، ديوان صاحب اوهانجو انصاف! مگر هي ته پڌايو ته ڪن هندن کي، جي تمام سوان نوڪر هئا، ڊپٽيگيريون يا مختيارڪاريون مليون، تن کي کهڙي پاءِ، پر جيڪڏهن مسلمانن کي نوڪرين ملڻ تي هندو

Gul Hayat Institute

جوش ۾ ايندا تہ پوءِ ڪهڙي منهن سان هو سوراج گهرڻ لائق ٿيندا؟ ۽ هندو اخبارن اهڙا پڙڪا ڪيا جو واهہ واهہ. هڪ هڪ ويچاري مسلمان جا عيب ظاهر ڪيا. خود مسٽر لارينس کي سڏيون پڌايون. اچا تہ ڪچائون. اڳي وڳو اسان جي پائرن جي کهٽي هڪ رهٽي بي پائيندا هئاسين. مگر هاڻي تہ مسلمان هوندو جو ساٿن گڏبو. وري اسان جي ميان صاحب محمد خان بہ واهہ جا لڪچر خوانيءَ ۾ قرآن داني ڏيکاري آهي، تہ ڪيئن مسلمان قرآن جي حڪم کان برخلاف، هڪڙا حاڪم ٻيا محڪوم ٿيڻ قبول ڪندا؟ اسان کي خانصاحب پڌائيندو تہ اولوالامر جي معني ڇا آهي. قرآن جي ان آيت مان هڪڙا حاڪم ٻيا محڪوم ثابت ٿا ٿين؟ دنيا جو ڪارخانو تہ هوندو ئي حاڪم ۽ محڪومن سان. سڀ حاڪم ٿيا تہ جهان ڪيئن هلندو؟ *

خانصاحب جو حج تي وڃڻ جي صلاح رڳو ان ڪري ڏني آهي تہ ايران ۽ بخارا جي مسلمانن کان وڃي پڇو تہ ڪئن تہ هو هوم رول جي ڪري آزاد آهن، مگر خانصاحب کي خبر آهي تہ هوم رول جي ڪري ترڪي ۽ ايران ۾ ڪيڏي بدامني ۽ بغاوت پيدا ٿي، بادشاہ قيد ٿيا، اڃا تائين سندن حالت برابر نہ آهي. خانصاحب گهري ٿو تہ هندستان ۾ بہ اهڙو فساد ٿئي ڇا؟ جيڪڏهن اسان جي مسلمانن کي ڪا غيرت

* نوٽ: هن آيت سان پيو بہ هڪ مسلمان خود پرست گمراہ ٿيو هو، جو اها آيت سرڪار جي وفاداري لاءِ ثبوت ۾ ڏني هئائين، ۽ اسان خبردار ڪيس. اشارتا تہ اها معني وٺڻ غلط آهي ۽ تفسير بالرائي، ڇو تہ اولوالامر منڪم مان فقط مسلمان حاڪم مراد آهن، جهڙو خلفا ۽ نہ غير اسلام وارا. غير اسلام حڪام لاءِ اطاعت ۽ بغاوت يا فساد نہ ڪرڻ جا ٻئي هند حاڪم آهن،

مگر هو نادان وري بہ اسان جو اشارو نہ سمجهي پنهنجي ساڳي بي فهمي ۽ احمقي تي نازان ۽ مقرر هو ۽ ان لفظ نہ لکڻ ڪري اهڙو گند بڪيائين، جهڙو سندس لائق هو. تازي نہ هو، جو اشارو سمجهي ها. — بلبل

Gul Hayat Institute

۽ حميت اسلامي هجي ته شاهه آباد جي واقعات کان پوءِ هوند پنهنجي يار مار ڀائرن سان سياسي امور ۾ شريڪ نه ٿين، مگر اسان مسلمانن ۾ دم دال جو به ڪونهين ۽ سوداءِ پلاءُ جو مغز ۾ موجود آهي. چوٽي به آهي ته وات جي ٻوڙ پلاءُ کي گهه جو ڪهڙو صرفو؟ هي ڪهڙو نه واءُ لڳو آهي. ڪيئن اسان مسلمانن جي مت مارجي ويئي آهي. ڪيترو لکجي، ڪيترا سوال جواب ڪجن، جو مخالفن جا هزار وات آهن. خدا کي ڏانهن آهي ته مسلمانن جي حال تي ڪو رحم ڪري. اسان جو اهو مطلب نه آهي ته مسلمان اصل پوليٽڪل ميدان ۾ نه اچن، ساٿ ڪري سمهي پون، نه نه، بيشڪ واسطو وٺن، ۽ شد مد سان وٺن، مگر جدا گانه پنهنجا قومي، مذهبي، ملڪي حق گهرن. محڪومن جي غلاميءَ کان آزاديءَ جا پهه پچائڻ نه اصل حاڪمن کان، جن کي خدا ملڪ ڏنو آهي. باقي اسان جو فقط هي اعتراض آهي ته گرگن سان ٻڪريون گڏجي حق نه گهرن. بازن سان چڙيون نه اڏامن. اسان جي هستي، اسان جي قوميت، سڀني کان سٺي هئڻ گهرجي. هندن کان صد بار وڌيڪ اسان جا سياسي حق آهن. هو هميشه اسان جا محڪوم هئا، هاڻي اهي اسان جا حاڪم آهن. اجا وڌيڪ حاڪم ٿيڻ ٿا گهرن، جن جي اسان بيوقوف مسلمان ٽيڪ ڪري رهيا آهيون. نه ته اسان جا انهن کان به وڌيڪ ڀاڱا پڳا مطالبا هئڻ گهرجن، پر جدا، نه گڏ. بس، رڳو اهو پيل آهي، جو اسان جا مسلمان سهي نٿا ڪن.

سخن شناس نئه دلبرا خطا اينجاست.

حاصل ڪلام خير انجام

افسوس جو ته هي ڪتاب وقت کان پوءِ شايع ٿيو، جو وقتي سوالن جي جوابن ۽ مسلمانن جي اطلاع لاءِ لکيو ويو

Gul Hayat Institute

هو ۽ اخبار جي نه نڪرڻ ڪري هن مجموعي لکڻ جي ضرورت ٿي. مگر افسوس ته هي به اخبار وانگر منحوس بيماري جي عذر ڪان وقت کي ڇپجي نه سگهيو ۽ هين پريسن ۾ ان جي ڇپجڻ جي اميد نه هئي. تاهم هن وقت به سياسي مسئلن بابت مصنف جي محنت ۽ عام مسلمانن کي پوري واقفيت جو هن ۾ مصالحو موجود آهي ته ملڪ ۽ قومن ۾ ڪهڙا رايا هئا، جن جي نيت پڌائي ٿي. حضور وزير هند هندستان ۾ آيو ۽ سندس اڳيان ماڻهن پنهنجا سڀ شير پياز ظاهر ڪيا. ان مان معلوم ٿيو ته نه ڪو مسلم ليگ تي مسلمانن جو ڪلي اعتبار هو، نه ڪانگريس تي هندن اڪتفا ڪئي، نه ميرا سوت نه تيري ڪپاس. سڀڪنهن فرقن پنهنجي جدا جدا ايڊريس ۾ مطالبا ڪيا. جيتوڻيڪ ڪن ڳالهين ۾ موافق به هئا، پر تڏهن به ڪا ڪا ڳالهه سڀڪنهن پنهنجي نياري گهري. مسلمانن جا ته ڪيئي مجموعا ويا. اهڙي طرح هندو فرقي جا يعني ڪل 110 ائڊريسون پيش ٿيون، ۽ 300 ڇيدن ماڻهن سان ملاقات ٿي. مگر وڏي ڳالهه هي آهي ته سڀني مجموعن، خود ليگ وارن به آخر 30 ميمبرن جي ٺهراءَ ڪان ڦري 40 گهريا ۽ مسلمانن جي جدا حقن ۽ خاص لحاظ جي استدعا ڪئي، جو اسان جو عين مقصود هو ۽ الحمدالله ته پورو ٿيو. مخالفت رکيو ان اڪر ٿي هئي، جو سڀڪو ڦري ڦري پاڻهين پاڻ تي آيو.

پيو وزير هند کي معلوم ٿيو ته هندستان ۾ جڙ جڙ ڳالها ته وڏي آهي، نه ڪا ليگ کي ساري هند جي عيوضي ٿيڻ جي پڳڙي آهي، نڪا ڪانگريس کي ڏولي پولي. سڀڪو آپي خان آهي. مگر ايترو آهي ته مسلمانن جي جدا حقن بابت لحاظ رکڻ جي جابجا ڪان سندس ڪن تي پڪار پهتي، جا اجائي نه ويندي. جيڪا سچي ڳالهه هئي، سا هر هنڌ هڪ هئي، باقي بين ڳالهين لاءِ سڀڪنهن کي پنهنجو پنهنجو دف ۽ پنهنجو

پنهنجو راڳ هو. هاڻي اٿبي اها جا ڪوري جي من ۾ هوندي.

شاهه آباد جي فسادن کان مسلمانن ۾ وڏيڪ مخالفت ٿي ۽ رهندو کهندو اعتبار به پڇي پيو. خود بنگال جي لفٽيننٽ گورنر سڊيشن جي ڪيسن ۾ جا تقرير ڪئي سا به قابل لحاظ آهي ته بنگالي هندن ۾ بغاوت جو مادو موجود آهي. اهي ڳالهيون وزير هند کان ڳجهيون ڪين رهنديون ۽ هندستان جي فضيلت معلوم. ساري هند سنڌ جي چوٽي وارن مدبرن جون جيڪي به اسان تقريرون اڊريسون ڏٺيون، تنهن ۾ رڳو مونجهه هئي. ۽ مخالف ڌر لاءِ ڪابه سڌي ۽ پوري سمجهاڻي نه هئي. مگر وسالہ 'خطيب' دهلي ۾ هڪ اهڙو مضمون هو، جنهن اسان جو پڙرو ڏيان ڇڪايو ۽ دلچسپيءَ سان پڙهيو ويو ۽ اهي اشڪال، جيڪي اسان جي دل ۾ هئا، تن جي ڏاڍي عقلمنديءَ سان جواب ڏنل هو. سيني ڪونسلن وغيره جي تعداد سيمبرن ۾ جو مناوني ڪري مخالفن کي خوف هو، تنهن لاءِ هن رڳو ان ٺهراءَ جي دلجاءِ ڏني، جا مني پتي جي مخالفت سان رد ڪرائي سگهجي ٿي. مگر جيئن اسان جو چوڻ هو ته ان ۾ ڌريون هڪ ٻئي کي رد ڏئي، ڪروسرو ڪري ڇڏينديون، تنهن مان ڇا فائدو؟ ٿيئن هن به ڏيکاريو آهي ته هن مان فقط ڌرين جي دفع حضرت جو علاج آهي. مگر جلب منفعت ڪونهي (جنهن جي اسان کي ڳڻتي هئي) تنهن جو فقط هي علاج ڏسيو اٿس ته نئين اسڪيم جي بحال ٿيڻ ۾ سرڪاري عنصر جو زور گهٽبو ته پوءِ هو پنهنجي زور قائم رکڻ لاءِ ضرور مناوني ۽ گهٽ غلبي واري قوم سان ملندي، ۽ انهن سان موافقت ڪندي. جي مسلمان ۽ انگلو انڊين يا پارسي هوندا ته ان وجهه سان هو جلب منفعت به ڪري سگهندا. مگر اسان جي نظر ۾ اها به طفل تسلي ۽ موهوم اميد آهي، ڇو ته

حريف اهڙا ڏاها آهن، جو ڪابہ پنهنجي ڳالهہ اهڙي ڏيکـ ۽ اثر سان ڪندا آهن، جنهن ۾ ظاهر سندن قومي واسطو ذرو بہ ڪونہ پيو ڏسجي. فقط سرڪاري انتظام جي خوبي ۽ نيڪ صلاح نظر پئي اچي. مگر در پرده ان ۾ ضرور گهڻ پيل قوم جوئي نقصان آهي، جئن هاڻي هلي رهيو آهي. تعليم کاتي ۾ خصوصاً ۽ ٻين کاتن ۾ عموماً، يعني ان ۾ اهڙو انتظام وکايل آهي، جو ظاهر ۾ ڪنهن بہ قوم جـي پاسداري ڪانهي، مگر باطني ان جو اثر سيني مسلمانن تي پئجي رهيو آهي ۽ انهن جي پڪار بہ نٿي پڌجي، ۽ يورپي آفيسرن جي ذهن ۾ بخوبي وهاريل آهي تہ هي مسلمان سست، بي علم ۽ اڻ محنتي آهن، رڳو سندن اجائي دانهن آهي، نہ تہ سرڪار کي نڪو مسلمان ڪوڙا آهن، نہ ڪو هندو پيارا! مگر هي انهن جي ڏاهپ ۽ دخل در معقولات جو اثر آهي، تہ پوءِ بہ ڪونسلن ۾ ٻي طرح اميد رکڻ اجائي ۽ بيسود آهي. مگر ساڳئي صاحب نوڪرين لاءِ بہ تناسب اعداد تي آيو آهي تہ هن کان پوءِ مقرر ڪيل تعداد موجب هندو مسلمان نوڪريون بہ وٺي سگهندا مگر اها تہ ان صاحب کي خبر ناهي تہ مسلمان مقرر تعداد موجب بہ ڪيئن نوڪريون وٺندا، جڏهن انهن ۾ نوڪرين جي معيار جيتري تعليم نہ هوندي، تہ مقرر عدد نوڪريـن ۾ ڪيئن کين ملي سگهندو. جيستائين مسلمانن جي حقن جي جدا نگهداشت نـہ ڪبي، تيستائين سندن چاڙهـو نہ ٿيندو. تنهنڪري تعليم ۽ نـوڪرين ۽ ميمبرين ۾ سندن قوميت ۽ سياسي حقن جي احاظ تي سڌارا ٿيندا تہ البت فائدو ٿيندو. گذيل گنج ۾ رنج کان سواءِ ڪجهہ نصيب نہ ٿيندو، مگر شڪر آهي تہ گهڻن مجموعن اهڙي پڪار ڪئي آهي، جا اميد تہ رائگان نہ ويندي.

Gul Hayat Institute

هڪ بيدرد دلارام کي آخرين دردناڪ التماس

اي اسان جا پيارا رئيس مسٽر پرڳڙي سائين! ڏسون فرزند اسلام، پاڻ مسلمان، مسلمانن جي اولاد، سردار خان پروچ، ڳوٺن جو پريو مڙس، سنڌ جي زميندارن جو قائم مقام آهين! توکي ڪهڙو جادو ويڳن پائرن ڪيو آهي، جو سڀن پائرن کان سؤ ڪوهه پري آهين. صوبه بهار ۾ بقرعيد کان اڳ ۾ ۽ پوءِ جيڪي مسلمانن سان بي گناه بي قصور ظلم و ستم ٿيا آهن، سي ڪنهنجي نظر انهن مان ڪين گذريا هوندا؟ هندو اخبارون اوهان جي مطالع هيٺ نه ايندڙون هونديون ته مسلمانن جي ڪنهن به اتفاقي جاءِ ملڻ کي ڪيڏي نه ڏاڙ ۽ واويلا مچائن ٿيون. ڪي ڪمشنر صاحب کي اورنگزيب سڏين ٿا. ڪي چون ٿا ته هندن ڪهڙي هچا ڪئي اٿس، جو انهن جا حق ٿو ماري، حالانڪ مسلمانن سان گڏ هندن کي به جايون ڏيندو ٿو اچي. جن پائرن جا هي حال، هي تعصب، هي تنگ حوصلو، تن جي ڳنڍڪن ٿي لڳي اوهان هوم رول گهري، مسلمانن جا هٿ پير ٻڌي سندن حوالي ٿا ڪريو! ڪڏهن ڪين اهڙي ملامت ڪئي اٿو، ڪا ونجيدگي ڏيکاري اٿو ته پائي ڪنهن مسلمان جي جاءِ ملڻ ڪري چو اوهان کي پيٽ ۾ سور پوي ٿو. جي اوهان جي اها حالت آهي ته اسانجو پري کان سلام. ڪم از ڪم انهن جو پوٺ نه بند ڪري سگهو، جو ناحق پيا پڪارن ۽ پائين ته مسلمان ڪنهن کي به جاءِ ڪانه ملي. هڪ نه پيو عيب ڪيڏيو وينا آهن ته هي نالائق آهي، گهڻ نوڪري اٿس. اهي ته سور سجهن ٿا جو هوم رول وقت به اهي عيب ثواب نڪرندا، سو ڪيئن اوهان انهن واقعات کان اک پوري ۽ ڪن ٻوڙا ڪيا آهن. جئن پوءِ تئن اڳي آهيو. جيڪڏهن اسان جا پائر اسان سان سچا هجن ۽

ٿين ته هنن کان جو ڪمشنر صاحب کي عرض ڪري، پيو نه ته به هرهڪ کاتي جي هرهڪ نوڪريءَ ۾ اڌو اڌ مسلمان رکائي وڃن. امتحان ته رڳو جوا بازي ۽ سرڪار کي ڪک نه ڪرڻ جو حيلو آهي. جڏهن ائين ڪري ڏيکارين ته پوءِ اسين سنڌن غلام ٿي گذاريون. جئن چون لٿن حاضر. هو چون ٿا، ته اسين چئون جي، ۽ جي سهن ڏرو به نه ۽ ڪم ٽپائڻ لاءِ اڳ ۾ ڪن ته اهو ڏوکو يا فريب نه چئبو. گهر ويٺي گهران آگهڻ آئي نه سهان پيت پٺي سهن، ڪک پيو نه سهن؟ اوهان کي مسلمانن جي حال تي ڪهل ڪانه ٿي اچي؟ قوم ڪانگن کي به پياري آهي. خدا جو خوف اوهان کي گهرجي يا مکر واري ميٽنگ ڪئي، ڪو انصاف، ڪا امانت آهي يا نه؟ دنيا روزي چند آخر کار با خداوند، جنابا، وري دوبار خيال ڪيو. غور فرمايو. پنهنجي گريبان ۾ نهاريو ته ڇا ڪري رهيا آهيو. ڪجهه سنڀاليو. اسلام ۽ اهل اسلام جي حمايت ڪريو. غيرت سکو. وقت جي متقضا ڏسو. آنريبل مسٽر علي رضا جي پيروي ڪريو. رڳو اوهان تي عقل ختم نه آهي، پين پائرن مسلمانن جي عام راءِ جو لحاظ به رکو.

نيٺ ڳالهه به اٿي اچي بيٺي ته مسلمانن جي حقن جو جدا لحاظ هئڻ گهرجي، سو هرجا، هر فرقي کان اهو آواز نڪتو آهي. ڏسون ته اوهان ڇا ٿا چئو؟ آئنده اختيار بنده بي ميارا آخرين ۾ هي به اوهان کي مبارڪ هجي ته اوهان جي مالڪي ۽ سرپرستي ۽ نگراني هيٺ الامين چڱي ترقي ۽ فضيلت حاصل ڪئي آهي. اوهان جي پوزيشن ۽ عزت جي لحاظ تي عمدي طرز تحرير ٿئي ٿي، جنهن کان اوهان جي نالي روشن ۽ عزت دوبالا ٿيڻ جو امڪان آهي. 2- نويمبر 1917ع جو اول ۾ آخر ڏسي ڪو به شريف آدمي الامين کان الامون ڪونه گهرندو؟ هائي ته خير سان ڏينهون ڏينهن ان حال تي اچي بيٺي آهي

تہ — رو سخرگي پيشہ کن و مطربي آموزہ مبارک باشد —
حق موجود وانگي کنهن اشراف وٽ هجي نقد موجود تہ اوهان
جي انهن گرگن جو دهن دريدہ لقمہ سان دوختہ کن. تنهن
کري ان جي گارين ۽ گلائن کان سندن جگر سوختہ بہ وري
ڏسو 9 نويمبر جو ايشو تہ اوهان کان سواءِ ٻيا ادريس ڏينڊڙ
سڀ ايرا غيرا نٿو خيرا هئا. اوهان جي اخبار ۽ اهڙي مسخري
بي لگام — افسوس!

من آنچہ شرط بلاغست باتو ميگويم،
تو خواہ از سخنم پند گير خواہ ملال.

نهايت ضروري اپيل

پچاڙي ۾ اسين مسلمانن اهاليان سنڌ کي هي اپيل ٿا
کريون تہ شاہ آباد جي مظلومن لاءِ، جن جا گهر ٻار ڊاهي،
وسيلو واڙي، ٽپڙ ٽاڙي، لٽو ڪپڙو، زر زيور، ٿانو ٿپو، ان پاڻي،
سڀ بلوائي ڦري ويا آهن. ڪي مجروح، ڪي خانہ بدوش،
ڪي اگهاڙا، ڪي بکيا، ڪي سوال ڪرڻ کان عاري موجود
آهن جن تي چشم فلک بہ اشکبار آهي. انهن لاءِ آرہ ۾ هڪ
انجمن رفاہ عام مظلومين شاہ آباد نالي جاري ڪئي اٿن. جو
جابجا کان چندا ٿا اچن، جن سان انهن مظلومن جي دستگيري
۽ سنڀال ٿي لهجي. ان جو خزانچي مولوي شاہ محي الدين احمد
بي. اي، ايل. بي، وڪيل ۽ رئيس آرہ جو آهي. ان
لکيو آهي تہ مسلمانن جا 27 سؤ گهر لٽيا ۽ ڦريا اٿن، جن
وٽ داڻو ۽ ٽڪڙي بہ ڪانهين. تنهنڪري جنهن صاحب کي
ان مظلومن ڀائرن جي حال تي ڪهل اچيءَ سو پنهنجي مناسب
آهر مٿين خزانچي صاحب کي مني آرڊر ڪري موڪلين ۽
ثواب دارين جو حاصل ڪن. چونڊا آهن تہ سخا ۾ ريا ڪونهين
۽ پل تہ ٻين کي ترغيب اچي — تنهنڪري هي ظاهر ڪرڻ

Gul Hayat Institute

ضرور آهي ته اول راقم آڻھ نيھ رپيا چندو موڪليو آهي. پين صاحبن هيستائين 25 رپيا آهن. جزاه الله خيرا. جنهن زنده قوم سان امان جا پائر ڪلھو هٿين اچڪلھ اسٽيجن تي باري باري ۽ آزادانہ لڪچر ڏئي رهيا آهن، تن کي اهڙيون عادتون به ته سکڻ گهرجن. ٻه ٽي سال وڳو ڏڪارين جي سهائتا لاءِ مسٽر ڀهلاجراءِ واسواڻي ڇا ڇا نہ ڪري گذريو هو؟ جي اهڙو حال هندن سان ٿئي ها ته اڄ سنڌ سان ٻہ ڏسو ها ته لکين رپيا وڃن ها. مگر مسلمان آهن، جو پيو ڪـہ مدّ سماءَ ڪونهين، باقي هوم رول گهرڻ ۽ اسپيچن ڏيڻ لاءِ سو تيار آهن. مسلمان ماوجن ته ڇا، ڦرجن ڪـہ ڇا! (بلبل)

Gul Hayat Institute

THE PUBLIC VOICE OF SIND MOSLEMS

for

BRINGING TO THE KIND NOTICE

of the

SECRETARY OF STATE FOR INDIA

and

COMMISSIONER-IN-SIND

1. The unanimous dissent in the Home Rule question, shown on behalf of all Sind Mohammadans by Sind Mohammadans Association at its general meeting and expressed in the address presented to His Excellency the Viceroy, is quite justifiable and reasonable.

2. Thereafter if signature of any Mohammadan is found to have been taken on Mr Gandhi's draft memorial or any other such reform scheme document, it should be treated as of no significance or weight.

Gul Hayat Institute

3. A few Sind Mohammadans who arepro homerule are either merchants, pleaders, or members of a sect of Mohammadan Community e. g., Khojas, Boris and Memons who are neither sons of the soil nor familiar with the ways and manners of Sind

Mohammadans. Any proposition emanating from them or any demand advanced by them in conjunction with Hindus should therefore never be considered to be representative of the entire Community.

4. The case of Sind is yet quite different and peculiar. Its population consists of nearly 27 lacs of Mohammadans and of only about 7 Lacs of Hindus. In matters educational, however, the difference between the two communities is quite the contrary, the numerically superior race being far behind the other. The claim for Home Rule put forth by the latter may therefore be reasonable but for the former to do so is an absurdity, for it is not yet fit for the same.

5. Even now the Hindu community is predominant in all ranks of Government Service. So if Home-rule is bestowed it is but certain Mohammadans will never get as much share as they get under the present system of Government.

6. Sind was conquered from Mohammadans and is the home of big and respectable Jagirdars and Land-holders. If any wide awake and well-informed administrator has ever shown sympathy with the fallen Mohammadan community in the shape of bestowing some high places on Mohammadans in Government service on considerations of high family or the backwardness of the community or efficiency of administration, the members of the other community have protested strongly in papers and criticised

Gul Hayat Institute

hte action of the official concerned in very unpalatable terms.

7. Since Hindus envy Mohammadans in Government Service, in the Councils, and on the Boards, what trust can Mohammadans repose in them and come forward to claim Home Rule in concert with them simply to plunge themselves in permanent slavery to them (Hindus).

8. It is more preferable for Mohammadans to be under the present Government of British Bureaucracy than to be ruled by Hindus. Mohammadans are satisfied with the Local Government that has been granting to them rights and privileges according to their deserts.

9. The security of the rights of Mohammadans lies in separation from Hindus, for the customs and manners of the former are quite divergent and they are numerically far superior to the latter.

10. Sind Mohammadans are mostly Zamindars and agriculturists and therefore constitute the chief source of revenue to Government. But as long as their two grievances are not remedied, they will never attain felicitous circumstances.

First— All civil suits be referred to private 'Arbitration Courts', limitation set upon 'usury', and the provisions of the Punjab Land Alienation Act 13 of 1900 extended to Sind to guard the

Gul Hayat Institute

Mohammapans' property against alienation by sale, auction and confiscation.

Second— The control of Mohammadans' education should rest with Mohammadans, as under the existing system no benefit is likely ever to accrue to them. The passing of the bill for compulsory education is bound to prove suicidal to Mohammadan interests. For securing to the fallen Mohammadan community the above related two privileges, nay, boons, the name of Honourable Mr: Lawrence will ever remain green in the memory of the Sind Mussalmans like that of late Sir James who immortalized his name by introducing 'The Deccan Relief Act' and the 'Encumbered State system'. Both the names will then remain as bright as the sun for ever in the annals of Sind. Further as full generosity has been shown in respect of the grant of Honourary Magisterial powers, it should be empowered to try small cause civil suits also in the interests of poor agriculturists. In the absence of these things it is next to impossible that the Mohammadan community can ever make any least progress, for all other remedies will be futile and not radical.

11- Not a single clause of the Congress-League reform scheme is conducive to Mohammadan interests. Mohammadans have therefore nothing to do with it.

12. Not only in Sind but in the Punjab too several Mohammadans are deadly against Home Rule and their resolutions or memorials to that effect

Gul Hayat Institute

must have been submitted to the Government.

12. Home Rule is suited to a country peopled by men of one religion and one caste. Such is not the case here.

14. India, as is well proved by its histories, has never enjoyed self-Government. It is a blunder therefore to compare it to England. How then do Indians deem themselves fit for and entitled to Home Rule!

15. We would not grudge if Goverment, out of generosity, grant any wish of the Hindus provided of course Mohammadan interests be not jeopardised thereby.

16. Any demands put forth by Hindus should be considered to have been made solely by them and Mohammadans will have nothing to do with the same even though they may contain a statement to the effect that Mohammadans acquiesce in them-

17. When the relations between the Hindus and Mohammadans are not amicable as evidenced by the recent sad occurrances in Behar, Shahabad, Badiwan, Brailly and Delhi, the grant of Home Rule will on the contrary further such disturbances.

18. When Hindus cannot even make a small sacrifice in the shape of House Tax for the welfare of their country—it being a Ist lesson in self-help—what good can they do to the country when granted

Gul Hayat Institute

Home Rule? The stronger community will have every thing to itself.

19. Mohammadans express their utmost regret at the attitude of the Hindus who have at this momentous juncture of the war embarrassed the Government by their unreasonable demands. This is indeed the most inopportune moment chosen by them.

20. In conclusion, Mohammadans offer their hearty prrayer for the success of the Allies over their ruthless enemy. They also assure the Government of their full sympathies with them and thank God that in this very trying time they have proved themselves to be unflinching in their loyalty and devotion to their sovereign and express a hope they will continue to be so as long as life is in them.

In conclusion, we cannot refrain from observing that since our Hindu brethren of Sind and their lady leaders have beem vauntingly giving out that the country, originally theirs, was made over to the English for mere administration's sake and that they were now demanding it back without at all begging for Home Rule, it will be highly expedient for Government to issue a press communique stating that Government is prepared to return the country with its Home Rule to those from whom it was conquered by them. It should then be seen whether our brethren persist in their demand or show their heels. This will serve as a very effective way of muzzling their mouths because it is as clear as a day that Sind belonged

Gul Hayat Institute

to Mohammadans and was taken from them. How is it then that Hindus demand its Home Rule? What an absurd claim! As a matter of fact Mohammadans should advance this claim but they will do it only when they consider themselves quite fit for it. In the meanwhile why should others meddle in a matter which does not at all concern them?

Note: Besides, objections to the Congress-League Reform Scheme and Sind Provincial Scheme have also been written in this book which forms vernacular part of it.

Shamsuddin "Bulbul"

Gul Hayat Institute

مرحوم شمس الدين بلبل، سنڌ جو پهريون اخبار نويس آهي، جنهن اخبار نويسيءَ کي ڪمال تي پهچايو. پاڻ ڇهن اخبارن ۽ رسالن جا ايڊيٽر رهيا.

جام جم، بلبل مرحوم جي اخبار نويسيءَ جي فن جو هڪ تاريخي يادگار آهي. جنهن ۾ ”آفتاب سنڌ“ اخبار ۾ آيل اهي ايڊيٽوريل آهن جي ”هوم رول تحريڪ“ ۽ سنڌ جي مسلمانن جي حفاظت لاءِ 1918ع ڌاري لکيا ويا.

انهيءَ دور ۾ 1857 کان 1920 تائين ڪيئي تحريڪون پيدا ٿيون، جيئن هوم رول تحريڪ، ڪانگريس، هندو مهاسڀا، مسلم ليگ وغيره. بلبل انهيءَ دور ۾ ”هوم رول“ جي آڙ ۾ مسلمانن جي تهذيبي، سياسي حيثيت کي نظرانداز ڪرڻ جي پاليسي اختيار ڪئي ويئي. ان جي خلاف، ”آفتاب سنڌ“ ۾ احتجاج ڪيو ۽ دليلون پيش ڪري، مسلمانن کي خبردار ڪيو ويو ته ان جار ۾ نه ڦاسن.

ان سلسلي ۾ ان دور جي سياسي ليڊرن جي خيالن تي به سخت تنقيد ڪئي ويئي، خاص طرح غلام محمد خان ڀرڳڙيءَ جي راين سان سخت اختلاف ڪيو ويو آهي جو هوم رول تحريڪ کي مسلمانن لاءِ نفع بخش قرار ڏيئي چڪو هو.

هي ڪتاب انهيءَ دور جي تاريخ آهي، جنهن ۾ ويهين صديءَ واري شروعاتي دور جو سياسي ۽ سماجي پس منظر ڏنل آهي.

Gul Hayat Institute